
ڪهاڻيون
پراڻو قرض
ڪرشن چندر سنڌيڪار: پون سنڌي

# پراڻو قرض

(پرڏيهي ڪهاڻيون)

ڪرشن چندر

پوَن سنڌي


## نئون نياپو اڪيڊمي

سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## حق ۽ واسطا


ڪتاب جو نالو: پراڻو قرض

موضوع: پرڏيهي ڪهاڻيون

ليکڪ: ڪرشن چندر

سنڌيڪار: يون سنڌي

تعداد: هڪ هزار

ڇاپو پهريون: اپريل 2019

پاران: نئون نياپو اڪيڊمي

C_4 سچل ڳوٺ، گلشن اقبال ٽائون، ڪراچي سنڌ

Ph # 021_ 34690389 Cell # 0333_32115821

مُلهه: 200/=

# ارپنا

هن ڌرتي جي گولي تي،
انسانيت جي بقا لاءِ،
واحد ۽ آخري حل،
ڀائيچاري،
سهپ،
۽ رواداري
جي نانءَ.

– يوَن سنڌي

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”پراڻو قرض“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب **ڪرشن چندر** جي 17 ڪهاڻين جو سنڌي ترجمو آهي، جنهن جو سنڌيڪار ناميارو شاعر، ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار **پَون سنڌي** آهي.
مهاڳ ۾ ممتاز بخاري لکي ٿو:

”پون سنڌيءَ جا اهي وڙ اڳ ۾ به موجود آهن جو هنن پرڏيهي ادب مان بهترن چونڊ ڪري ترجما ڏنا آهن ۽ اهي ڪتابي صورت ۾ ڇپيا آهن. ترجمو بنيادي طور تي ٻي تخليق جيترو ئي محنت طلب ڪم آهي. ڌاري ٻوليءَ مان پنهنجي ٻوليءَ جو حصو بڻائڻ انتهائي محنت ۽ ڌيان وارو ڪم آهي، اهو تيستائين ممڪن نه ٿي سگهندو آهي جيستائين پنهنجي ٻوليءَ سان پيار نه هجي ۽ ٻي ٻوليءَ جي عزت نه هجي. پون سنڌي ”پراڻو قرض“ جون سترنهن جون سترنهن ڪهاڻيون اهڙي پيار ۽ چاهه سان ترجمو ڪيون آهن جو جيڪڏهن مون کي اها خبر نه هجي ته اهي ڌاري ٻوليءَ جون آهن ته مان ڪرشن چندر جون اهي سنڌي ڪهاڻيون ئي سمجهان ها.“

هي ڪتاب **نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ ڪراچي** پاران 2019ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پون سنڌيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سنڌا


مهاڳ ممتاز بخاري/7
سنڌيڪار پاران: يوَن سنڌي/10


## ڪهاڻيون


بي رحم رستا/13
پور ويچوٽي/18
بيوقوفي/24
مقدس/28
پراڻو قرض/32
ٿالهيءَ جو واڳڙ/36
ڏڪار اپايو/40
قومي شاعر/46
آدم خور/52
ڪتا پلاننگ/59
جتي جيون جوت جلي/66
گيت ۽ پٽر/71
نهرو ۽ جناح جي ناءُ هڪ طوائف جو خط/77
سيٺ صاحب/83
مڇيءَ جو ڄار/88
بي داغ فولاد/94
ڪرسيءَ جي آتم ڪهاڻي/100

# مهاڳ

**سنڌ** جي ادبي حلقن توڙي ادب پڙهندڙن ۾ ڪرشن چندر ايئن سڃاتو ويندو آهي جيئن هتان جا پيا مقبول ليکڪ. ان جو سبب اهو آهي تہ ڪرشن چندر جي ڪهاڻين توڙي ناولن جا موضوع هتان جي سماجي زندگيءَ جا ئي لڳندا آهن. ڪرشن چندر جو جنم 23 نومبر 1914ع ڌاري راجستان جي شهر ڀرتپور ۾ ان وقت ٿيو جڏهن سندس پيءُ گوري شنڪر چوپڙا اتي ڊاڪٽر طور پوسٽ ٿيو. سندس ڪٽنب برطانوي پنجاب جي شهر وزير آباد جو هو جيڪو هاڻي پاڪستان ۾ شامل آهي. هن جي پيءُ جو پيشو اهڙو هو جو کيس مختلف هنڌن تي رهڻو پوندو هو ان ڪري هو بارڙو ئي هو تہ سندس پيءُ جمون ڪشمير ۾ پونڇ جي مهاراجا وٽ پوسٽ ٿيو. هو لاهور ۾ بہ رهيو. سندس لکڻين ۾ هن جي زندگيءَ جا عڪس بہ ملن ٿا.

ڪاليجي ڏينهن کان هن لکڻ شروع ڪيو. هندي ۽ اردو ۾ لکيائين. سندس پهرين اردو ڪهاڻي "ساڌو" 1932ع ڌاري ڇپي. ان کانپوءِ هن جي لکڻ وارو ڪم هن جي عادت بڻجي ويو. 8 مارچ 1977ع تي ممبيءَ ۾ وفات ٿيڻ تائين هن 20 ناول لکيا ۽ سندس 30 ڪهاڻين جا مجموعا ڇپيا. ريڊيو جا ڊراما بہ لکيائين. فلمي صنعت سان بہ سلهاڙيل رهيو. ڪيئي مضمون ۽ خاڪا بہ سندس ڪريڊٽ تي آهن. پر سڀ کان وڏو ڪريڊٽ اهو اٿس جو سعادت حسين منٽو، راجندر سنگهہ بيدي، عصمت چغتائي جهڙن عظيم لکارين جي وچ ۾ ۽ بعد ۾ ايندڙ بہترين ليکڪن خوشونت سنگهہ، احمد نديم قاسمي ۽ ٻين جي موجودگيءَ ۾ هن پنهنجي انفراديت قائم رکي. ان وقت جي ادبي ترقي پسند تحريڪ جي مهندارن ۾ شامل رهيو. ان ڪري هن کي هندستاني ليکڪ بجاءِ ننڍي کنڊ جو عظيم ليکڪ سمجهيو ويندو آهي.

سندس اڪثر ڪهاڻين يا ناولن جا ڪردار پيڙهيل طبقي سان واسطو رکن ٿا. جڏهن تہ ورهاڱو توڙي ڪشمير ۽ سندس لاهور واري زندگي بہ سندس موضوعن ۾ شامل آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ محبت ۽ وڇوڙن، ڏک ۽ پريشانين، قومي آجپي ۽ سماجي برابري جهڙن معاملن کي اپٽاريو آهي. جڏهن تہ جديد ادبي ڌارائن سان بہ سلهاڙيل رهيو آهي. "ٻہ فرلانگ لمبي سڙڪ" stream of consciousness جو بهترين مثال آهي. ڳالهہ ٻڌائڻ جو ڍنگ انوکو اٿس. اردو، هندي ۽ انگريزي ٻولين ۾ سندس لکيل سمورو مواد هڪ ٻئي کان زور لڳي ٿو.

ڪرشن چندر جو اردو ۾ ڇپيل مواد هڪ پاسي پر هن کي سنڌي ليکڪن بہ سنڌيءَ ۾ اهڙي نموني ترجمو ڪري پيش ڪيو آهي، جو ڪرشن چندر ڄڻ سنڌي ليکڪ بڻجي ويو هجي. اهڙن ترجمي نگارن ۾ پون سنڌي بہ نمايان آهي، جنهن جا اهي وڏا اڳ ۾ بہ موجود آهن جو هنن پرڏيهي ادب مان بهترن چونڊ ڪري ترجما ڏنا آهن ۽ اهي ڪتابي صورت ۾ ڇپيا آهن. ترجمو بنيادي طور تي ٻي تخليق جيترو ئي محنت طلب ڪم آهي. ڌاري ٻوليءَ مان پنهنجي ٻوليءَ جو حصو بڻائڻ انتهائي محنت ۽ ڌيان وارو ڪم

آهي، اهو تيستائين ممڪن نہ ٿي سگهندو آهي جيستائين پنهنجي ٻوليءَ سان پيار نہ هجي ۽ ٻي ٻوليءَ جي عزت نہ هجي. پون سنڌي "پراڻو قرض" جون سترنهن جون سترنهن ڪهاڻيون اهڙي پيار ۽ چاهہ سان ترجمو ڪيون آهن جو جيڪڏهن مون کي اها خبر نہ هجي تہ اهي ڊاري ٻولي جون آهن تہ مان ڪرشن چندر جون اهي سنڌي ڪهاڻيون ئي سمجهان ها. ڪجهہ مثال هي آهن:

"هڪ ٽالهہ وارو هڪ بابو سان جهڳڙو ڪري رهيو آهي. پر توهان منهنجو ٽالهہ اونڌو ڪيو آهي. آئون توهان کي وڃڻ نہ ڏيندس. منهنجو ٽن رپين جو نقصان ٿي ويو. آئون غريب ماڻهو آهيان. منهنجو نقصان پورو ڪريو تہ گهر وڃڻ ڏيندس."

*ڪهاڻي: بي رحم رستا*

"ڪرسچن حسينہ نڪ تان رومال هٽائي ڇڏيو پر سان ويٺل ماڻهو کلڻ لڳا. مهاڻي عورت اچان زور زور سان ٻيڙي پيئڻ لڳي. کلڻ ۽ ٻيڙي پيئڻ جي درميان کنگهہ اچي ويئي. هاڻي هوءَ کلي رهي هئي ۽ ٻيڙي جا دونها هن جي ناسن مان نڪري رهيا هئا. هن جي اکين جي هيٺان ۽ کنن جي ويجهو جهريون اچان بہ گهريون ٿي ويون هيون ۽ کنن ۾ سون جو ڳرو جهمڪو ڪنهن چاندي جهڙي مڇي جيان ائين لٽڪي رهيو هو جڻ مڇي ڪنڊي ۾ ڦاسي تڙپي رهي هجي."

*ڪهاڻي: پور ويچوني*

"اڄ کان بہ سئو سال پهرين انگريزن فيلڊ لفيا جي گهرجا گهر جي عمارت کي نقصان پهچايو هو. اُن لاءِ اوهان ڇهہ پائونڊ اٺ شلنگ ۽ هڪ پينس جو هرجاڻو ادا ڪري، جيڪو قدم کنيو آهي اُن لاءِ آئون توهان جو دلي شڪريو ادا ڪريان ٿو. اڄ کان ڏيڍ سال پهرين اهڙي طرح انگريز فوجن لڙائي ۾ منهنجي ٻن مندرن کي نقصان پهچايو هو. انگريز فوجن جي گولاباري سان اسان جو هڪ مندر تہ بلڪل پڃي پيو هو ۽ ٻئي جي چئوديواري ڪري پئي هئي. اُن زماني جي تحصيلدار نقصان جو ڪاٿو بہ لک لڳايو هو. مهرباني ڪري هي رقم جلد کان جلد موڪلڻ جي زحمت ڪندا. نقصان جو تخمينو تحصيلدار بنارس جي تحريري ثبوت سان گڏ اوهان جي خدمت ۾ موڪلي رهيو آهيان."

*ڪهاڻي: پراڻو قرض*

ايئن پيو لڳي جڻ مان سنڌي ڪهاڻيون ئي پڙهي رهيو آهيان. ٻي اهم ڳالهہ اها آهي تہ ترجمي ۾ ڪهاڻين سان بہ ڪا ڇيڙ ڇاڙ نہ ڪئي وئي آهي، جيئن عام طور ڏٺو ويندو آهي تہ ترجمانگار ڪم ٽپائو وارو طريقو اختيار ڪندي جملن ۽ لفظن جو پنهنجو مطلب ڏئي ڇڏيندا آهن. پر هڪڙي ڳالهہ آهي تہ عام طور اسان وٽ اردوءَ جا جيڪي لفظ رائج آهن اهي بہ ترجمي ۾ ڪتب آندا ويا آهن، جن جا سنڌي لفظ موجود آهن. پر پون سنڌي جي ترجمي جي اها خصوصيت لڳي پئي تہ انهن لفظن کي پنهنجي جاءِ

تي استعمال صحيح ڪيو اٿائين. پر بهتر اصل سنڌي لفظ ئي لڳندو. هي سترنهن ڪهاڻيون انساني جبلتن جو اظهار به آهن ته انساني قدرن سان ٿيندڙ جٽ ۽ انياءَ جو اڇو چٽو به آهن. ڪرشن چندر جي ڪهاڻين جا هن کان اڳ تاج جويو ۽ زيب سنڌيءَ پاران هڪ گڏيل ڪتاب ۾ به ترجما شامل ڪيا ويا آهن. موهن ڪلپنا، ولي رام ولڀ، بيدل مسرور، ٻين به سندس تخليقي ادب کي سنڌي ادب جي ترجمي واري پاڳي جو حصو بڻايو آهي. سو پون به سنڌ جو سڄاڻ ليکڪ آهي جنهن کي اها پڪي ڄاڻ آهي ته ترجمي جي اهميت ڪهڙي آهي. ڇو ته بنيادي طور هو هڪ تخليقي ليکڪ آهي جيڪو شاعري به ڪري ٿو ته شاعرن تي لکي به ٿو. جيئن هو سرويچ سڄاوليءَ بابت لکي ٿو: "سندس محبت ڀريو مشاهدو ۽ شاعري جي اڏام انهن اُٺ ڪتابن جو پڙهيل عالمن، اڪابرن ۽ ڏاهن کان هزار ڀيرا مٿي هئي، جن سرڪاري آشيرواد ۽ وظيفن تي پڙهي عوام جو وقت ۽ پئسو وڃايو آهي. هن جي آتم ڪٿا جيتوڻيڪ تمام ننڍڙي هئي، پر هن جي شاعري جي ڪٿا هن خطي جو پورو دور هئي، جنهن ۾ هتي جو ماضي دفن ٿيل آهي. اڄڙيل حال آهي ۽ روشن مستقبل جو تصور آهي. تڏهن ته مان چوندو آهيان ته هن خطي کي فقط هڪ واري لاءِ فطرت جهڙن حسين شاعرن جي حوالي ڪيو وڃي ته دنيا مان نفرت ختم ٿي وڃي ۽ محبت سنڌو ڏارا جيئن دنيا جي هن ڪنڌ کان هُن ڪنڌ تائين ڦهلجي وڃي. ڪنفيوشس چوي ٿو ته گيت دماغن کي بلنديءَن ڏانهن وٺي ويندا آهن، ۽ موسيقي اها وٿ آهي، جنهن سان ڪا شئي مڪمل ٿيندي آهي."

هتي اهو مثال ان ڪري پيو ڏيان ته جيئن پڙهندڙن کي پروڙ ٿئي ته سندس فن ۽ ادب بابت هن جي قدر ڪرڻ واري صلاحيت جي خبر پئي. اهڙا سندس ٻيا به ڪيئي ليک آهن. ڇو ته پرڏيهي ادب مان چونڊ به هڪ وڏي صلاحيت وارو عمل آهي جيڪو پون سنڌي نيائيندو پيو اچي. سو سائين پونداس لوهاڻو جيڪو ادبي نالي پون سنڌي سان مشهور آهي ان جا سنڌي ادب تي ترجمي وارا ڪرم به وسارڻ جهڙا ناهن.

**_ممتاز بخاري**

سکر

4 جنوري 2017ع

# راتي ڪتا

**هونءَ** تہ منهنجا پرڏيهي ادب مان سنڌي ۾ ترجمو ڪيل ڪهاڻين جا چار ڪتاب 1_ گوري، گهاگهر ۽ گوندر 2_ سرارن پويان ڊوڙندڙ شخص 3_ درد ٻٽيو دلربا ۽ 4_ محبت ماريا ماڻهو اوهان تائين پهچي چڪا آهن. پر ڪرشن چندر جو منهنجو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ڪهاڻين جي پهرئين مجموعي "اگهاڙپ جو فلسفو" ڪانپوءِ سندس ئي ڪهاڻين جي ڪيل سنڌي ۾ ترجمي جو هي ٻيو مجموعو "پراڻو قرض" اوهان جي هٿن ۾ آهي. مون پهرئين مجموعي جي مهاڳ ۾ ڪرشن چندر جو تعارف ۽ سندس قلمي پورهئي بابت تفصيل سان ڄاڻايو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن مجموعي لاءِ بہ اکر لکڻ مهل مون اهو ضروري نہ سمجهيو تہ ساڳئي ورجاءُ ڪان ڪم ونجي. هونءَ بہ ڪرشن چندر کي ڪير نٿو سڃاڻي؟ هن نڌي ڪنڊ جي علم ۽ ادب جي جيڪا ميتا ۽ سڃاڻپ آهي اها ڪرشن چندر جي ذڪر ڪان سواءِ اڻپوري آهي ۽ سدائين رهندي.

منهنجا جڏهن پرڏيهي ڪهاڻين جا ترجما نئون نياپو پاران ڇپائي جي مرحلي مان گذريا پئي تہ انهن ۾ ڪرشن چندر جون ڪهاڻيون بہ شامل هيون. پر پبلشر (سنڌي انعام) جي راءِ هئي تہ ڪرشن چندر جي ڪهاڻين کي انهن مجموعن ۾ آڻڻ بدران ڌار سندس ڪهاڻين تي ٻڌل ڪتاب آڻجي. مونکي بہ اها تجويز وڻي. بس پوءِ سنڌي انعام ڪرشن چندر جي ڪهاڻين جا ڪتاب بہ موڪلي ڏنا ۽ هڪ عدد فون بہ گهمايو تہ "سائين! توهان جو ڪرشن چندر جي ڪهاڻين جو ڪيل ترجمي جو تعداد مجموعي آڻڻ لاءِ اڻپورو آهي. اجا بہ ڪي ڪهاڻيون ترجمو ڪري ڏيو تہ ڪتاب مارڪيٽ ۾ آڻيون." بس پوءِ ڪتاب جي پيٽ جي ڪوٽ پرڻ لاءِ ڪرشن جي ڪهاڻين جو ترجمو ڪرڻ وينس. پر ڪرشن چندر جي لکڻين جو سحر جيڪو مون تي ننڊي هوندي ڪان طاري آهي سو پلا ڪٿي ٿو ختم ٿئي؟. هونءَ تہ آئون ترجمي جي معاملي ۾ انتهائي محتاط رهيو آهيان. گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ پندرهن ڪهاڻيون پڙهندو آهيان ۽ انهن مان ورلي ڪنهن هڪ ئي ڪهاڻي جي ترجمي لاءِ چونڊ ڪندو آهيان. پر ڪرشن چندر جي هر ڪهاڻي کي پڙهڻ ڪانپوءِ ان کي ترجمو ڪرڻ تي دل چاهيو ۽ نتيجي ۾ مجموعي لاءِ گهربل ٻن ٽن ڪهاڻين جي بدران آئون ڪوڙ ساريون ڪهاڻيون ترجمو ڪري وينس. ۽ ايئن ڪرشن چندر جي ڪهاڻين جا سنڌي ۾ ترجمي جا هڪ بدران ٻہ مجموعا اوهان جي هٿن تائين پهچي رهيا آهن.

مون ٿورو گهڻو جيترو بہ پرڏيهي ادب کي پڙهيو آهي تہ مونکي گهڻو ڪري لڳو آهي تہ ڪهاڻيڪار يا ناول نويس (شاعر کي آئون ان ۾ شامل نٿو ڪريان) ڪنهن بہ ڪهاڻي يا ناول کي سرجڻ لاءِ ان جو پهريان خاڪو (پلاٽ) گهڙيندو آهي. پوءِ ان لاءِ منڍ، ڪلائيميڪس، نهڪندڙ ڪردار، منظر نگاري ۽ لفظن ۽ جملن (ڊائلاگ وغيره) جو استعمال اهڙي ريت ڪندو آهي جئين اها لکت پڙهندڙن

تي ڀرپور اثر ڪري ۽ ادب ۾ پنهنجو ڏار مقام ماڻي، پر ڪرشن چندر جي لکڻين مان مونکي ايئن نہ لڳو آهي. هو ڪهاڻي يا ناول وغيره لکڻ لاءِ ڪا خاص تياري (شعوري ڪوشش) ڪندي نظر نٿو اچي. ۽ نہ ڪو هٿراڌو منڍل منڍي ٿو. هن جي ناولن ۽ ڪهاڻين جا ڪردار زندگيءَ ۾ جيئن آهن. ڪهاڻين ۾ بہ تيئن ئي آهن. بنا ميڪ اپ ۽ ڪاسٽيوم جي هلندڙ گهمندڙ اوهان جي آسپاس جتي ڪٿي ملندا. ريل جي ڊبي ۾، طوائف جي ڪوٺي تي، بازارن ۾ مال کپائيندي، سيٺ جي پيڍي تي، بند حويلين ۾، اسپتال جي سسڪيون ڀريندڙ بسترن تي، اسڪول ۾ وچايل ڪتابن ۾ بند شوڪيسن جي دڪانن تي، غربت ۽ اميريءَ جي وچ ۾ پاتل ليڪن تي، باغن، برن، پٽن ۾ اوسيئڙي ۾ وچايل اکين ۾، سرڪاري آفيسن ۽ سياسي ايوانن ۾، جهوپڙي ۾ جاڳندڙ دردن ۽ محلن ۾ ماڻجندڙ مستين ۾ ڀاڪڙا هوٽل ۾ آئيندي جا خواب ڏسندي چانهہ جي ڪوپ تي..... ۽ پوءِ جڏهن ڪرشن چندر جا لفظ انهن کي ڪهاڻي يا ناول جي تاجي پيٽي ۾ آڻين ٿا تہ ايئن محسوس ٿئي ٿو تہ هي شعوري يا دانستہ لکت تي ئي نٿي سگهي. هي تہ اندر ۾ پيهي نڪرندڙ اکر آهن ۽ ايئن في البديع، جيئن شاعر شعر سرجيندا آهن ۽ امرتا ماڻيندا آهن. ۽ پوءِ.... ماڻهوءَ کي ايئن محسوس ٿيندو تہ هي ڪنهن ناول يا ڪهاڻيءَ جا ڪردار نہ پر مان پاڻ آهيان. انهن جا درد، انهن جا ڪرب، انهن جو خوشيون ۽ انهن جا ٿهڪ پنهنجا محسوس ٿيندا آهن. انهن جا سپنا پنهنجا سپنا ۽ انهن جو آڇپو پنهنجو آڇپو پائيندو آهي، ۽ سونهن ۽ سوڀيا جا سڀ رنگ ۽ فڪر جون سڀ ڦرهيون هن جي اندر کي روشن ڪري چڪيون آهن.

ڪرشن چندر جي ڪهاڻين جو پنهنجو ماحول ۽ پنهنجي مخصوص اندازِ واري ٻولي آهي، جنهن جو ڪينواس هن جي پنهنجي ڌرتي ۽ اُن تي وسندڙ مخلوق آهي. هر ٻولي جي پنهنجي سونهن، خوشبوءِ، مزاج ۽ ماحول آهي. مون پنهنجي طور تي اها ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪرشن جي ڪهاڻين کي سنڌيءَ ۾ اُٿلو ڪرڻ وقت هن جي پنهنجي ٻولي جي چاشني، بيهڪ ۽ ماحول جي رنگ ۾ رنگ نہ پوي ۽ سنڌ جو پڙهندڙ ترجمو ڪيل ڪهاڻين کي پڙهڻ مهل بہ اُهائي خوشبوءِ محسوس ڪري جيڪا هن جي اصل لکڻين ۾ محسوس ٿئي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو اُردو جي لفظن ۽ محاورن جو سنڌيءَ ۾ نعم البدل هئڻ جي باوجود بہ مون شعوري طور تي ترجمي ۾ ڪٿي ڪٿي اُردو ٻولي جا ساڳيا لفظ ۽ محاورا برقرار رکيا آهن. (اُهي لفظ ۽ محاورا سنڌيءَ ۾ بہ عام طور استعمال ٿين ٿا ۽ سني نموني سمجهيا وڃن ٿا ۽ اُنهن ۾ اوپرائپ جو احساس نٿو ٿئي) ڇو جو مان ڄاڻان ٿو تہ هر ٻولي ۾ ڪي خاص لفظ ۽ محاورا اهڙا هجن ٿا جيڪي ئي فقط اُن ٻولي جي ڌرتي، بيهڪ ۽ ماحول جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا ۽ خوام خواهہ جي ترجمي سان اُهي پنهنجي معنيٰ، مفهوم، پس منظر ۽ اصليت وڃائي ويهن ٿا ۽..... بہ لڳن ٿا. ڪير ڪٿي منهنجي راءِ سان پڪي سهمت نہ ٿئي ۽ اهو سندس حق بہ آهي. پر مون اهو بهتر ۽ مناسب سمجهيو تہ انهن لفظن ۽ محاورن جي اجائي ڇيڙڇاڙ يا وڍ ڪٽ نہ ڪجي ۽ اهڙي طرح ڪرشن چندر ڪهاڻين جي اصل مزاج ۽ روح جي سونهن ۽ سڳنڌ کي قائم رکجي.

ڪرشن چندر جي لکڻين ۾ جتي جاگيرداري ۽ سرمايہ داري سماج ۾ پلجندڙ انسانن جي زندگي،

حالتن ۽ ان تي اثرانداز ٿيندڙ ڪيفيتن جو گهرو مشاهدو نظر اچي ٿو. اتي طوفان کان به تيز اڀندڙ اشتراڪي نظام (ڪميونزم) جو انساني سماج ۽ دنيا تي پوندڙ اثر جو اولڙو پڻ پسي سگهجي ٿو.

ڪرشن چندر جنهن دور ۾ ساهه کنيو ان دور جو سماج، حالتون ۽ رهڻيون ڪهڻيون ٻيون هيون. جاگيرداري کان وٺي سرمائيداري نظام تائين، ڪميونزم کان وٺي گلوبل وليج تائين، دنيا ۾ ڪافي اٿلون پٿلون آيون آهن. ڪالهه وارو سماج اڄ ناهي، ڪالهه واريون حالتون اڄ ناهن ۽ سڀاڻي اڄ واريون حالتون نه رهنديون. پر منهنجي نظر ۾ ڪرشن چندر جي لکڻين جو وڏو ڪمال اهو آهي ته هن جون لکڻيون. جڏهن ڪالهه به مقبول هيون ۽ ماڻهن جن دليون موهينديون رهيون ته اهي اڄ به ماڻهن کي پاڻ ڏي ڇڪين ٿيون. اهو انهي ڪري جو ڪرشن چندر اسان جي لطيف جذبن ۽ احساسن کي بخوبي سمجهي لکيو ۽ انسان جا لطيف جذبا ۽ ڪومل احساس ڪڏهن به ماضي بڻجي نٿا سگهن. سماجي، سياسي، معاشي حالتن ۾ ڀلي ڦير يا تبديلي اچي پر پيار، محبت، درد ڪرب، خوشي، ٿڪ، خوشبو فطرتي سونهن ۽ منظر ۽ انساني قدر هر دور ۾ پنهنجي سگهه ۽ جلا سان پاڻ موڪيندا ۽ موهيندا رهندا. ڪرشن چندر جي لکڻين ۾ انهن سڀني ڪيفيتن جو پرتئو موجود آهي. هن جي قلم انساني روح جي گهراين ۾ ٽٻيون هڻي اهي موتي آڻي ڏنا آهن جن جي چمڪ کي وقت ڪڏهن به ڪسارو نٿو ڪري سگهي ۽ نه ئي انهن جو نور جهڪو ڪري سگهجي ٿو.

هن جي لکڻين ۾ اسان جي ازلي پيڙائن ۽ ابدي خوشين جو احساساتي ذڪر آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪرشن چندر ڪالهه به ماڻهن ۾ زياده پڙهيو ويندڙ ليکڪ هو ۽ اڄ به هن جو شمار زياده پڙهيو ويندڙ ليکڪن ۾ ٿئي ٿو. هن کي وقت ڪڏهن به فنا جي عفا ۾ گم نٿو ڪري سگهي.

ڀُونءِ جو ٻندو

**ڀوَن سنڌي**

bhawansindhi1@gmail.com

# بي رحم رستا

**ڪورٽن** کان وٺي لا ڪاليج تائين بس اها ڪا ئي ٻہ فرلانگ سڙڪ هوندي. هر روز مون کي هن سڙڪ تان گذرڻو پوندو آهي. سڙڪ جي ٻنهي پاسي ٽالهي جا سڪل اداس وڻ بيٺل آهن. اُنهن ۾ نہ حسن آهي نہ ئي ڪا ڇانو. سخت، ڪرڪرا، ٽڙن ۾ تارين وٽ گذهن جا ڪنڪ. سڙڪ صاف سڙي، سڌي ۾ سخت آهي. مسلسل نون سالن کان ان تي هلي رهيو آهيان. نہ هن ۾ ڪو ڪڏو ڏنو آهي نہ ئي ڪو ڏار. سخت پٿرن کي ڪٽي هي سڙڪ تيار ڪئي وئي آهي. ۽ هاڻي هن تي ڏامر بہ وڇايو ويو آهي. جنهن جي عجيب قسم جي بوءِ گرمي ۾ طبيعت کي پريشان ڪري ڇڏيندي آهي.

سڙڪون تہ مون بہ جام ڏٺيون آهن. ڊگهيون ڊگهيون، ويڪريون ويڪريون سڙڪون، ڏامر سان ڍڪيل سڙڪون، سڙڪون جن تي ٻاڙهي بجري وڇايل هئي، سڙڪون جن جي چوگرد سرو ۽ شمشاد جا وڻ لڳل هئا. سڙڪون...... پر نالو ڳڻائڻ مان ڇا فائدو. انهيءَ طرح تہ لاتعداد سڙڪون ڏٺيون هونديون. پر جيترو بهتر آئون هن سڙڪ کي سڃاڻان ٿو ڪنهن گهري دوست کي بہ اهڙي سٺي نموني نٿو ڄاڻان. لڳاتار نون سالن کان ان کي سڃاڻان ٿو ۽ هر صبح پنهنجي گهر کان دفتر وڃان ٿو. جيڪو ڪورٽن جي ويجهو آهي ۽ لا ڪاليج جي پرسان آهي. بس اها ٻہ فرلانگ جي سڙڪ. هر صبح هر شام ڪورٽن کان وٺي لا ڪاليج جي آخري دروازي تائين، ڪڏهن سائيڪل تي تہ ڪڏهن پيادو.

هن سڙڪ جو رنگ ڪڏهن بہ نٿو بدلجي. ان جي هيئت ۾ تبديلي نٿي اچي. هن جي شڪل ۾ هميشہ رڪائپ هوندي آهي. ڄڻ چئي رهي هجي تہ "مون کي ڪنهن جي ڪهڙي پرواهہ؟" ۽ اهو آهي بہ سچ. ڀلا اُن کي ڪنهن جي پرواهہ ڇو هجي؟ سوين هزارين انسان، ٽانگا، موٽرون ان تان روز لنگهن ٿيون ۽ پويان اُنهن جو ڪو نالو نشان نٿو رهي. ان جي هلڪي نيري ۾ سانوري سطح اهڙي طرح سخت ۽ پٿريلي آهي جهڙي پهريئين ڏينهن هئي، جڏهن اُن کي هڪ يورپين ٺيڪيدار ناهيو هو.

اها ڇا سوچي ٿي؟ شايد اها سوچي ئي نٿي. منهنجي سامهون نون سالن ۾ هن ڇا ڪيو. ڪئين واقعا ۽ حادثا ڏٺا. هر روز هر وقت ڪهڙا تماشا نٿي ڏسي؟ پر ڪنهن بہ اُن کي هن وقت تائين مسڪرائيندي نہ ڏٺو ۽ نہ ئي رئندي. هن جي پٿريلي ڇاتي ۾ اڃان هڪ ڏار بہ ناهي پيو.

"هائي بابو! انڌي محتاج غريب فقير تي رحم ڪر. اڙي بابا! اي بابو! خدا جي نالي هڪ پئسو ڏئي وڃ. اڙي ابا ڪوئي ڀڳوان جو پيارو ناهي صاحب! منهنجا ننڍڙا ٻارڙا بک مرن پيا. ڪو تہ ترس ڪائو انهن يتيمن تي."

ڪوڙ سارا فقير ان سڙڪ جي پاسن کان ويٺا هوندا آهن. ڪو انڌو آهي تہ ڪوئي منڊو ڪنهن جي ٽنگ تي هڪ خطرناڪ زخم آهي تہ ڪا غريب عورت ٻن ٽن ٻارن کي پنهنجي گود ۾ ويهاري حسرت پرين نگاهن سان راهہ ويندڙن ڏانهن ڏسندي رهي ٿي. ڪو پيسو ڏيئي وڃي ٿو ۽ ڪو منهن ڦٽائي گذري

وجي ٿو. ڪو گاريون ڏي ٿو. حرامزادا ڪم نٿو ڪرين، خيرات ٿو وٺين.

ڪم، ڏنڊو بيروزگار، خيرات

ٻه ڇوڪرا سائيڪل تي ڪلندا وڃن پيا. هڪ پوڙهو امير ماڻهو پنهنجي شاندار فٽن ۾ ويهي سڙڪ تي وينل فقيرياڻي کي ڏسي رهيو آهي، ۽ پنهنجين آڱرين سان مڇن کي تاءُ ڏئي رهيو آهي. ايتري ۾ هڪ ڪتو فٽن جي ويلن جي هنيان اچي ويو آهي. هن جون چيلهه جون هڏيون ڀڄي پيون آهن ۽ اُن مان خون وهي رهيو آهي. هن جي اکين ۾ درد، بي وسي هن جون هلڪيون رڙيون ڪنهن کي پنهنجي طرف ڏيان ڇڪائي نٿيون سگهن. پوڙهو ماڻهو هاڻ ڪار جي سيٽ تي جهڪي اُن عورت کي ڏسي رهيو آهي، جنهن کي خوبصورت ڪاري رنگ جي ساڙهي پاتل آهي ۽ پنهنجي نوڪر سان ڳالهيون ڪندي وڃي رهي آهي. هن جي ساڙهي جي پلئہ تي ڪيل موتين جي جڙاءُ پوڙهي جي لالچي اکين ۾ چنڊ جي ڪرڻي جيان چمڪي رهيو آهي.

وري رکي رکي سڙڪ سنسان ٿي وڃي ٿي. صرف هڪ جڳهه ٽالهي جي ڇڏي ڇانو ۾ هڪ ٽانگي وارو گهوڙي کي ڇوڙي ساهي ڏياري رهيو آهي. گڏهه ٽارين تي ويهي هينگو ڏيئي رهيا آهن. پوليس جو سپاهي اچي ٿو. هڪ زور سان سيٽي هڻندي، اوٽانگي وارا! هتي ڇا ڪري رهيو آهين؟ ڇا نالو آهي تنهنجو؟ ڪريان چالان؟

“حجور، حجور ( حضور).”

“حجور جا پٽ هل ٽاٽي تي.”

“حجور هي ٿورا وٺو.”

“نيڪ آهي وڃ توکي معاف ڪيو.”

ٽانگي وارو ٽانگي کي تيز ڀڃائي رهيو آهي. رستي ۾ هڪ گورو اچي رهيو آهي. مٿي تي ٽيڙهي ٽوپي، هٿ ۾ بيد جي لڪڻ ڇهري تي پگهر، ڇپن تي ڪنهن گاني جا ٻول.

“ڪئنٽونمينٽ وٺي هل.”

“اٺ آنا صاحب.”

“نيڪ آهي ڇهه آنا.”

“نہ صاحب.”

“ڇا ٿو بڪين تون.....”

ٽانگي واري کي مارينديي بيد جي لڪڻ ٽٽي پوي ٿي. پوءِ ٽانگي واري جو چمڙي جو هنٽر ڪم اچي ٿو. ماڻهو گڏ ٿين ٿا. پوليس جو سپاهي بہ پهچي وڃي ٿو. حرام زادا صاحب بهادر کان معافي وٺ. ٽانگي وارو پنهنجي ميري پڳڙي سان لڙڪ اُگهي رهيو آهي. ماڻهو ٽڙي پکڙجي وڃن ٿا.

هاڻي سڙڪ وري ويران آهي. شام جي ڏنڊ ۾ بجلي جا فانوس روشن ٿي ويا آهن. مون ڏٺو تہ ڪورٽن جي ويجهو ڪجهه مزدور وارو ڪريل، لباس ميرو پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا آهن.

“ياڻهي ڪم ڪي لڳي ويو؟.”

“ها”.

“پگھار سٺو ملندو هوندو؟.”

“ها.”

“هاڻي سٺو گذر ٿيندس پهرين تہ سندس زال قاتل ساڙهي ۾ گذارو ڪندي هئي.”

“ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ جنگ شروع ٿيڻ واري آهي؟”

“ڪڏهن شروع ٿيندي؟”

“ڪڏهن؟ ان جي مون کي خبر ناهي. پر غريب ئي ماريا ويندا.”

“ڪير ڄاڻي تہ غريب ماريا ويندا يا امير.”

“ننڍڙو ڪيئن آهي؟”

“بخار نٿو ٽٽي. ڇا ڪريون. هيڏانهن ڪيسي ۾ پئسا ڪونهن, هوڏانهن حڪيم جي دوا....”

“فوج ۾ ڀرتي ٿي وڃ.”

“سوچيان پيو.”

“رام رام.”

“رام رام.”

قاتل ڏوتيون, اگھاڙا پير, جهڪيل قد, هي ڪهڙا ماڻهو آهن؟ هي نہ تہ آزادي چاهين ٿا ۽ نہ ئي بغاوت هي ڪهڙيون عجيب ڳالهيون آهن؟ پيٽ, بک, بيماري, پيسا. فانوس جي جهڪي روشني سڙڪ تي پئجي رهي آهي.

ٻہ عورتون- هڪ پوڙهي ۽ هڪ جوان, صوفن جون ٽوڪريون کڻي گڏهن جيان سهڪندي وڃي رهيون آهن. جوان عورت جي چال تيز هلي رهي آهي.

“ڏي ٿورڙو ترس” آئون ٿڪي پيس... منهنجا الله!”

“امان اجان گهر هلي ماني پچائڻي آهي. تون تہ صفا سادي آهين.”

“نيڪ آهي ڏي نيڪ آهي.”

پوڙهي عورت جوان عورت جي پويان ٻڪندي پئي وئي. بار جي سبب هنجون ٽنگون ڏڪي رهيون هيون. هن جا پير آٽڙي رهيا هئا.

هوءَ صدين کان سڙڪ تي هلي رهي آهي. صوفن جو وزن ڪلهن تي کڻندي, ڪير بہ هن جو بوجهہ نٿو گهٽائي ڪوئي هڪ پل هن کي آرام نٿو ڏي, هوءَ ٻوڙندي رهي ٿي. هن جون ٽنگون ڏڪي رهيون آهن. هن جا پير آٽڙجي رهيا آهن. هن جي پيرن ۾ لفون آهن, پيڙا آهي ۽ بک, ۽ پريشاني ۽ غلامي ۽ صدين جي غلامي.

ٽي چار جوان ڇوڪريون, پڙڪيليون ساڙهيون پاتل ٻانهن ۾ ٻانهون ملائي وڃي رهيون آهن.

“پيڻ اڄ شملا جو سير ڪريون.”

“پيڻ اڄ لارينس گارڊن هلون.”

“پيڻ اڄ انارڪلي.”

“ريگل؟”

“شٽ اپ يوفول.”

اڄ سڙڪ تي ڳاڙهو حلواڻ وڇايل آهي. جهنڊيون لڳل آهن. جتي ڪٿي پوليس بيٺل آهي. ڪو وڏو ماڻهو اچڻ وارو آهي. تڏهن ته اسڪول جا ننڍا ننڍا ٻارڙا نيريون پڳڙيون ٻڌي سڙڪ جي ٻنهي پاسن کان قطار ۾ بيٺا آهن. اُنهن جي هٿن ۾ ننڍيون ننڍيون جهنڊيون آهن. اُنهن جي چپن تي مٽي ڄمي وئي آهي. انهن جا چهرا اُس ۾ تپي ويا آهن. اهڙي طرح بيهه هو ڏيڍ ڪلاڪ کان وڏي ماڻهو جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن. جڏهن هو شروع شروع ۾ سڙڪ تي بيٺا هئا ته پاڻ ۾ ڪلي ڪلي ڳالهيون ڪري رهيا هئا. هاڻي سڀ چپ آهن. ڪجهه ٻارڙا هڪ وڻ جي ڇانو ۾ ويهي رهيا هئا. هاڻي انهن کي اُستاد ڪن کان پڪڙي اُٿاري رهيو آهي. شفيع جي پڳڙي کلي وئي. اُستاد هن کي گهوري ڇئي رهيو آهي. پڳڙي ٺيڪ ڪر. پياري لال جي تلوار هن جي پيرن ۾ وچڙي وئي آهي.

“توکي ڪيترا دفعا سمجهايو آهي پياري لال.”

“سائين پاڻي.”

“پاڻي ڪٿان آڻيان.” هتي به توهان پنهنجو گهر سمجهيو آهي ڇا؟ ٻه ٽي منٽ وڌيڪ انتظار ڪريو موڪل ٿيڻ واري آهي.”

ٻه منٽ، ٽي منٽ اڌ ڪلاڪ......

“سائين پاڻي”.

“سائين گهڻي اُڃ لڳي آهي.”

پر هاڻي اُستاد ان طرف ڌيان ئي نٿو ڏي. هو هيڏانهن هوڏانهن دوڙندو گهمندو رهيو. ڇوڪرا تيار ٿي وڃو. ڏسو جهنڊيون هن طريقي سان هلائجو. “ڇورا تنهنجي جهنڊي ڪٿي آهي؟ قطار کان ٻاهر نڪر بدمعاش ڪنهن جاءِ جا.... گاڏي اچي رهي آهي.”

موٽر سائيڪلن جو گوڙ، بينڊن جو شور بي دلي سان لڏندڙ ننڍيون ننڍيون جهنڊيون. خشڪ ٿي ويل گلن مان نڪرندڙ بي جان نعرا.

هاڻي وڏو ماڻهو سڙڪ تان گذري چڪو آهي. ٻارڙن جي جان ۾ جان اچي وئي آهي. هاڻي هو ٽينگ ٽپا ڏيئي جهنڊين کي ٽوڙي رهيا آهن، گوڙ ڪري رهيا آهن.

هوڪي وارن جون صدائون، ريوڙيون گرم، چڻا گرم، حلوو پوري، نان ڪباب.....

هڪ ٽالهه وارو هڪ بابو سان جهڳڙو ڪري رهيو آهي.” پر توهان منهنجو ٽالهه اونڌو ڪيو آهي. آئون توهان کي وڃڻ نه ڏيندس. منهنجو ٽن رپين جو نقصان ٿي ويو. آئون غريب ماڻهو آهيان. منهنجو

نقصان پورو ڪريو ته گهر وڃڻ ڏيندس.“

صبح جي هلڪي هلڪي روشني ۾ پنگي سڙڪ تي ٻهاري ڏيئي رهيا آهن. اُنهن جي وات ۽ نڪ تي ڪپڙو ٻڌل آهي. جيئن ڍڳن جي منهن تي جڏهن هو گهاٽو هلائيندا آهن. اُها دز بيئي ئي آهي ۽ هو ٻهاري ڏيئي رهيا آهن. ميونسپالٽي واري گاڏي آهستي آهستي سڙڪ تي چٽڪار ڪري رهي آهي. گاڏي ۾ جوٽيل ٻن ڍڳن جي ڳچي ۾ زخم تي ويا آهن. پاٽي چٽڪڻ وارو سردي ۾ ڪنبندي ڪوئي گيت ڳائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ڍڳن جون اکيون حيرت مان جانچي رهيون آهن ته هاڻي سڙڪ جو ڪيترو حصو باقي بچيو آهي.

سڙڪ جي ڪناري هڪ پوڙهو گڏهه مئو پيو آهي. اُن جا ميرا ڏند چپن جي اندر دٻجي ويا آهن. اُن جون ڪليل بي نور اکيون آسمان جي طرف تڪي رهيون آهن.

خدا جي لاءِ مون غريب تي رحم ڪائو بابا.

ڪير به ڪنهن تي رحم نٿو ڪري. سڙڪ خاموش ۽ سنسان آهي. اها سڀ ڪجهه ڏسي ٿي، ٻڌي ٿي مگر اُن تي ڪو به اثر نٿو ٿئي. انسان جيان بي رحم، بي حس، وحشي.

انتهائي غصي ۽ غضب جي حالت ۾ اڪثر سوچيان ٿو ته جيڪڏهن ان کي ڊائناميٽ لڳائي اُڏايو وڃي ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ هڪ وڏي ڌماڪي سان اُن جا ٽڪرا فضا ۾ اُڏامندا نظر ايندا. اُن وقت مون کي ڪيڏي خوشي ٿيندي، اُن جو ڪير اندازو به نٿو ڪري سگهي.!؟ ڪڏهن ڪڏهن اُن جي مٿان هلندي هلندي آئون جڻ پاڳل ٿي ويندو آهيان ۽ چاهيندو آهيان ته ان مهل ڪپڙا ڦاڙي اُگهاڙو ٿي سڙڪ تي نچڻ شروع ڪريان ۽ زور سان رڙيون ڪري چوان، ”آئون انسان ناهيان. آئون پاڳل آهيان. مون کي انسانن کان نفرت آهي. مون کي پاڳل خاني جي غلامي قبول آهي. آئون انهن سڙڪن جي آزادي نٿو چاهيان.“

سڙڪ خاموش آهي دڙن تي وڻن جي اوٽ ۾ وينل گڏهه هينگو ڏيئي رهيا آهن.

هي به فرلانگ ڊگهي سڙڪ!

***

# پور وڇوٽي

“**فرسٽ ڪلاس**” جي ڊبي ۾ ماڻهو ڪفن جي طرح اُجرو لباس پائي سپرنگ واري سيٽن تي ويٺي ريل گاڏي جي جهٽڪي ۾ موم جي بوتن جيان لڏي رهيا هئا. انهن بوتن جي هٿن ۾ اخبارون هيون يا رنگ برنگي آمريڪي ناول، دري جي پرسان جيڪا عورت ويٺي هئي اُها به پاٽي جي رنگن جي تصوير جيان ساڪت ۽ جامد نظر آئي ٿي. هتي ڪنهن به ڪنهن سان نٿي ڳالهايو. ڪنهن به ڪنهن ڏانهن نه ٿي ڏٺو . هتي مسلسل خاموشي هئي ۽ گهرو سناٽو. رميش کي لڳو ته ڄڻ هو ڪيترا هزار سال پراڻي مندر ۾ اچي نڪتو هجي ۽ حيرت مان پٿر جي بتن کي ڏسي رهيو هجي.

“ٿرڊ ڪلاس” جي ڊبي ۾ گهڻي رش هئي. هو وڏي مشڪل سان اندر داخل ٿي سگهيو ۽ ڏبي جي دروازي جي ويجهو ئي ويهه رهيو. ٿورڙي جڳهه هن کي ملي جنهن ۾ هو پنهنجو هڪ پير فرش تي ٽڪائي سگهيو. ٻئي پير رکڻ جي جڳهه ئي ڪو نه هئي. ٻيو پير هن ٿورڙو پويان سرڪايو ته ڪارن وارن واري چمڪيلي سانوري ڪرسچن سندري اُن هن ڏانهن سواليه انداز ۾ ڏٺو. پر رميش به مجبور هو. هاڻي هن جي هڪ ٽنگ مريئي ڪان وٺي ران تائين ڄڻ ان سانوري ڇوڪري سان ڇهتي وئي هئي ۽ هاڻي ٻنهي ٽنگن گاڏي جي لوڏن جي ردم تي اسپرنگ جي طرح حرڪت ڪئي ٿي. هي فقط هڪ اتفاق هو. پر انساني جسم جو ڇا ڪيو وڃي. هي به هڪ مشين آهي. جيستائين هي مشين هلي ٿي، حرڪت ڪري ٿي ته ان مان نتيجا مرتب ٿين ٿا. ڇوڪري جو چهرو ٻهڪي اُٿيو ۽ رميش کي هن جي وارن مان خوشبوءِ به اچڻ لڳي. ۽ ڇوڪري جي ڇهري تي پگهر جون ننڍڙيون بوندون ڦٽي نڪتيون، جيئن گل جي پنن تي ماڪ ڦهلجي ويندي آهي ۽ شايد هن جي ڪنن ۾ مڪمل پيهي ويندڙ گاڏي جي آواز جي لئه تي، هوءِ نچي رهي هئي. شايد رميش جي دل به ان لئه تي نچي رهي هئي. هن جي دل چاهيو ته هو ان عيسائي سندري کي پنهنجي ياڪرن ۾ ڀري وٺي ۽ اُن جي ننڍڙن اڌ ڪليل چپن تي پنهنجا چپ رکي ڇڏي. اهو ته شڪر هو جو لوڪل ٽرين ايڏي تيز نه ٿي هلي. ريل اڳين اسٽيشن تي بيهه رهي ۽ هتي ڪا في مسافر لهي ويا ۽ ٻين مسافرن جي اندر اچڻ کان اڳ ۾ عيسائي سندري پنهنجي لاءِ سيٽ ڳولي ڪري ورتي ۽ پنهنجي ڦهليل جسم تي چيل ڪان ڪلهي تائين هٿ ڦيريندي هڪ اڌڙوٽ عمر جي مهاڻي عورت جي پرسان ويهي رهي.

رميش ۽ـ وري پوءِ هن عيسائي ڇوڪري هڪ لمحي لاءِ محبوب نگاهن سان هڪ ٻئي کي ڏٺو ۽ پوءِ هڪ ٻئي لاءِ اجنبي ٿي ويا. جيئن به چاهڻ وارا ٿي ويندا آهن. رميش سوچڻ لڳو ته هي انساني جسم به ڪيتري نه عجيب مشين آهي، جڏهن بجلي جو ڪرنٽ ڪٽجي وڃي ٿو ته جذبات ڪم نٿا ڪن ۽ جيستائين بجلي جي لهر جاري ۽ ساري رهندي آهي، ساري ڪائنات ناچ ڪندي معلوم ٿيندي آهي.

ڏبي ۾ به سرڪاري پٽيوالا داخل ٿيا ۽ ٽي چار ساڌو ۽ هڪ فقير جيڪو مختلف جانورن جون

ٻوليون ٻولي پئسا پني رهيو هو. هي اهو پينو فقير اکين کان انڌو هو ۽ هن جو مٿو ڪوڙهه ۽ چهري تي ماتا جا داغ هئس هن پنهنجو ساڄو هٿ وات تي رکي ۽ ڪڏهن کاٻو هٿ ۽ ڪڏهن کاٻو ساڄو ٻئي هٿ پنهنجي وات تي رکي مختلف آواز ڪڍيا ٿي.

هي ڪانگ ٻولي ٿو "ڪانءُ ڪانءُ"

انڌي پلا ڪڏهن ڪانگ ڏٺو آهي جڏهن هو پنهنجن ڪارن چمڪيلن کنڀن کي ڦهلائي نيري آسمان ۾ اُڏامندو آهي ۽ شينهن کي ڏسندي ٻارن جيان گوڙ ڪندو آهي؟

" ۽ هي جابلو ڪانگ......"

جابلو ڪانگ؟ انڌا! تو ڪڏهن جبل ڏٺا آهن؟ اوچا اوچا جبل جن جي آسمان کي ڇهندڙ چوٽين تي برف هوندي آهي. جن جي سيني مان آبشار وهي نڪرن ٿا ۽ جهنگل جي سبزوادين ۾ نوريئڙا، سها ۽ ننڍا پولڙا ۽ خوبصورت پرن وارا تتر پنهنجي زندگي جي خوبصورت تصوير ٿاهين ٿا ۽ وري ڪڏهن ڪڏهن ڪجي جي ٽڙ پرسان وينل ريڇ چئني طرف نهاريندو آهي ۽ هوا ۾ پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪري ماڪي جي مانارن جي خوشبوءِ سونگهيندو آهي.

"هي هوائي جهاز جو آواز......"

تو ايلمونيم جو اُهو سفيد پکي ڏٺو آهي؟ جيڪو پر گهمائي چئني انجڻن جي گجگوڙ سان فضا ۾ اُڏندو آهي ۽ جنهن جي پيٽ ۾ ماڻهو اهڙي طرح وينل آهن جهڙي طرح گاڏي جي ڏٻي ۾ مسافر وينل آهن. پر هوائي جهاز ۾ ريل جهڙي رش نٿي هجي ۽ اهڙا خيرات گهرڻ وارا فقير بہ نٿا هجن. اُتي آرام واريون ڪرسيون لڳل هونديون آهن ۽ خوبصورت پردا هوندا آهن ۽ نازڪ بدن واريون حسين عورتون مسافرن کي رنگ برنگي پنين ۾ ويڙهيل خوشبودار منڙا چاڪليٽ کارائينديون آهن.

مهاڻي عورت جيڪا بيڙي پي رهي هئي. اُن انڌي کي هڪ آنو خيرات ڏني ۽ چيو. "وڃ هاڻي دفن ٿي وڃي ڪنهن ٻئي ڏٻي ۾ هي ٻوليون ٻڌائي. گهڻو مغز چٽيو اٿئي."

ايترو چئي هو ۽ سيٽ تي خوب ڦهلجي ويهي رهي. عيسائي ڇوڪري سيٽ تي ٿورڙو سر ڪي سوڙهي ٿي ويني. مهاڻي عورت پنهنجي خالي ٽوڪري جنهن مان مڇين جي بوءِ اچي رهي هئي سوڙهي ڪري سيٽ جي هيٺان رکي ڇڏي ۽ زور زور سان ڦوڪون پري بيڙي پيئڻ لڳي. ۽ عيسائي ڇوڪري کي چوڻ لڳي، "مڇي تہ وڏي شوق سان کائين ٿي ۽ هتي نڪ تي رومال رکين ٿي. تنهنجو هي بتڻ جهڙو نڪ پلا سڙي تہ ڪو نہ پوندو؟".

عيسائي سندري نڪ تان رومال هٽائي ڇڏيو. پرسان وينل ماڻهو کلڻ لڳا. مهاڻي عورت اجان بہ زور زور سان ڦوڪون پرڻ لڳي. هن کي کلڻ ۽ بيڙي پيئڻ جي دوران کنگهہ اچي ويئي. هاڻي هوءِ کلي رهي هئي ۽ بيڙي جا دونها هن جي ناسن مان نڪري رهيا هئا. هن جي اکين جي هيٺان ۽ ڪنن جي ويجهو جهريون اجان بہ گهريون ٿي وبون هيون ۽ ڪنن ۾ سون جو ڳرو والو ڪنهن چاندي جهڙي مڇي جيان اِئين لڙڪي رهيو هو جڻ مڇي ڪنڊي ۾ ڦاسي تڙپي رهي هجي.

هڪڙو ساڏو ٻئي ساڏو کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو "ڪلهه نرگس جي نئين "تصوير" ڏٺي، ريبولي سينيما ۾ واهه جو مزو اچي ويو. رام جو قسم چا تہ ڇوڪري آهي. امرت جو پيالو آهي. تو ريبولي سئنيما ۾ تصوير ڏٺي آهي؟."

"نہ گرو! مون وٽ ايترا پئسا ڪٿي هوندا آهن." ٽيون ڏينهن منهنجي گرو کي سيٽ پر سومل کان ڏڪڻا ملي هئي، ساڍا اٺ آنا، اُهي گرو مون کي ڏنا. آئون انهن مان سرڪس ڏسي آيس. پر رام ٿو ڄاڻي سرڪس جي ڇوڪرين ۾ اُهو دم ئي ناهي. هاڻي گرو ٻيهر اک کولي. هو سيٽ تي ئي پينگ ۾ چرس جي مراقبي ۾ هليو ويو هو. جيئن ئي هن پنهنجن چيلن جي هي گفتگو ٻڌي تہ هن هڪ اک کولي ۾ شڪايت ڪرڻ واري چيلي کي چيو "سياڻي توکي ڏهہ آنا ڏيندس. رام پان ۾ شوبنا سمرٿ کي ڏسي اچجان. بلڪل سيتا ماتا لڳي ٿي، گنگا جيان پاڪ ۽ ڪومل".

ننڍو چيلو ضد ڪرڻ لڳو". "اسان نرگس جي نئين فلم تصوير ڏسنداسين ٻڌو اٿئون تہ ان ۾ هڪ ڊانس ڏاڍي ڪمال جي آهي."

گرو چيو "اڙي وڃ! اُها ڊانس وري ڇا؟، ياد اٿئي!. اسان جي ڳوٺ جي مهتاري چمارڻ. گنگا ميا جو پلي قسم ونو يلا اُن کان سٺو ڪير نچندو؟ ڪيئن زڙي پورا! ياد اٿئي اُهو ساليانو ميلو؟"

وڏي چيلي جو وات پاڻي پاڻي ٿي ويو "مهتاري جو ڪو جواب ناهي. گرو آئون چوان ٿو تہ سردين ۾ ڳوٺ وڃو تہ ان کي گڏ ئي وٺي اچجو. فضول ۾ هتان کان مني آرڊر موڪليو ٿا. هتي هڪ فلم ڪمپني کولي ڇڏينداسين ڪيئن نہ چاچا؟"

چاچا مها گرو جا پير دٻائڻ لڳو "ها گرو ٿي اچو پوءِ...."

مها گرو مسڪرائي ڏنو. هن ڏوتي ۾ هٿ پائي هڪ چار آني ۽ ٻہ آنيون ڪڍيون ۽ ننڍي چيلي جي هٿ جي تري تي رکي چيو "وڃ پٽ وڃ! نرگس جي فلم ڏسي اچ. آئون تہ موهہ مايا سڀ تياڳي چڪو آهيان. خالي رام جو نالو وٺان ٿو." ايئن چوندي مها گرو پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ گانجي جي مراقبي ۾ هليو ويو.

ڪجهہ ڪلارڪ آمهون سامهون ٻن سيٽن تي ويٺي زوردار بحث ڪري رهيا هئا. "ريلوي ۾ هڙتال ڪو نہ ٿي. سٺو ٿيو ڪميونسٽن گهڻو گوڙ ڪيو ٿي. حرامين جو دماغ خراب آهي. سٺو ٿيو."

"ڪيئن سٺو ٿيو"؟ پارسي ڪلارڪ نڪ مان ڳالهائيندي چيو.

"اڙي ملڪ کي وڏو خطرو هو. توکي ڪهڙي خبر. جيڪڏهن هڙتال ٿئي ها تہ ماڻهو بک مري وڃن ٿا".

"هاڻي ڇا گجرات ۾ سڀ ڪم ٿي ويا آهن. مهنگائي ختم ٿي وئي آهي، بک ختم ٿي وئي آهي؟" ٽيئن ڪلارڪ چيو.

ٻئي ڪلارڪ چيو "ها ان جو جواب ڏي؟"

پهرين ڪلارڪ چيو "آهستي آهستي سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو. اجان تہ اسان جي حڪومت

ڪي آئي ٻه سال ٻه پورا نه ٿيا آهن.”

ٻئي چيو “ٻن سالن ۾ ٻه کھڙو ڪم ٿيو آهي؟ مهانگائي ڪٿي ڪان ڪٿي پهچي ويئي آهي. سچ مچين ته آئون ڇهن مهينن کان جوراب به خريد ڪري ناهيان سگهيو. وڏو ڇوڪرو به اسڪول مان ڪڍي ڇڏيم.”

“اُهو ڇو!؟”

“في ڀيٽي ٿي ويئي، سرڪار ڪتابن تي ٽيڪس لڳائي ڇڏيو. ڇوڪري کي ڪٿان پڙهايان؟ مون اُن کي خوراڪ جي ڪاتي ۾ پٽيوالي جي نوڪري ڏياري آهي. ڏسجئين ته هڪ ڏينهن ترقي ڪندو وزيراعظم بڻجي ويندو.”

سڀ ڪلارڪ کلڻ لڳا. ڦيريون ڪلارڪ چوڻ لڳو “پريار مون کي ته ڪميونسٽن جي هارائڻ تي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. هڙتال کان ڦيرين ڪيترو نه هل هنگامو ڪندا هئا.”

“تنهنجن سوشلسٽن عين وقت تي دوکو ڪيو.” پارسي چيو.

“پر ڪو ته اچي ها. ڪٿي ڪجهه ته ٿئي ها. سڀ ڪڪڙ ٻڄجي ويهي رهيا هڪ مزور به ڪو نه اُٿيو ۽ هي ماڻهو هندستان تي حڪومت ڪرڻ جا خواب ڏسن ٿا. هي ڳنوار مزور ۽ ڄٽ هاري آهن. سچ ٿو چوان ته انهن ماڻهن کي جيترو دٻائي رکجي اوترو ئي بهتر ٿيندو. ٿوري ڍر ڏيو ته مٿي تي چڙهي ويندا. سرڪار بلڪل صحيح ڪيو.”

هڪ ٻئي ماڻهو ڳالهايو “نائين مارچ تي ڏٺو ڪو نه هئان، چپي چپي تي پوليس ۽ فوج جو پهرو هو. ريل جي پٽڙين تي، اسٽيشن تي، ڪارخانن تي، ٻڌو هوسين ته ڪير به نڪري نٿي سگهيو. حڪم هو ته ڪير به ذري حرڪت ڪري اُن کي گولي سان اُڏائي ڇڏيو.”

هڪڙو ماڻهو جنهن جي ڏاڙهي وڌيل هئي ۽ چهري کي ڊڪي ڇڏيو هئائين. ۽ جنهن جي ڳوڻن تي وڏا وڏا داغ هئا ۽ مير چڙهيل هو ۽ جيڪو وڏي بي چيني ۽ پريشاني مان هي سموري گفتگو ٻڌي رهيو هو. هڪدم اُٿي کڙو ٿيو ۽ هن اُن ڪلارڪ کي، جيڪو گولي سان اُڏائڻ جو ذڪر وڏي آڪڙ مان ڪري رهيو هو. زور سان هڪ ٿڦڙ هنئي. ٿڦڙ اهڙي زوردار هئي جو ڪلارڪ جو منهن ٻئي طرف گهمي ويو ۽ هن جي اکين مان لڙڪ نڪري آيا. ايتري ۾ ٻين ماڻهن مزور کي پڪڙي ورتو.

مزور زور سان پنهنجون ٻانهون ڇڏائي ورتيون ۽ چيو “هاڻي ڏسجو حرامي.”

اُهي ماڻهو هن مٿان ڪاهي پيا. هڪ ڪنڊ ۾ چار مارواڙي تاش کيڏي رهيا هئا. اُنهن زور سان رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون: پڪڙيو پڪڙيو هن کي، هي ڪميونسٽ آهي ماريو ماريو هن کي جان سان ماري ڇڏيوس. هن کي پوليس جي حوالي ڪريو.

مزور وڙهي رهيو هو پر هو اڪيلو هو ۽ اُهي گهڻا هئا. هن مدد جي لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. هڪ ڪنڊ مان هڪڙو ماڻهو اُٿيو اُن کي صاف سٿرا ڪپڙا پهريل هئا، هن ڪلرڪ کي مارڻ شروع ڪيو. پوءِ مهاڻي عورت پيڙي مان دونهون ڪيندي اُٿي ۽ هن مڇي واري ٽوڪري سان ماڻهن کي ڪٽڻ شروع ڪيو ۽ رڙيون ۽ دانهون

ڪندي ٿونشا هڻڻ لڳي. هڪ ٿونشو غلطي سان رميش کي به لڳو ۽ هن کي هاڻ خبر پئي ته مڇي مارڻ واري عورت جو ٿونشو ڪيترو نه ڀاري هوندو آهي ۽ پوءِ هڪ عورت آئي. هن کي به ڏاڍا سٺا ۽ چمڪدار ڪپڙا پاتل هئا ۽ هوءِ به قاتل پراڻن ڪپڙن واري مزور جي حمايت ۾ وڙهڻ لڳي. هڪ ساڌن جو ڪرمنڊل هڪڙي مارواڙي جي مٿي تي اونڌو ٿي پيو ۽ اُن ۾ پيل دال چني، چانور، چنبيلي جا گل، واڱڻ جي ڀاڄي ۽ پيٺل مرچ چئني طرفن ڦهلجي ويا ۽ ماڻهو کنگهڻ لڳا ۽ مارواڙي رڙيون ڪرڻ لڳو ۽ ڪنهن اُن جي تاش کڻي ٻاهر اُڇلي ڇڏي ڪنهن پڳڙي لاهي ورتي ۽ مارواڙي رئڻ لڳو ۽ رڙيون ڪرڻ لڳو: ڪميونسٽ اچي ويا. ڪميونسٽ اچي ويا. زنجير ڇڪيو. هڙتالي اچي ويا. هڙتالي اچي ويا.

هڪدم گاڏي بيهه رهي ۽ پوليس اچي ويئي.

جڏهن ماڻهو ٽڙي پکڙي ويا ته معلوم ٿيو ته ميرن ۾ قاتل ڪپڙن وارو مزور غائب آهي. مهاڻي عورت جو ٽوڪرو ٽٽي پيو آهي ۽ نوجوان عورت جو رنگين چمڪدار لباس ڇپي ڇپي ڪان ڦاٽي پيو آهي ۽ صاف سٺرن ڪپڙن پهريل نوجوان جي ڇهري تي زخم آيا آهن ۽ هن جي ڇپن مان رت ٽمي رهيو آهي. پر مهاڻي جو زياده نقصان ٿيو. ها هوءِ اُنهن ماڻهن جا لچڻ ڏسي ڪلي رهي هئي، جن مزور کي پڪڙڻ چاهيو ٿي، پوليس اُنهن کي پڪڙي ورتو. مارواڙي هٿ مٿي ڪڻي گرجڻ لڳو "اها ئي ته هئي جيڪا هن لاءِ لڙائي ڪري رهي هئي. هي ماڻهو هي عورت، هي جوان، هي بابو ۽ هو ڪمبخت هڙتال ڪرائڻ وارو ڪميونسٽ هو اُن کي هن بچائي ڇڏيو."

مهاڻي رڙيون ڪرڻ واري مارواڙي ڏانهن پنهنجي ٽوڪري زور سان اُڇلي، جيڪا نيڪ مارواڙي جي مٿي ۾ فٽ ٿي ويئي، سڀ ماڻهو کلڻ لڳا. مهاڻي چيو "تون لڙائي ۾ حصو ڇا وٺندين. تون نه مرد آهين نه عورت. تون دلال آهين دلال! ٻنهي طرفن کان ڪميشن کائين ٿو. تو جهڙو مارواڙي اسان جي ڳوٺ دارسوا ۾ به هو. هو اسان جي مڇين کي پنهنجي ٽرڪ ۾ پري شهر کڻي ويندو هو ۽ سجو پئسو هڙپ ڪري ويندو هو. هاڻي اسان جي ڳوٺ جي سڀني مهاڻن گڏجي پنهنجي ٽرڪ ورتي آهي. پاڻ مڇي سمنڊ مان ڪڍون ٿا ۽ پنهنجي ٽرڪ ۾ وجهي شهر ۾ وڃي وڪڻون ٿا. پهرين منهنجي ڪن ۾ هڪ چاندي جو والو هو ۽ هاڻ هي ڏس سون جو والو. اهڙو تنهنجي سڪل سڙيل زال وٽ به نه هوندو."

پوليس وارو هن کان پڇڻ لڳو "هو ڪير هو؟."

هن چيو "هو منهنجو پٽ هو."

ها! هو منهنجو پٽ هو. هو دارسوا ۾ جهاز تي مزوري ڪندو هو. جڏهن جهازي جي مزورن جي هڙتال ٿي ته هو اڪيلي سر پنجن گورن سان وڙهيو. توکي خبر ناهي ۽ اخبارن به اها خبر ڪو نه ڏني. پر هو منهنجو پٽ هو. مون اُن کي پنهنجي اکين سان پنجن گورن سان وڙهندي ڏٺو ۽ اڄ جيڪو ماڻهو هتان ڀڳو اُهو به منهنجو پٽ هو ڇو جو هن به ان طرح جي هڙتال چاهي ٿي. جنهن ڪري منهنجي پٽ کي ماريو ويو. ان ڪري مون هن کي بچائي ورتو. هاڻي توکي جيڏانهن جيءُ چاهي وني هل."

پوليس وارن هن کي گاڏي مان لاهي ڇڏيو. گاڏي هلندي هلندي رميش ڏٺو ته هڪ عورت پوليس

واري ڪان ماچيس گهري رهي آهي. ماچيس وٺي هن پنهنجي ٻيڙي دکائي ۽ ماچيس جي روشني هن جي اکين ۾ چمڪي اُٿي ۽ هن جي اکين جي هيٺان ۽ ڪنن جي چوگرد جهريون گهريون ٿي ويون ۽ سون جو والو هن جي ڪنن ۾ بار بار غصي مان هلڻ لڳو ۽ پوءِ گاڏي اڳيان نڪري ويئي.

رميش هڪ سيٽ تي ويهي رهيو. ان جي ويجهو ئي اُهو نوجوان جنهن کي سنا ڪپڙا پاتل هئا. نوجوان عورت جي ويجهو ويٺو هو جنهن جو رنگين لباس جڳهه جڳهه کان ڦاٽي پيو هو. اُن نوجوان رميش جي طرف ڏسي مسڪرايو ۽ چيو "هو بچي ويو هاڻي هٿ نه ايندو."

هن ڪنڌ لوڏي چيو "آئون سمجهان ٿو هو به مون جيان ڪو مزور لڳو ٿي."

رميش پڇيو "تون مزور آهين؟ پر تنهنجا ڪپڙا ته...."

هن جواب ڏنو "اڄ ئي منهنجي شادي ٿي آهي. منهنجي به ۽ هن جي به." ۽ هن پنهنجي زال جي ڪلهي تي هٿ رکي چڙيو. وڏي تڪليف سهي هي ڪپڙا سبرايا هئا. خير ڪا ڳالهه ناهي. اسان جو ساٿي ته بچي ويو."

هن پنهنجي زال ڏانهن ڏسي مسڪرايو. هن جي زال ڪيس پيار ڀري نظرن سان ڏٺو ۽ پوءِ پنهنجي هٿ ۾ رکيل زيتون کي ڏندن سان ڪٽي لڄ سان ڀريل دليري سان جوٺي زيتون کي پنهنجي مڙس جي چپن تي رکيو.

نوجوان مزور زيتون کائڻ لڳو ۽ هن جي مضبوط هٿ پنهنجي زال کي ڪلهي سان لڳائي ورتو.

رميش آهستي سان اُتان اُٿي ويو. ٻئي طرف ڊٻي ۾ مارواڙي پنهنجيون پڳڙيون ۽ ڌوتيون درست ڪري رهيا هئا.

هڪ مارواڙي پنهنجي جيب مان تاش ڪڍندي چيو ڇا ٿيو مهاڻي تاش ٻاهر اُڇلي ڇڏي. اسان وٽ ٻي تاش پئي آهي."

رميش مارواڙي جي مٿان جهڪي چيو "تو وٽ فقط هڪ تاش آهي پر مهاڻي وٽ پورو سمنڊ آهي ۽ اُن جون سڀ مڇيون آهن. تون اُن کان ڪٽي نٿو سگهين......

ماڻهو ڪفن جي طرح اُجرو لباس پائي اسپرنگ وارين سيٽن تي ويهي گاڏي جي هلڻ جي لوڏي تي ميڻ جي بوتن وانگر لڏي رهيا هئا. انهن بوتن جي هٿن ۾ اخبارون هيون يا چمڪيلا آمريڪي ناول، دري جي پرسان جيڪا عورت ويني هئي اُها هڪ ٻي جان پاڻي جي رنگن جي تصوير جيان ساڪن ۽ جامد نظر آئي ٿي. هتي ڪنهن به ڪنهن سان نٿي ڳالهايو. ڪنهن به ڪنهن ڏانهن نه ٿي ڏٺو. هتي خاموشي هئي ۽ گهرو سناٽو. رميش کي لڳو ته ڄڻ هو ڪيترا هزار سال پراڻي مندر ۾ اچي نڪتو هجي ۽ حيرت مان پٿر جي بتن کي ڏسي رهيو هجي.

***

# بيوقوفي

**هڪ** دفعي جو ذڪر آهي آءٌ ۽ منهنجو دوست امام الدين هڪ جهنگل مان لنگهي رهيا هئاسين. اُن وقت منجهند جو ٽائيم هو. جهنگل بلڪل خاموش هو. هر ڏس پرين جي خواب جهڙو منظر هو. ڌرتي تي چيل جا پن، نرم ۽ گداز غاليچن جيان وڇايل هئا. پکي ٽارين تي ٻولي رهيا هئا. جهنگ ۾ ڪجهه رڍون چري رهيون هيون ۽ ڪجهه هڪ وڏي وڻ جي ڇانوَ ۾ آرام ڪري رهيون هيون. هن گهري سانت ۾ چشمي جو پاڻي ٻہ ستل معلوم ٿي رهيو هو.

ان چشمي جي پرسان هڪ ريڍارڻ پنهنجو هڪ هٿ مٿي جي هيٺان ڏيئي ستي پيئي هئي. اسان جا خاموش قدم اسان کي اُن سندري ڏانهن ڇڪي ويا، هي جهنگل هڪ خاموش قلعو هو. هڪ پرين جي قلعي جيان، جنهن ۾ هي خوبصورت ريڍارڻ، جهنگل جي شهزادي هئي. جيڪا شايد سئو سالن کان اتي ستل هئي.

هوءَ ايئن ساهہ کڻي رهي هئي، ڄڻ ڪا ندي وهندي وهندي سمهي رهي هئي ۽ هاڻ اُن ننڊ ۾ سمائجي وهي رهي هجي.

خاموشي ۽ جهنگل ۾ هڪ اڪيلي ڇوڪري! اسان ٻنهي هڪ ٻئي ڏانهن، معنيٰ خيز نظرن سان نهاريو. شايد هڪ ئي خيال، هڪ ئي وقت اسان ٻنهي جي دلين ۾ پيدا ٿيو! ۽ اسين هڪ ئي وقت اڳتي وڌياسين.

هڪ رڍ زور سان ٻاڪاريو.

ڇوڪريءَ جون اکيون کلي پيون. ڌارين ماڻهن کي پنهنجي ويجهو ڏسي، هوءَ تڙ تڪڙ ۾ اٿي ويٺي ۽ پنهنجا وکريل وار ٺيڪ ڪرڻ لڳي ۽ پوءِ کلندي چوڻ لڳي، ”چشمي مان پاڻي پيئڻ چاهيو ٿا؟“

”ها ارادو تہ ......“ امام الدين چيو.

”ٺيڪ آهي پي وٺو.“ ڇوڪريءَ جلدي مان چيو.“ ”منهنجي تہ ايئن ئي اک لڳي ويئي هئي. شايد چشمي جي ڪناري ٿڌ هئڻ ڪري.“

جيتوڻيڪ اسان کي اُڃ نہ هئي تہ ٻہ پاڻي پيئڻو پئجي ويو. ۽ جڏهن اسان پاڻي پي ورتو تہ ڇوڪريءَ پڇيو، ”توهين ڪٿان کان آيا آهيو؟“

”اسين پرديسي آهيون.“ امام الدين معنيٰ خيز نظرن سان ڇوڪريءَ ڏانهن ڏسندي چيو ”۽ ديسين کي پرديسين جو خيال ضرور ڪرڻ گهرجي.“

ڇوڪريءَ ٻاراڻي مان وراڻيو ”هتي سڀ پرديسي مسافر آهن.“

”اوهہ......“ امام الدين چيو ”هي تہ معرفت جون ڳالهيون پيئي ڪري. ماڻڙي ڪري هل. هتي دال

ڪونہ ڳرندي.”

چوڪري اهو جملو ڪنهن ڪتاب ۾ ڪونہ پڙهيو هو. هن بنا سوچڻ سمجهڻ جي انتهائي بيوقوفي جي عالم ۾ ايئن ئي چئي ڏنو هو. هوءَ جيڪڏهن ذهين يا پڙهيل لکيل، يا سمجهدار چوڪري هجي ها، تہ هن وهي ۾ جهنگل ۾ بلڪل اڪيلي رڍون، ٻڪريون قطعي ڪونہ چاري ها. پر هوءَ تہ هڪ بيوقوف، بلڪل ڇٽ ڳوناڻي چوڪري هئي ۽ هن وٽ پنهنجي حفاظت لاءِ سواءِ بيوقوفي جي ٻيو ڪجهہ بہ ڪو نہ هو. ۽ آخر ۾ انهي بيوقوفي ئي هن جي حفاظت ڪئي ۽ اها بيوقوفي ئي هئي، جيڪا هن جي اڄ تائين حفاظت ڪندي آئي هئي. اڄ بہ جهنگل ۾ بہ اجنبي آيا هئا ۽ انهي بيوقوفي ئي سندس حفاظت ڪئي هئي ۽ بي وقوفي جي ڪري ئي هن جي ذهن ۾ ڪڏهن بہ اهو خيال پيدا ڪونہ ٿي ٿيو تہ ڪو اجنبي جهنگل ۾ هن ڏانهن ڪڏهن بري نيت سان ڏسي بہ سگهيو ٿي.

هوءَ ويچاري تہ بيوقوف هئي نہ ...... جيڪڏهن عقلمند هجي ها تہ پوءِ جيڪو وهي واپري ها، اُن جو پتو توهانکي اخبارن مان پئجي وڃي ها.

هي هڪ بيوقوفي جو ننڍڙو مثال آهي. ان مان بيوقوفي جون خاصيتون اسان تي ظاهر ٿي وڃن ٿيون. ماڻهو هن ڳڻ کي مختلف نالن سان پڪاريندا آهن. معصوميت، جهالت، نالائقي. پر آءٌ تہ انهن مڙني کي بيوقوفي ئي ڪوٺيندس. بيوقوفي کي ماڻهو تمام برو سمجهندا آهن. برو چوندا آهن ۽ اُن کان نفرت ڪندا آهن ۽ اُن تي کلندا آهن. اُن جي مقابلي ۾ اڄ ڪلهہ وري عقل جي پوڄا ڪئي وڃي ٿي. عقل وڏي ڳالهہ آهي. عقل جو دنيا تي راڄ آهي، هن دنيا ۾ بہ ۽ هُن دنيا ۾ بہ. ماڻهن کي چوندي ٻڌندا آهيون تہ “فلاڻو بيوقوف آهي، نالائق آهي، جاهل آهي. ڪيس ڪو بہ مان نہ ڏيڻ گهرجي.”

“فلاڻو ماڻهو عقلمند آهي، هوشيار آهي، دانشور آهي، اُن کي بادشاهت ڏيئي ڇڏيو.”

عقلمندي ۽ بيوقوفي ۾ ڪجهہ انهي قسم جي وچوٽي قائم ڪئي ويئي آهي، جنهن ڪري هر ڪو ماڻهو عقلمندي جو سهارو وٺڻ پسند ڪري ٿو.

سياستدان عقلمند هوندو آهي، شاعر بيوقوف هوندو آهي. سماج جي ترتيب کي قبول ڪرڻ وارو عقلمند هوندو آهي، عاشق بيوقوف هوندو آهي. پنهنجي دماغ جي هوڏ تي ڪارخانو هلائيندڙ سرمائيدار عقلمند هوندو آهي. پنهنجي هٿن ۽ پيرن سان ڪم ڪرڻ وارو مزور بيوقوف هوندو آهي.

ناچ گهر ۾ ميڪ اپ ڪيل نچندڙ چوڪري عقلمند هوندي آهي. رڍون ۽ ٻڪريون چاريندڙ چوڪري بيوقوف هوندي آهي.

عقلمند ۽ بيوقوف!

دنيا ۾ بيوقوفي نہ هجي تہ سهڻا ۽ حسين ماڻهو ڪنهن تي کلندا؟ ظاهر آهي تہ هو ايترا تہ بيوقوف ناهن، جو پاڻ تي کلي ڏين. چاڪاڻ جو پنهنجو پاڻ تي کلڻ لاءِ بہ بيوقوفي جي عنصر جو موجود هئڻ ضروري آهي، جيڪو عقلمندن ۾ ناياب آهي. چارلي چپلن جي عظمت جو راز بہ اُن جي بيوقوفي جي حرڪتن ۾ سمايل آهي. هو خود ڪونہ ٿو کلي، پر پنهنجي بيوقوفي سان، ساري سنسار کي کلڻ جي ڪوٺ

ڏئي ٿو ۽ جيڪڏهن دنيا ۾ ڪل ۽ ٿهڪ نہ هجن. يا ٻين لفظن ۾ ايئن ئي ڪٽي چئجي تہ بيوقوف ماڻهو نہ هجن، تہ پوءِ هي دنيا شادي جي گيتن جي بجاءِ موت جي نوحن ۾ تبديل ٿي وڃي.

دنيا جي خوشي لاءِ، مسرت لاءِ، ڪلڻ لاءِ، بيوقوفي جو هئڻ لازمي آهي.

ڪل ۽ خوشي ڪان علاوه خوبصورتي جو دارومدار بہ بيوقوفي تي آهي. عورت جيتري بہ خوبصورت هوندي آهي، اوتري ئي بيوقوف. عقلمند سدائين بيوقوف تي ڪلندو آهي. سياستدان شاعر تي، سماج پرست عاشق تي، سرمائيدار مزور تي ۽ پڙهيل ريبارڻ تي.

عقلمند ۽ بيوقوف!

پر منهنجي سمجھہ ۾ نٿو اچي تہ بيوقوف کي برو ڇو ٿو تصور ڪيو وڃي؟ دنيا ۾ منڙين مرڪن ۽ بي حساب ٽهڪن جو ڪارڻ، بيوقوفي ئي هوندو هو. آهي. حسن ۽ عقل جو پاڻ ۾ وير رهيو آهي ۽ خوبصورت ڪڏهن بہ عقلمند ناهي هوندو. حسين عورت، چانڊوڪي، ٽڙندڙ گلاب، .....ڪڏهن ڪنهن انهن کي عقلمند ڏاتو آهي؟ پر پوءِ بہ الائي ڇو ماڻهو عقلمندي تي فدا آهن؟

حسن، ڪل، خوشي، سچائي، مطلب تہ دنيا جي ڪنهن بہ سٺي شيءِ ۾، عقل هوندو ئي ناهي. پوءِ بہ هي ماڻهو عقل جي پويان ديوانا آهن. احمق ڪنهن جاءِ جا. منهنجو مطلب آهي تہ عقلمند ڪنهن جاءِ جا.

اهو سوال توهان بہ ٻڌو هوندو تہ عقل وڏو يا مينهن؟ آءٌ تہ مينهن کي ئي عقل ڪان وڏو سمجهان ٿو. مينهن کير ڏئي ٿي، هن جي کير مان مکڻ ۽ ڏڌ نهي ٿو. هن جي هڏن مان ياڻ ۽ سڱن مان چاقو جا ڳن تيار ٿين ٿا. هن جي کل مان جوتا ٺهن ٿا، مينهن زندهہ يا مرده ٻنهي حالتن ۾ عقل کان وڏي آهي. هن جو سنڌ سنڌ انسان کي فائدو پهچائي ٿو ۽ عقل.....؟

عقل اج تائين انسان لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ ڳالهاءِ اي ناچ گهر ۾ نچندڙ ڇوڪري! ٽورو جهنگل ۾ رڍون ۽ ٻڪريون چاريندڙ ريبارڻ سان پنهنجي سونهن جو مقابلو تہ ڪري ڏيکار!. پنهنجي منجهيل ۽ پريشان ذهن جو ريبارڻ جي ذهني تازگي، چلولائي ۽ بيوقوفي سان ڪٿ ڪري ڏس! پوءِ توکي پتو پوندو تہ عقل وڏو يا مينهن.

سرمائيدار سدائين مزدورن تي ڪلندو آهي. بيوقوف جاهل، مون کي ڏس! آءٌ پنهنجي عقل سان اُنهن لکين مزورن جو حاڪم آهيان. هي ڪارخانو هلايان ٿو. منهنجي آمدني لکن ۾ آهي ۽ هن مزور کي چند ٽڪا ملن ٿا، ڇو جو هو بيوقوف آهي. جيڪڏهن مون وانگر عقل مند هجي ها تہ هن جي اها حالت نہ هجي ها.

سماج پرست عاشق تي کلي ٿو. منهنجي زال آهي، ٻار آهن، پنهنجو گهر آهي، مٽ مائٽ، يار دوست آهن، دنيا ۾ عزت ۽ مان آهي، مرڻ ڪانپوءِ جنت آهي ۽ تون.....تون باغي، منحرف، جهنگلن ۽ بيابانن جي مٽي ڇاڻين ٿو. فرهاد هٿوڙو کڻي پهاڙ ٽڪي ٿو. ڪچي گهڙي تي سهڻي درياهہ ٽپي ٿي. بيوقوف جاهل عاشق! نہ تنهنجي ننڊ پنهنجي آهي ۽ نہ راتيون. نہ توکي هن دنيا ۾ آرام حاصل آهي ۽ نہ آخرت جو فڪر. هي بہ ڪا زندگي آهي؟ بيوقوف!

سياستدان شاعر تي کلندو آهي. آءٌ ڪم ڪريان ٿو. شاعر شعر لکي ٿو. آءُ دنيا جو نظام هلايان ٿو هي خواب ڏسي ٿو. آءٌ اوچيون عمارتون ناهيان ٿو هي وڻ جي ڇانوَ ۾ سمهي ٿو. آءٌ قوم جي تقدير بدلايان ٿو هي ڪتاب جو ورق اُٿلائي ٿو.

جاهل، بيوقوف، بي فائديمند!

عقلمند جي عقلمندي جو جواب ڀلا بيوقوف وٽ ڪهڙو هوندو؟ هو ته هر حالت ۾ بيوقوف آهي. هو ته فقط اهو ڄاڻي ٿو ته انسان سوين سالن کان پنهنجي قسمت، عقل مند ماڻهن جي حوالي ڪئي آهي، پر اُنهن عقلمند ماڻهن اڄ تائين دنيا ۾ خوشي، مسرت ۽ حسن جي هڪ رتي جو سدائين لاءِ ته ڇا، پر گهڙي پل لاءِ به اضافو ناهي ڪيو. جيئن جيئن عقلمندي وڌي ٿي، سماج جو دائرو تيئن تيئن تنگ ٿيڻ لڳي ٿو. ۽ ناچ گهر جو دائرو وسيع ٿيڻ لڳي ٿو. ڪرپشن ڦهلجي ٿي، عشق مري ٿو. قومن ۾ جنگيون ٿين ٿيون. ڪارخانن ۾ هڙتالون ٿين ٿيون. ڇو جو عقلمند سرمائيدار چاهي ٿو ته هن جو ڪارخانو هر سال کان زياده نفعو ڪڍي. انهي انفرادي فعل ۾ مزورن جي حالت خراب ۽ ابتر ٿيندي وڃي ٿي. ايتريقدر جو عقل مندي، اُنهن جاهل مزورن کي انقلاب جو رستو ڏيکاري ٿي. اهڙي طرح هر عقلمند سياستدان، هي چاهي ٿو ته هُن جي قوم ترقي ڪري ۽ دنيا جي سيني قومن کان بازي کٽي وڃي.زمين هڪ آهي، پر هڪ زمين کي عقلمندي سان جاگرافيائي حدن ۾ ورهايو وڃي ٿو ۽ اها عقلمندي ئي قومن کي نفرت ۽ جنگ جو نقشو ڏيکاري ٿي ۽ هر پنجويهه سالن کان پوءِ نوجوان نسل خاڪ ۽ خون جي بستري تي ليٽندي نظر ايندا آهن. ڇو جو دنيا ۾ عقلمند سياستدان جو راڄ آهي. ناچ گهر ۾ نچندڙ ڇوڪرين جو اثر آهي نه ڪ ريڊارڻ جو. ڪارخاني ۾ سرمائيدار جو حڪم هلي ٿو نه ڪي مزور جو.

سوين سال انسانيت، انهن عقلمند سياستدانن، جاگيردارن، سرمائيدارن، سماج جي ٺيڪيدارن ۽ ڪوٺن جي رقاصائن کي آزمايو آهي، پرکيو آهي ۽ هاڻي جيڪڏهن چند ڏينهن لاءِ احمق شاعرن، عاشقن، مزورن ۽ ريڊارن جي بيوقوفي کي به آزمايو وڃي ته ڪهڙو هرج آهي؟ سوين سالن کان اسين ماڻهو عقلمندن جي عقل ۽ ڏسيل رستن تي هلندا آيا آهيون ۽ هاڻ جيڪڏهن به گهڙيون بيوقوفي جي دنيا ۾ ساهه کڻون ته ڪهڙو هرج آهي؟

احمق ڪنهن جاءِ جو بيوقوف!

هي سچ آهي ته منهنجي تجويز بيوقوفي تي ٻڌل آهي، پر سچ پچ ڪڏهن ڪڏهن ته دل چاهيندي آهي ته جيڪر ان عقلمندي جو گلو ئي گُهٽي ڇڏجي، پر پوءِ ڊپ کان ماٺ ڪري ويهي رهندو آهيان، ڇو جو دنيا ۾ وڏن وڏن عقلمندن جو راڄ آهي ۽ ........

ڪاش! دنيا جا سڀ ماڻهو بيوقوف هجن ها.

***

# مقدس

**هو** بي حد شريف، ڳالهين ۾ معصوم هو. هو اُنهن محدود ۾ چند خوشقسمت ماڻهن مان هو جن کي پنهنجين زالن سان والهانه محبت هوندي آهي. جيڪي پر ائين عورتن کي تعريفي نگاهن سان ڏسي وٺندا آهن. پر ڪو به برو ارادو دل ۾ نه رکندا آهن. ڪجهه نفسيات جي ماهرن جو خيال آهي ته اهو ناممڪن آهي، بلڪل بڪواس ٿا ڪن شريف ڪنهن جاءِ جا!.

هن جي خوش قسمتي جو دليل اهو به اهي ته هن جي زال شادي جي ٻئي مهيني پيٽ سان ٿي ويئي ۽ جڏهن سڪيلڊي پٽ يعني هر وقت رئڻ واري ننڍڙي ٻارڙي جنم ورتو ته هن جي بدلي ڪنهن ٻئي شهر ۾ ٿي ويئي. هي شهر هن جي وطن کان پنج سئو ميل جي مفاصلي تي هو. لاچار هن کي زال ۽ پٽ کي ڇڏي وڃڻو پيو. ان ڳالهه جو هن سان گهرو تعلق هو ۽ اڪثر سنگت جي محفل ۾ چوٿين پيگ کان پوءِ هو پنهجي حد کان خوبصورت زال ۽ خوبصورت پٽ جو ذڪر ڪري روئي ڏيندو هو.

هي شهر نئون هو. يعني هن لاءِ نئون هو. نوڪري به نئين هئي. يعني هن جي لاءِ نئين هئي. پگهار گهٽ هو يعني..... بس سيني جي گذاري لاءِ گهٽ هئي. هر وقت نوڪري جي وڃڻ جو خطرو لاحق رهندو هو. انهي لاءِ هو پنهنجي زال کي گهرائڻ مناسب ڪو نه سمجهندو هو. ڪجهه مهينن کان پوءِ..... البته..... هو هر چند مهينن کان پوءِ اهڙي طرح سان سوچيندو هو. ان دوران هن جي محبت اجان به وڌندي ۾ گهري ٿيندي وئي هن جي سڪ ۾ اُڃ وڌندي ويئي.

آه! آئون توکي ڪيئن ٻڌايان. مون کي زال سان ڪيتري محبت آهي. منهنجي زال ته هڪ ديوي آهي، ان قدر پوتر، مقدس، معصوم، حسين، جيئن ڪنول جو گل..... هن شهر ۾ ته ان جهڙي عورت موجود ئي ناهي!

هو هر روز پنهنجي زال کي خط لکندو هو. هر روز هن جي زال هن کي خط موڪليندي هئي. هر روز ٽپال آفيس ۾ اُنهن جي ارمانن جو چرچو هوندو هو.

هونئن ته هو ڏاڍو خوش مزاج هو. حسين ۾ مختلف قسم جي عورتن جي خوبصورتي ۾ اُنهن جي جسم جي حصن کي هڪ ماهر جوهري جيان پرکي سگهيو ٿي. هن جون ٽنگون سهڻيون آهن، لسيون آهن. هن جي اڇي رنگ ۾ نئين ريشم جو جلوو آهي. نڪ خنجر جي ڌار آهي. هن جي جسم ۾ پڇي ويل صوف جي خوشبوءِ آهي. هن جي چال ۾ غرور آهي، حيا به آهي، جيوميٽري جي اعتبار سان هي دنيا پر ۾ سڀ کان موزون چيل آهي... پر منهنجي زال.....!

هڪ سال گذري ويو

جنگ شروع ٿي وئي.

شيون مهانگيون ٿيڻ لڳيون. هن جي پگهار ۾ ڪجھ اضافو ضرور ٿيندو هو. پر قيمتن ۾ اُن ڪان ٻيڻون بلڪ اڪثر حالتن ۾ چئوڻو اضافو ٿيندو هو. هن جي پنهنجي شهر ۾ به ايتريقدر شيون مهانگيون نه ٿينديون هيون ۽ وري گهر هن جو به پنهنجو هو. مسواڙ ڏيڻي ڪو نه پوندي هئي. پر هن نئين شهر ۾ ته هتي هو پنهنجي هڪ دوست وٽ رهندو هو. مصلحت، جنگ، فراق.....

هن پنهنجي زال کي چار سئو پيرا لکيو. مون کي توسان بي انداز محبت آهي.

هن جي زال هن کي چار سئو هڪ پيرو لکيو پيارا اسين ٻيئي چنڊ ۽ چڪور جيان آهيون.

هن پنهنجي زال جو خط پڙهي سوچيو. اهو ٺيڪ آهي چنڊ ۽ چڪور. ڪڏهن چنڊ هوندو آهي ته چڪور ڪو نه هوندو آهي. چڪور هوندو آهي ته چنڊ نه هوندو آهي. ٻيئي هجن ته ڪجھ ٻي مصيبت اچي ويندي آهي. بادل اچي ويندا آهن. بارش ٿيڻ لڳندي آهي. جنگ شروع ٿي ويندي آهي. بدلي ٿي ويندي آهي.

هن پنهنجي زال کي خط لکيو پنهنجي نئين تصوير موڪل.

تصوير آئي، دوستن ڪنول جي گل کي ڏٺو ۽ گليڪسو بسڪٽ يعني ٻارڙي کي به، دوست ساڙو ٻڃي ويا. اُلٽيون سليٽون خبرون ڪرڻ هو ڏاڍو خوش ٿيو.

هر روز رات جو سمهڻ کان اڳ هو انهن ٻنهي تصويرن کي وهاڻي هيٺان ڪڍي ڏسندو هو دل سان لڳائيندو هو. پوءِ اُنهن کي چمندو هو ۽ پوءِ بجلي جي بتي گل ڪري سمهي رهندو هو ۽ خيال خيال ۾ رات جو دير تائين پنهنجي زال سان ڳالهيون ڪندو رهندو هو. آهه منهنجي جان! مون کي توسان ابدي محبت آهي، لازوال، ڪڏهن نه مرڻ واري!

ٻه سال گذري ويا پر موڪل نه ملي.

زندگي ڦڪي ٿيندي وئي. يادون ڏنڌليون ٿينديون ويون..... هر شام، هو پنهنجن دوستن سان مان اسٽريٽ ۾ چڪر لڳائيندو هو.

اڙي ڏس يار.... هو سنهڙي ڇوڪري.... اڙي هو غالب جو شعر آهي نه!......

ڪجھ ڏينهن کان روزانو هڪ پارسڻ بدهو جي پل تان گذري مان اسٽريٽ ۾ داخل ٿيندي هئي ۽ ڏاڪٽي چوڪ تائين لڏندي ڪڏندي وري پل جي طرف موٽي ايندي هئي.... هي هرٽي جهڙيون اکيون، چڻ لڙڪن سان ڌوتيون ويون هجن..... هي ماڪ ٻني مسڪراهٽ ..... چيل جي هي ظالم نخريلي لوڏ......

هو ڪجھ ڏينهن هن کي ڏسندو رهيو ۽ هن ۾ مقدس ۽ پوتر تخيل جا بلبلا اُڀرڻ لڳا.

ڪڏهن هوءِ داڻن جي رنگت جهڙي ساڙهي ۾ سجيل ته ڪڏهن نيري سائي رنگ جي ساڙهي ۾، ڪڏهن نيم عريان چولي ۾..... هر بار هن جي سنورجڻ جو هڪ انوکو انداز هوندو هو.... ۽ اها ماڪ ٻني مسڪراهٽ.

هو تيز گهوريندو، هڪ چتو ٿي هن جي پويان پويان هلندو هو جيئن بنا پيٽرول موٽر رسي سان ٻڌل ڪنهن تيز رفتار گاڏي جي پويان پڄندي آهي.

چئن پنجن ڏينهن کان پوءِ هوءِ وري نظر نه آئي. جڏهن دوستن پڇيو ته چوڻ لڳو” منهنجي زال سان هن جي شڪل ملي ٿي، تو غور ڪو نه ڪيو؟...... آه مون کي پنهنجي زال سان ڏاڍي محبت آهي.... دراصل تمام گهڻ اهڙيون عورتون آهن منهنجو ذوق نالائق، حسن جي پرک جو ڪمبخت معيار حسن ايترو بلند ٿي ويو آهي جو هاڻي وچين طبقي جي حسين عورت وڏي مشڪل سان ئي وڻندي آهي.”

دوست اُن وقت مان اسٽريٽ مان گذري رهيا هئا. هڪڙي پڇيو “هن ڇوڪري متعلق تنهنجو ڇا خيال آهي؟”

ٻانهون سنيون اٿس پر چال ۾ اُها مستي ناهي.

“۽ هوءِ ڇمون رنگ واري؟”

حسين آهي پر ٿوري ڀاري..... ٿوري عمر زياده..... ذرا..... آ! “منهنجي زال!”

دوست کلڻ لڳا.

هڪ سال ٻيو به گذري ويو.

هاڻ هو اڪثر اڪيلو گهمڻ ويندو هو. ڇو جو هنجو جو معيار حسن گهڻو اعليٰ ٿي ويو هو ۽ گهڻا دوست ان ۾ تخليق پسندي جا قائل نه هئا.

اُنهن جي زندگي تجرباتي هئي. اُهي غلطين جا قائل هئا. انهن جو فلسفو ناپيد نه هو. اُنهن کي فقط پنهنجين زالن سان محبت نه هئي، ڇو جو اُهي ڏينهن رات اُنهن سان ڇورن جيان ڇهٽل هيون. اُنهن لاءِ هر عورت جيڪا اُنهن جي زال نه هئي حسين هئي.

هاڻي هو اڪيلو رهجي ويو هو. مان اسٽريٽ ۾ لوسي جون ٽنگون هن کي خطرناڪ حد تائين پسند اچڻ لڳيون ۽ هن جي دماغ جي ڏنڊ لائين ۾ بار بار نچڻ لڳيون. هن جي من چاهيو ته هو اُنهن کي فقط هڪ ڀيري ايئن..... ڇهي ڏسي..... لارا جي پيشاني جا ور هن کي تمام سنا لڳا ۽ ڪيٽ جو پنهنجن وارن کي گهمائي غرور مان ڪنڌ ڪٽي هن کي ڏسڻ ۽ جمشيد جي لانڊري واري پارسي جي نوجوان زال جو ڪلهن کي چڪي جي پٽرن وانگر گهمائي هلڻ..... عجيب نشو آهي هنن ۾. ڪهڙيون نه ڏوتل پوتل اُجريون ڇوڪريون آهن!.

۽ وري سينيما هال ۾ آمريڪي سپاهي سان گڏ جنهن نخريلي ۽ چلولي ڇوڪري کي ڏٺو. فقط ڇهروئي - پر ايمان سان ڇا ته ڇهرو هو!..... جيئن تازي صوف جو نرم روح......

جي ها! هن کي پنهنجي زال سان محبت هئي. هن کي لارا سان ڪيتري سچي پاڪ، مقدس، بي لوث محبت هئي. جڏهن هن کي پنهنجي پوتر محبت جو خيال آيو ته هن جي گلي ۾ هڏڪيون تڙپڻ لڳيون ته ۽ اکين ۾ لڙڪ. آه هن جي دل ۾ ڪيتري قدر نه محبت هئي.

هڪ سال ٻيو به گذريو ويو.

ڪرسمس جي رات هئي. مان اسٽريٽ جون ڇوڪريون دڪانن جي طرح سينگاريل ۽ سجيل هيون. بجلي جي پوتر روشني ڇهري تي ٿڙڪي رهي هئي ۽ نچي رهي هئي. چڪا چڪا بوم چڪ، چڪا چڪا بوم چڪا!.

ڪرسمس جي رات هئي ۽ هو ڇٽن سالن کان هڪ ڪنواري جي طرح معصوم هو. ڇو ته هن کي پنهنجي زال سان محبت هئي.

دوستن چيو “اڄ ڪرسمس جي رات آهي، سياڻي وري نئون سال آهي. اڄ تون ٻه زندگي جي باهه ۾ ٽپو ڏي.”

هن ڏاهپ جي انداز ۾ چيو “توهان کي ڪهڙي خبر ته محبت ڇا ٿيندي آهي؟....... ۽ وري هر شخص جو پنهنجو معيار ٿيندو آهي.“

هوٽواٽي تي پنهنجي گهر جي طرف مڙي ويو.

رستا، گليون، ڪوٺيون، بازارون ڪنهن پراڻي ريلوي اسٽيشن جي لائينن جيان نظرن جي حد تائين ڦهليون پيون هيون. هو هلندو هو ۽ هن جي دماغ جي ڏنڊلائپ ۾ ناچ گهر جو شور ۽ خوشبوءِ ۽ پيشاني جا ور ۽ ٽنگون ۽ سرسر ڪندڙ ساڙهيون.... هو تيز قدمن سان هلندو ويو. آخر هن کي محسوس ٿيو ته هن جو گهر اچي ويو آهي. هو بيهه رهيو. گهر جي انڌيري چائنٽ تي هڪ عورت بيٺل هئي.

هن جي زال!

هن مسڪرايو

هڪ عرصي بعد جڏهن هن کي ٿورو هوش آيو ته هن کي محسوس ٿيو ته هي سندس جو گهر ناهي. هن ڏٺو ته هو هڪ ننڍي قد ۽ ٿلهن ڏندن واري عورت جي گود ۾ شراب پي رهيو آهي ۽ هن کي بار بار چئي رهيو آهي: “منهنجي جان، پياري مون کي توسان بي انداز محبت آهي. مقدس.... بي لوث....!”

رنڊي ڦڪي، بي جان لهجي ۾ چيو “ها! آءُ چنڊ...... تون چڪور..... پلا هي ريڊيو ته کول.....”

❊❊❊

# پراڻو قرض

اڄ کان ٻه سئو سال پهرين، انگريزي فوجن آمريڪا جي آزادي جي لڙائي جي ڏينهن ۾ فليڊلفيا جي هڪ گر جا گهر جي عمارت کي نقصان پهچايو هو.

ان سلسلي ۾ ڪجهه مهينا گذريا جو اُن گرجا گهر جي پادري جوزف ڪوسي انگلينڊ کان اُن نقصان جي عيوض ڏنڊ جي رقم جي گهر ڪئي. ٻن سالن کان پوءِ انگليند جي چانسلر آف ايڪس چيڪر اُن گرجا گهر جي پادري کي هڪ تمام سنو خط لکيو ۽ ڏنڊ جي طور ڇهه پائونڊ اٺ شلنگ ۽ هڪ پينس رقم پري ڏني.

اهو خط سڄي دنيا جي اخبارن ۾ ڇپجي چڪو آهي ۽ دنيا جي چڱني ڪنڊن ۾ انگريزن جي سچائي ۽ حق جي فيصلي جي ڌوم مچي ويئي آهي. ماڻهو چون ٿا ته، جڏهن ته دنيا ۾ پاءُ پاءُ جو قرض ادا نٿو ڪري، اڄ به اهڙي قوم آهي جيڪا پنهنجو قرض پائي پائي ڪري چڪائي ڇڏي ٿي. ۽ اُها آهي انگريز قوم. ٻه سئو سال پراڻو قرض چڪائي انگريز چانسلر انگريزي ايمانداري ۽ شرافت جو هڪ اهڙو مثال قائم ڪيو آهي جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

هندستان ۾ انگريز چانسلر آف ايڪس چيڪر جي خط جو تمام گهڻو اثر ٿيو آهي ۽ سڀ کان زياده اثر مون تي ٿيو آهي.

جڏهن مون اخبارن ۾ هي خط پڙهيو ته انگريز حڪومت جي انساني محبت ۽ شريفاڻين عادتن ڏاڍو متاثر ڪيو. منهنجي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا ۽ ٻن ڪلاڪن تائين لڳاتار رئندو رهيس.

پوءِ آئون پنهنجا لڙڪ اُگهي پنهنجي گندي ڪمري کان ٻاهر نڪري آيس ۽ اخبار جي اها خبر ڪٽي ڪجهه ماڻهن سان ملڻ لاءِ نڪري پيس.

انهن ملاقاتن جو هن وقت تائين نتيجو اهو نڪتو آهي ته، صرف اسان جي ملڪ هندستان مان سوين ماڻهن انگريز چانسلر کي مبارڪباد جا خط لکيا آهن. اهي خط دنيا جي ڪنهن به اخبار ۾ نه ڇپيا آهن.

هي خط پهريون ڀيرو اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان. جاءِ جي کوٽ جي سبب سڀ خط ته ڇاپي نٿا سگهجن. نموني جي طور صرف ڪجهه خط پيش ڪريان ٿو.

**پهريون خط**

پانڊي شيپ وچن شرما جي طرفان چانسلر آف ايڪس چيڪر جي نانءُ!

جئي رام جي!

اڄ ڪان ٻه سئو سال پهرين انگريزن فيلڊ لفيا جي گهرجا گهر جي عمارت کي نقصان پهچايو هو. اُن لاءِ اوهان ڇهه پائونڊ اٺ شلنگ ۽ هڪ پينس جو هرجاڻو ادا ڪري، جيڪو قدم کنيو آهي اُن لاءِ آئون توهان جو دلي شڪريو ادا ڪريان ٿو. اڄ کان ڏيڍ سال پهرين اهڙي طرح انگريز فوجن لڙائي ۾ منهنجي ٻن مندرن کي نقصان پهچايو هو. انگريز فوجن جي گولاباري سان اسان جو هڪ مندر ته بلڪل پٽجي پيو هو ۽ ٻئي جي چئوديواري ڪري پئي هئي. اُن زماني جي تحصيلدار نقصان جو ڪاٿو ٻه لک لڳايو هو. مهرباني ڪري هي رقم جلد کان جلد موڪلڻ جي تڪليف ڪندا. ٿيل نقصان جي تخميني بابت تحصيلدار بنارس جي لکيل دستاويز کي ثبوت طور گڏ اوهان جي خدمت ۾ خط سان گڏ موڪلي رهيو آهيان.

## ٻيون خط

مولانا صلاح الدين جي طرفان لارڊ بشپ آف ڪينٽربري جي نانءُ!

اسلام وعليڪم!

توهان کي معلوم هوندو ته شري رنگ پٽڻ جي مقابلي ۾ ٽيپو سلطان جي خلاف وڙهندي انگريزن ٽن مسجدن کي شهيد ڪيو هو. جاني ۽ روحاني نقصان جي علاوه صرف مالي نقصان جو اندازو ڏهه لک رپين جو آهي. جيڪو انگريز تاريخ لکندڙن جي تاريخي رڪارڊ مان به ثابت ڪري سگهجي ٿو. جنهن جو هڪ نقل خط سان شامل ڪري رهيو آهيان. مون کي پورو پروسو آهي ته فيلڊ لفيا جي گرجا گهر جي مثال کي سامهون رکندي، اسان کي به ڏهه لک جو هرجاڻو ضرور ادا ڪيو ويندو. مسجد ۽ گرجا گهر ٻئي خدا جا گهر هوندا آهن ۽ سمجهيا ويندا آهن.

انهي ڪري گرجا گهر جي هرجاڻي کي نظر ۾ رکندي هن خاڪسار کي مسجد جو هرجاڻو ڏياريو وڃي.

هي عمل منهنجي لاءِ ۽ اسلام جي حامين لاءِ انتهائي شڪر ۽ اطمينان جو باعث بڻبو.

مخلص: الحاج مولانا صلاح الدين چشتي

امام مسجد، شري رنگ پٽڻ

## ٽيون خط

ماسٽر تارا سنگهه جي طرفان لارڊ هوم جي نانءُ!

ست سري اڪال!

توهان چاڻو ٿا ۽ سڄي دنيا ڄاڻي ٿي ته مهاراجه رنجيت سنگهه جي رشتي دارن تي انگريزن فوجي دٻاءُ وجهي انهن کان ڪوهنور هيرو ڦري ورتو هو. ان زيادتي ۽ بي ايماني جي خلاف اُن وقت به آواز اُٿاريو ويو هو ۽ انگريز حڪومت جي سموري عرصي دوران به هندستانين طرفان بار بار احتجاج ڪيو ويو هو.

هاڻي جڏهن ته انگريز حڪومت پراڻا قرض چڪائي پئي. انصاف جي تقاضا اها آهي ته ڪوهنور هيرو اسان کي واپس ڪيو وڃي. جوهرين جي اندازي موجب ڪوهنور هيري جي قيمت اَٺ ڪروڙ رپيه ٿئي ٿي. اسان کي ڪوهنور هيرو جلد کان جلد ملڻ گهرجي.

**چوٿون خط**

بيگم رفعت محل آف لکنوي جي طرفان انگريز چانسلر جي نانءُ!

آداب عرض!

اوڌ جي بيگمن جي قصي کان ته توهان واقف هوندا.

جڏهن ڪمپني بهادر کي پنهنجي فوجن کي پگهار ڏيڻ جي سلسلي ۾ پئسن جي سلسلي ۾ سخت ضرورت پئي ته، اُن وقت جي جناب لاٽ صاحب وارن هينگو مرحوم، (خدا اُن کي جنت نصيب ڪري) بيگمات ۽ اوڌ جو سڄو خزانو ضبط ڪيو هو.

مهرباني فرمائي اُها لٽيل رقم جلد موڪليو.

هنن ڏينهن ۾ لکنو ۾ سيلاب به اچي رهيو آهي. انهي لاءِ هن بندي کي جي ڪڏهن جلدي رقم ملندي ته توهان جي جان ۽ مال جي دعاگو رهندي. اُميد آهي ته هن ننڍڙي رقم لاءِ مون کي ياد ڏيارڻ جو موقعو نه ڏيندا.

**پنجون خط**

ميئر آف ڪلڪته جي طرفان ميئر آف لنڊن جي نانءُ!

هي آءُ ڇا پيو ٻڌان؟ انگريز چانسلر اڄ کان ٻه سئو سال اڳ هڪ آمريڪي گرجا گهر جو نقصان ٽيڻ تي ڇهه پائونڊ، اٺ شلنگ ۽ هڪ پينس جي تمام وڏي رقم ادا ڪئي آهي. ڇا رقم ادا ڪرڻ وقت هو بليڪ هول آف ڪلڪته وارو واقعو وسري ويا؟ جيڪو لارڊ ڪلائيو جي بدمعاشي ۽ بري عادت جي ڪري ٿيو هو ۽ جنهن ۾ ڪوڙسارن بنگالين جون جانيون هليون ويون هيون. يقينن هڪ انسان جي زندگي گرجا گهر جي ديوار کان زياده قيمتي آهي. مرڻ وارن جي وارثن جو تعداد هن وقت ٻه لک کان مٿي آهي. هر ماڻهو کي فقط هڪ سئو رپيه به ادا ڪرڻ سان هي هرجاڻو ٻه ڪروڙ پنجاهه لک انهتر هزار نو سئو ست رپيه ست آنا ۽ ٽي پئسا ٿيندو. جيڪڏهن توهان هي هرجاڻو ادا نه ڪيو ته، اسين اوهان جي ڇهه پائونڊ اٺ شلنگ ۽ هڪ پينس جي چيڪ کي محض هڪ ڏيکاءُ سمجهڻ تي مجبور ٿينداسين.

**ڇهون خط**

هندستان جي وزيراعظم طرفان برطانوي وزيراعظم جي نانءُ!

يورايڪسيلينسي!

اهو چوڻ مشڪل آهي تہ برطانوي چانسلر ہ سئو سال پهرين گرجا گهر جي نقصان جو هرجاڻو ڀري صحيح قدم کنيو يا غلط. جيتوڻيڪ آئون مذهبي ماڻهو ناهيان. پر ان جو ٻيو پهلو اِهو ہ آهي تہ جيڪڏهن هڪ هرجاڻو ادا ڪري سگهجي ٿو تہ ٻيو ڇو نٿو ڪري سگهجي؟ پر ن ڳالهہ جو ہ آساني سان فيصلو نٿو ڪري سگهجي.

جيئن تہ دنيا ڪافي معاملن ۾ منجهيل سٽ جيان آهي. اُن ۾ هڪ ئي وقت ايترين طاقتون، ايترا رجحان ۽ ايترا جذبات ڪم ڪن ٿا، جو ڪنهن هڪ نتيجي تي پهچڻ مشڪل آهي. بهرحال هن دنيا ۾ حقيقتن سان اک ملائڻي ئي پوي ٿي. چاهي اُهو ايٽم بم هجي يا.... هي هڪ تاريخي سچائي آهي تہ انگريز حڪومت جي زماني ۾ جڏهن هندستاني قوم غلام ۽ پنتي پيل هئي، سڄي ملڪ ۾ ارڙهن وڏا ڏڪار پيا هئا (آئون ڪامنويلٿ جو خيال ڪندي ننڍين ننڍين ڏڪارن جو ذڪر نہ ڪندس) جنهن ۾ جان ۽ مال جي سڄي ذميواري انگريز حڪومت جي هئي ۽ آهي. انهن ڏڪارن ۾ اڙيسا جي ٽيون حصو ۽ بهار جي چوٿون حصو آبادي ختم ٿي ويئي هئي. گذريل مهاڀاري لڙائي جي ڏينهن ۾ بينگال جي ڏڪار ۾ پنجٽيهہ لک بينگالي موت جو شڪار ٿيا.

ڀارت سرڪار هن نقصان جو اندازو پنجويهہ ملين ڪرب پونڊ لڳايو آهي. آئون ڀارت سرڪار ۽ برطانيہ سرڪار جي دوستي ۽ بين القوامي بهبودي کي نظر ۾ رکندي اُميد ٿو ڪريان تہ توهان جلد کان جلد حڪم ڏيندا تہ پنجويهہ ملين ڪرب پائونڊ جي رقم چيڪ جي ذريعي هندستاني خزاني ۾ موڪلي وڃي.

❊

ٻڌڻ ۾ آيو تہ انهن تہ انهن خطن جي پهچڻ کان پوءِ برٽش وزيرن جي خاص گڏجاڻي سڏائي ويئي. ڪارروائي جي دوران معلوم ٿيو تہ نہ صرف ڀارت پر سري لنڪا کان، پاڪستان کان، برما کان، سنگاپور کان، بورنيو کان چين کان، مصر کان، عراق کان، آفريڪا، کان ويسٽ انڊيز کان ۽ ٻين اُنهن تمام جڳهين کان جتي جتي برطانيہ جي حڪومت رهي چڪي هئي، هزارين خط ان سلسلي ۾ مليا آهن. اُنهن ۾ هر خط ان قسم جي قرض جي باري ۾ آهي. پر جڏهن انهن رقمن کي جوڙڪيو ويو تہ معلوم ٿيو تہ، جيڪڏهن هرجاڻي جي ڪل رقم ادا ڪئي وڃي تہ، مالي اعتبار سان انگلينڊ بلڪل انهي جڳهہ تي پهچي ويندو جتي هو اڄ کان ٺيڪ ہ سئو سال پهرين هو.

❊❊❊

# تالهيءَ جو واڳڻ

تہ جناب ميرم پور ۾ منهنجو ڏنڌو نہ هليو. لانگهن مٿي لانگها ٿيڻ لڳا. ۽ جڏهن کيسي ۾ آخري اٺ آنا بچيا تہ مون پنهنجي زال کان پڇيو "گهر ۾ تورو اٽو بہ ناهي ڇا؟"

هن نيڪ بخت چيو "چئن مانين جيترو ٿيندو."

مون کيسي مان آخري اٺ آنا ڪڍي هن کي ڏيندي چيو "وڃ بازار مان واڳڻ وٺي اچ. اڄ ماني سان گڏ واڳڻن جي ڀاڄي کائي وٺنداسين.

هن نيڪ بخت فڪرمند ٿيندي چيو "هن وقت تہ کائي لائينداسين. پر رات جي ماني جو ڇا ٿيندو؟."

"تون فڪر نہ ڪر، هو مٿي وارو ڏيندو." مون چيو ۽ پوءِ منهنجي نظر شيشي جي ان باڪس تي پئي جنهن ۾ هڪ ننڍڙو تاج محل رکيل هو. هي تاج محل مون پنهنجي زال لاءِ شادي جي شروعاتي ڏينهن ۾، آگري مان خريد ڪيو هو ۽ تاج محل کي ڏسڻ کان پوءِ ئي خريد ڪيو هو. محبت بہ ڇا شئي آهي. هن ويهن رپين جي تحفي کي ڏسي منهنجي زال جو چنڊ جهڙو چهرو گلابي ٿي ويو هو.

مون شيشي جي تاج محل تي نظرون ٽڪائيندي چيو "جي ڪجھ نہ ٿيو تہ هن رانديڪي کي وڪڻي ڇڏينداسين." تہ محترم! هن جو چهرو ايئن هيڊو ٿي ويو ڄڻ ڪنهن هن جي چهري جو سڄو خون چوسي ورتو هجي. هن غصي، خوف، مجبوري ۽ نا اُميدي جي مليل جليل جذبات مان ڏڪندڙ آواز ۾ چيو "نہ آئون ان کي وڪڻڻ ڪو نہ ڏينديس. هي تہ..... هي تہ منهنجي سهاڳ جي نشاني آهي."

مون هن جي ڪاوڙ کي ٿڌو ڪندي نهايت نرم لهجي ۾ چيو. "ٺيڪ آهي ڪو نہ وڪڻنداسين. ٻيو ڪجھ وڪڻنداسين. ٿي سگهي ٿو تہ مٿي وارو ڪو رستو ڪڍي ڏي. تون هن وقت وڃي واڳڻ تہ وٺي اچ. بک بي حال ڪري ڇڏيو آهي."

هوءِ بازار مان واڳڻ وٺي آئي. رڌڻي ۾ ويهي صندلي تي رکي اڃان هن ڦريون واڱڻ ڪٽيوئي مس جو اُن کي اندران ڏسي حيران ٿي ويئي. "اڙي!" هن جي وات مان بي اختيار آواز نڪتو.

"ڇا آهي؟" آئون بورچيخاني ۾ اندر ويس. هن مون کي ڪٽيل واڳڻ ڏيکاريو. "ڏس تہ هن جي اندر ڇا لکيل آهي؟."

مون غور سان واڳڻ کي ڏٺو. واڳڻ جي اندر واڳڻ جا ٻج ڪجھ اهڙي طرح پاڻ ۾ جڙي ويا هئا جو لفظ الله چٽو ڏسڻ ۾ اچي رهيو هو.

“هي ڀڳوان!”

مون پنهنجي پيشاني تي هٿ رکي چيو “هي ته مسلمانن جو الله آهي.”

محلو پوربيان جتي آئون رهندو هوس، اُتي مليل جليل آبادي رهي ٿي. يعني اڌ هندن جي ۽ اڌ مسلمانن جي. ماڻهو وڏي تعداد ۾ واڳڻ کي ڏسڻ لاءِ اچڻ لڳا. هندن ۽ عيسائين کي هن واڳڻ تي يقين نه آيو. پر حاجي ميان اچن اُن تي ايمان آڻي ورتو. پهريون نذر ۽ نياز اُن ئي ڏنو. مون اُن ڪٽيل واڳڻ کي شيشي جي باڪس ۾ رکي ڇڏيو. جنهن ۾ تاج محل رکيل هو. ٿوري دير ۾ هڪڙي مسلمان اُن جي هيٺان سائو ڪپڙو وڇائي ڇڏيو. ۽ پن ٻيڙي جو ڏنڊو ڪندڙ منن ميان قرآن خواني شروع ڪري ڏني. بس پوءِ ڇا ٿيو. شهر جي سڀني مسلمانن ۾ واڱڻ جو ذڪر شروع ٿي ويو. جناب! سمتي پوره کان ميمڻ پوره تائين ۽ ٻجواڙي کان ڪماني ڳڙهه تائين ۽ هيڏانهن وري ٽيلي ميان جي چوڪ کان وٺي محلي ڪوٺياران تائين ماڻهو اسان جي گهر واڱڻ کي ڏسڻ لاءِ اچڻ لڳا. ماڻهن چيو هڪ ڪافر جي گهر ۾ ايمان پنهنجو جلوو ڏيکاري ڇڏيو. نذر ۽ نياز وڌندو ويو. پهريئن پندرهن ڏينهن ۾ ست هزار ملي ويا. جنهن مان ٽي سئو رپيا ڪرم شاهه کي ڏنا، جيڪو چرس جو دم لڳائي واڱڻ جي هر وقت نگراني ڪندو هو.

پندرهن ويهن ڏينهن کان پوءِ ماڻهن جو جوش ايماني ٿڌو پوڻ لڳو. ته هڪ رات جڏهن سائين ڪرم شاهه چرس جو دم لڳائي بي سڌ ستو پيو هو. مون آهستي پنهنجي زال کي جاڳايو ۽ وڏيل واڱڻ تان شيشي جو باڪس هٽائي چيو “ڏس ڇا ٿو ڏسڻ ۾ اچيئي؟ هن چيو “الله.”

مون وڏيل واڱڻ کي ڪنڊ کان ٿورڙو گهمائي پڇيو “هاڻي ڇا ٿو ڏسڻ ۾ اچيئي؟”.

“اوم!” “اڙي هي ته اوم آهي.” منهنجي زال پنهنجو هٿ مٿي تي رکي ڇڏيو. هن جي پوري چهري تي حيرت نمايان هئي.

راتو رات مون پنڊت رام ديال جو دروازو کڙڪايو ۽ هن کي سڏي وڏيل واڱڻ جي بدليل شڪل ڏيکاري. رام ديال رڙ ڪري چيو. “اڙي هي ته اوم آهي. ايترا ڏينهن مسلمان اسان کي دوکو ڏيندا رهيا.”

هن جي رڙ ٻڌي سائين ڪرم شاهه جاڳي پيو. هن کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو. “هي ڇا ٿي رهيو آهي؟” هو ڦاٽل ڦاٽل ڳاڙهين اکين سان اسان ڏي ڏسي رهيو هو. پنڊت رام ديال هن کي لت هڻي چيو. “نڪر هتان، اسان جو ڌرم ناس ٿو ڪرين اوم کي الله ٿو چوين.”

بس پوءِ ڇا ٿيو؟ سڄي شهر ۾ هي خبر باهه وانگر ڦهلجي ويئي ته وڏيل واڱڻ جي اندر دراصل “اوم” جو نالو لکيل آهي. پنڊت رام ديال سائين ڪرم شاهه جي جڳهه سنڀالي ورتي. رات ڏينهن آرتي ٿيڻ لڳي. ڀڄن ڳائجڻ لڳا. ڦل ڦول چڙهڻ لڳا. مون رام ديال جو حصو ٻه رکي ڇڏيو هو. جيڪو محنت ڪري، اُن کي به اُن جو ڦل ضرور ملڻ گهرجي. پر واڱڻ تي وارثي منهنجي ئي رهي. هاڻي شهر جا وڏا وڏا مست جوڳي ۽ شڌ مهاتما ۽ سوامي، اُن واڱڻ کي ڏسڻ لاءِ اچڻ لڳا، جنهن الله مان اوم بڻجي هن واڱڻ ۾ گويا مسلمانن کي شڪست ڏني هئي ۽ پاڻي پٽ جي ٽنهي لڙاين جو بدلو وٺي ڇڏيو هو. شهر ۾ هر جڳهه بحث مباحثا ٿي رهيا هئا. هندو ڌرم جي فضليت تي دونهان دار ليڪچر ڏنا پي ويا. شهر ۾ بي چيني جي ڪيفيت پيدا

ٿي چڪي هئي. هندن چيو ٿي هي اوم آهي، مسلمانن چيو ٿي هي ”الله“ آهي.

هري اوم تت ست، الله اڪبر. گذريل پنجويهه ڏينهن ۾ تقريبن پندرهن هزارن جو قل فروٽ ۽ ڪاڏي پيتي جو سامان ماڻهن ڀيٽا طور چاڙهيو ۽ اُن کان علاوه سون جون منڊيون ۽ هڪ ڪنگڻ بہ مليو ويو. پر شهر ۾ آهستي آهستي ماڻهن جو نشو ٽٽڻ لڳو. پوءِ مون سوچيو تہ هاڻي ڪا ٻي اٽڪل ڪرڻ گهرجي. سوچي سوچي جڏهن پنڊت رام ديال پلنگ جي نشي ۾ ڌت فرش تي ستو پيو هو مون پنهنجي زال کي جاڳائي چيو ”نيڪ بخت ڏس! هن شيشي جي باڪس جي اندر واڱڻ جي اندر توکي ڇا ٿو ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟“

”هي تہ صاف صاف ”اوم“ ئي آهي.“

مون اوم جي پاسي کان واڱڻ کي ٿورو چوريو ۽ پڇيو ”هاڻي توکي ڇا ٿو ڏسڻ ۾ اچي؟“ هن گهبرائي وات ۾ آڱريون پائيندي چيو ”هي رام! هي تہ ڪراس آهي، عيسائين جو صليب.“

”شش“. مون پنهنجي چپن تي آڱر رکندي چيو ”بس ڪنهن کي ڪجهہ نہ. ٻڌائجان. صبح تائين چپ رهڻو پوندو. صبحاڻي آچر آهي. صبح جو پادري ڊيورنڊ سان ملندس.“

وڏيل واڱڻ ۾ مسيحي صليب کي ڏسڻ لاءِ پادري ڊيورنڊ مون سان گڏ هليو. پوءِ هو عيسائين کي وٺي آيو ۽ واڱڻ تي صليب جي نشان کي ڏسي پنهنجي ڇاتي تي ڪراس بنائڻ لڳو ۽ عيسائي ڀڄن ڳائڻ لڳا. ۽ مٿي تہ اڇ چادر اوڍيل خوبصورت فراڪ پاتل عورتون هن معجزي کي ڏسي خوشي مان نٽي سمايون.

شهر ۾ ٻي چيني اچان بہ وڌي ويئي. هندن چيو ٿي، هن واڱڻ تي ”اوم“ لکيل آهي. مسلمانن چيو ٿي ”الله“ آهي. عيسائين چيو ٿي ”صليب“ آهي. معاملو وڌندو ويو. هو هڪ ٻئي تي پٿراءُ ڪرڻ لڳا. ٿوريون گهڙيون ڇرين هڻڻ جون وارداتون بہ ٿيڻ لڳيون. سمتي پوره ۾ بہ هندو ماريا ويا. ۽ مستري محلي ۾ ٽي مسلمان. هڪ عيسائي شهر جي وڏي چوراهي تي قتل ڪيو ويو. شهر ۾ قلم 134 لاڳو ڪيو ويو.

جنهن ڏينهن منهنجي گرفتاري عمل ۾ اچڻ واري هئي، اُن کان اڳيئين ڏينهن واري رات، مون واڱڻ کي نهر ۾ اُڇلائي ڇڏيو. گهر جو سمورو سامان ٻڌي ورتو ۽ زال کي چيو ”ڪنهن ٻئي شهر ۾ هلي ڪو ٻيو ڌنڌو ڪنداسين.“

تہ جناب! ان ڏينهن کان آئون بمبئي ۾ آهيان. ميرم پور جي انهن ٻن مهينن ۾ جيڪا رقم مون ڪمائي هئي،اُن مان هڪ ٽيڪسي خريد ڪري ورتي آهي. هاڻي ڇئن سالن کان ٽيڪسي هلايان ٿو ۽ ايمانداري جي روزي ڪمايان ٿو. ايترو چئي مون ٽيڪسين جي اڏي تي ميز تان پنهنجو گلاس کنيو ۽ آخري ڍڪ ڀري اُن کي خالي ڪيو.

هڪدم منهنجي نگاهہ اُن طرف ڇڪجي وئي جتي منهنجي گلاس جي تري هڪ آلو نشان ڇاهي ڇڏيو هو. مون پنهنجي ٻئي ساٿي ٽيڪسي ڊرائيور محمد ڀائي کي چيو.

”محمد ڀائي! ڏس تہ هن گلاس جي تري هيٺان جيڪو آلو نشان ٺهيو آهي ”اوم آهي يا الله آهي؟“

محمد ڀائي غور سان نشان کي ڏٺو. پوءِ مون کي ڏٺو ۽ پوءِ منهنجي پٺي تي تي زور سان هٿ هڻندي

چيو، "اڙي نالائق! هي بمبئي آهي، هتي نہ اوم آهي نہ الله ۽ نہ صليب..... جيڪو ڪجهہ آهي پئسو آهي بس پئسو."

ايترو چئي محمد پائي ميز تي هٿ گهمائي پاٽي جي نشان کي مٽائي ڇڏيو ايئن جيئن غلط اکرن کي مٽائبو آهي.

❊❊❊

# ڏڪاراپايو

**خوراڪ** جو مسئلو منهنجي اڳيان آهي. هر ماڻهو ڄاڻي ٿو ته هندستان کي خوراڪ جو تمام وڏو مسئلو درپيش آهي. اسين اُن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪئين طريقا آزمائي چڪا آهيون. سڀ کان پهرين ته اسان، ٽائمز اف انڊيا ۽ هندستان ٽائمز جي ڪالمن ۾ اناج اُپايو مهم شروع ڪئي. پر هي مهم ناڪام وئي ڇو جو هاري، ٽائمز اخبار ڪو نه ٿا پڙهي سگهن ۽ جيڪڏهن هو پڙهي سگهيا ٿي اُن جي عيوض ته به اُن تي هر هلائي نٿي سگهيا.

ان ڪم لاءِ ضرورت هئي ٽريڪٽر ۽ زمين جي ٽڪرن جي. پر ان جي عيوض اسان ڇپائي جي مشين استعمال ڪئي. بيشڪ ڇپائي جي مشين نهايت ئي ڪارائتي شئي آهي. اُها لفظن جو انبار ته لڳائي سگهي ٿي پر اناج جو هڪ داڻو به پيدا نٿي ڪري سگهي. معمول جيان اسان غلط طريقا استعمال ڪندا رهياسين ۽ ناڪام ٿيندا رهياسين.

اسان وزيرن جون تقريرون پيدا ڪيون. اشتهار پيدا ڪيا. ۽ آفيسرن جي فوج پيدا ڪئي. جن ڪاغز ۽ قلم جي مدد سان پنهنجين ميزن تي اَناج اُپائڻ جي ڪوشش ڪئي. قلم ۽ ڪاغذ زندگي جون سٺيون ۽ فائديمند شيون آهن. پر اُهي زمين جي پيداوار ۾ خود زمين ناهن.

ان پوڪڻ لاءِ اسان کي زمين جي ضرورت آهي ۽ زمين ڳوٺن ۾ هوندي آهي نه ڪ سول سيڪريٽرين جي ڇٽن تي، انهي لاءِ ئي اسان جا ڪنيل سڀ اُپاءَ ناڪام ٿيا.

هي آزادي جي پهريئن سال جو قصو آهي.

آزادي جي ٻئي سال اسان کي نئون خيال سجهيو. اڄوڪي هندستان کي نون خيالن جي ضرورت آهي ۽ اهڙن نون نون ماڻهن جي ضرورت آهي، جيڪي نوان نوان خيال سوچي سگهن. گذريل ٽن سالن کان اسان ان قسم جي نون نون خيالن تي گذارو ڪري رهيا آهيون.

جيئن ته اناج جي کوٽ جو مسئلو حل نه ٿي سگهيو. انهي ڪري هڪ نئون ماڻهو هڪ خيال کڻي آيو. ”هڪ ٽاڻو لنگهڻ ڪاٽيو“ جي مهم شروع ٿي، جنهن کي اُتنڌي ئي ڪانگريسي وزيرن ۽ قانون ساز اداري جي ميمبرن جي آشيرواد به ملي ويئي.

جيئن ته آئون غريب هئس. انهي لاءِ بنا سوچ سمجهه جي هي مهم بمبئي ۾ اڻ سال پهرين شروع ڪري ڇڪو هوس. هر روز هڪ وقت جي ماني ڪائيندو هوس. پر مون کي اِهو معلوم نه هو ته ان ڪم ۾ مون کي وڏن وڏن ناليوارن ليڊرن ۽ پارليامينٽ جي ميمبرن جي آشيرواد به حاصل آهي.

هاڻي جڏهن مون کي ان مهم جي نيڪ مقصد جي خبر پئي ته مون هڪدم فيصلو ڪري ورتو ته هن اسڪيم کي ڳوٺن ۾ پهچائي ئي ساهه ڪٽندس. ڇو ته منهنجي وطن جي گهڻائي ڳوٺن ۾ رهي ٿي. انهي

ڪري ان اسڪيم جي ڪاميابي ۽ ناڪامي جو دارومدار بہ انهن تي آهي. اُتي مون کي هڪ عجيب غريب تجربو ٿيو...

بمبئي شهر کان اٽڪل ٽيهہ ميل پري هڪ ڳوٺ ۾. اُتي جي ماڻهن مون کي هڪ وڻ سان ٻڌي ورتو ۽ چوڻ لڳا، "ڏس ڇوڪرا! اسين تنهنجي حب الوطني جو قدر ڪريون ٿا. پر هڪ ويلو بکيو رهڻ جي عادت تي تہ اسين گذريل ٻن سالن کان عمل ڪري رهيا آهيون ۽ ڪيترا ڀيرا تہ اسان فقط هڪ ويلو لنگهڻ ناهي ڪاٽيو پر بہ ويلا بہ بک تي رهيا آهيون. انهي ڪري شهرين واري اٽڪل هتي نہ هلندي. هن ڀيري تہ اسان فقط توکي وڻ سان ٻڌو آهي. پر هتي جي وري آئين تہ. توکي وڻ سان ٻڌي باهہ ڏيئي ڇڏينداسين."

منهنجو خيال آهي تہ مون جهڙن ڪيترن ئي نوجوانن کي ڳوٺن ۾ اهڙن تجربن سان منهن ڏيڻو پيو هوندو. اهو ئي سبب آهي جو ان تحريڪ جو هاڻي ڪو بہ ذڪر ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. ان کان سواءِ جيئن تہ هاڻي آزادي جو ٻيو سال بہ گذري چڪو هو تنهنڪري اسان کي ڪو ٻيو نئون خيال بہ سوچڻو هو. نہ تہ اسان جو عوام بي چيني محسوس ڪرڻ لڳندو. توهان کي خبر هئڻ گهرجي تہ اسين هندستاني نهايت حساس آهيون ۽ جلد ئي پراڻن خيالن مان بيزار ٿي پوندا آهيون.

آزادي جي ٽيئن سال هن مسئلي نهايت نازڪ ۽ گنڀير صورتحال اختيار ڪري ورتي. تنهن ڪري اسان کي ڪجهہ سخت قدم کڻڻا پيا. مثلن اسان پنهنجو وزير خوراڪ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ شري ڪي. ايم منشي کي ڪرسي تي ويهاري ڇڏيو. ڪجهہ جاهل ماڻهن مون کان سوال ڪيو : "ان جو ڇا فائدو؟ وزير خوراڪ بدلائڻ سان خوراڪ جو مسئلو تہ حل نہ ٿيندو؟" پر اُنهن ماڻهن کي اها ڪل ئي نہ ٿي پئي تہ هيلتائين سان اِهو ئي ڪجهہ تہ پئي ڪيو آهي. اسان نہ صرف وزير ئي تبديل نہ ڪيو پر اسان مسئلا ئي تبديل ڪري ڇڏيا آهن.

۽ هاڻي اسان کي خوراڪ جي مسئلي جي باري ۾ ڪا بہ ڳڻتي نہ آهي ڇو جو هاڻي اسان جي سامهون وڏن جو مسئلو اچي ويو آهي. مج حل ٿيندڙ مسئلن جي پيداوار بہ اسان جي آزادي جي راهہ جي نشاني آهي ۽ ڪيترا ڀيرا تہ نون مسئلن جي پيداوار جو نون وزيرن ۽ اُنهن ڪاتن جي پيداوار سان سڌو رابطو ٿي وڃي ٿو. مثال جي طور تي پهرين هو خوراڪ جو وزير هو. اُن کان پوءِ جيئن ئي اسان جا مسئلا وڌيا، هو اسان جو وڻڪاري جو وزير بہ ٿي ويو. ۽ جيڪڏهن بناسپتي گيهہ جي پيداوار کي بند ڪرڻ جي تحريڪ زور پڪڙي ورتو تہ هو اسان جو بناسپتي گيهہ جو وزير بہ ٿي ويندو.

سچي عمل جو ئي نالو آهي. ترقي جو نالو ترقي ۽ جيڪڏهن ڪنهن شخص کي اها نظر نٿي اچي تہ اُهو پڪ ڪميونسٽ آهي يا غير ملڪي ايجنٽ. اُن کي بنارڪ رڪاءُ جيل ۾ وجهڻ گهرجي.

شري ڪي ايم منشي جي وڻ اُڳايو مهم بيشڪ هڪ نهايت اعليٰ ۽ عمدو خيال آهي. ان کي هيئن بيان ڪري سگهجي ٿو تہ، "گهڻن وڻن جو مقصد آهي گهڻو رس، گهڻي برسات جو مقصد آهي گهڻو فصل، گهڻي فصل جو مطلب آهي گهڻو اناج."

ڏنو توهان؟ اسان جو خوراڪ جو مسئلو ڪيئن نہ آساني سان حل ٿيو وڃي. ڪنهن مون کي ٻڌايو تہ هي شري منشي جو پنهنجو خيال ناهي. بلڪ هڪ روسي جو خيال آهي. مون کي اهو بہ ٻڌايو ويو تہ آبو هوا جي تبديلي لاءِ جبلن جي لاهين تي سوين ميل علائقي ۾ روسي ماڻهو وڻ لڳائي رهيا آهن. پر تيزيءَ تز نقاد اها ڳالهہ وساري ويهن ٿا تہ. روسي ماڻهو اهو ڪم آزادي جي ٽيهن سالن کان پوءِ شروع ڪري رهيا آهن ۽ اسين ان کي آزادي جي ٽيئن سال کان ئي شروع ڪري رهيا آهيون ۽ اُهو بہ بنان ڪنهن گڏيل رٿابندي جي.

روسي ماڻهن کي پهرين هڪ سوشلسٽ انقلاب آڻڻو پئجي ويو. اُن ان پوءِ اُنهن وڏن وڏن زميندارن جون زمينون ضبط ڪري هارين ۾ تقسيم ڪيون. اُن کان پوءِ اُنهن گڏيل پوک شروع ڪئي ۽ ٽيهن سالن جي ڀرپور تجربي کان پوءِ هو ناهموار ميدانن ۽ بنجر زمين کي تبديل ڪرڻ تي ڪم ڪري رهيا آهن. پر هندستان ۾ اسان انهن جي پهريئن مرحلي کي ليکي ۾ ئي ڪو نہ آندو آهي. هتي ڪو بہ سوشلسٽ انقلاب ڪونهي آيو ۽ نہ ئي عوامي جمهوري انقلاب بہ آيو آهي. ڇو تہ اهڙا انقلاب اسان جي اهنسائي (عدم تشدد) ڌرم جي خلاف آهن. اسان هتي وڏن وڏن زميندارن ۽ جاگيردارن جون زمينون ضبط ناهن ڪيون. ڇو تہ اسان انفراديت ۾ يقين رکون ٿا. تنهن ڪري اسان سڌو وڻ اڳايو مهم شروع ڪري ڇڏي، جيڪا اسان کي ڪنهن بہ انقلاب جي مسئلي ۾ نٿي منجهائي. جيڪا وڏن وڏن زميندارن جي وڏين وڏين زمينن جي ضبطي جي ضرورت محسوس نٿي ڪرائي. ۽ سڀ کان زياده اهو تہ اُها اسان کي گڏيل پوک ڪرڻ تي مجبور نٿي ڪري. اها هڪ سنئين سڌي سادي ۽ اعليٰ اسڪيم آهي، جيڪا موجوده حالتن ۾ تبديلي جي تقاضا نٿي ڪري.

انهي لاءِ اسان جي وزير صاحب تي نقل بازي جو الزام لڳائڻ وارا سڀ ڪوڙا آهن. ان کان سواءِ سويت يونين جي منصوبي ۽ اسان جي منصوبي ۾ هڪ ٻيو وڏو فرق بہ آهي. جنهن کي ماڻهو اڪثر وساري ڇڏين ٿا. ۽ اهو تہ سويت منصوبو ٻين سويت منصوبن جي طرح ڪامياب ٿي ويندو. پر اسان جو منصوبو تہ پهرين ئي ناڪام ٿي چڪو آهي. هاڻي آزادي جي چوٿين سال تي اچان ٿو.

آزادي جي چوٿين سال تي اسان کي سڀ کان انوکو ۽ نئون خيال سجهيو آهي. اسان اناج پوکيو مهم کي پاسيرو ڪري ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي طاقت کي ڏڪار پوکيو جي مهم ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اسان اها مهم پهرين بهار صوبي کان شروع ڪئي آهي. پر مون کي يقين آهي تہ اها جلد ئي ٻين صوبن ۾ بہ ڦهلجي ويندي. ۽ جيئن ماضي ۾ اسين هميشہ ناڪام ٿيندا رهيا آهيون، هن ڀيري ضرور ڪامياب ٿينداسين.

دراصل اسان جي وڻ اُپايو مهم انهي لاءِ ناڪام ٿي ڇو جو اُن جي بنيادي رٿابندي ۾ خاميون هيون. جيئن آئون پهرين ٻڌائي چڪو آهيان. هي منصوبہ بندي هن طرح.... زياده وڻن جو مطلب آهي گهڻي بارش، گهڻي بارش جو مطلب آهي زياده فصل وغيره وغيره... پر گهڻي برسات تہ بادلن مان بہ حاصل ڪري سگهجي ٿي. انهي لاءِ گهڻا بادل مهم ڇو نہ شروع ڪئي وڃي؟ پر انهي لاءِ اسان کي بارش ديوتا سان ٽڪر

ڪاٽو تي پيو ۽ اسان جي حڪومت سيڪيولر هئي. ۽ پيو تہ پاڪستان سان بہ اُلجهيل هئي. انهي ڪري اُها ٻن محاذن تي ڪيئن وڙهي سگهي ٿي؟ انهي لاءِ ان اسڪيم کي ختم ڪرڻو پئجي ويو.

موجوده اسڪيم اسان هاڻي هاڻي تيار ڪئي آهي. مالٿس جو نظريو آبادي جي اڪثريت جي اصول تي مبني آهي. هندستان کي ڏڪار جي ضرورت آهي. ضرورت انهي لاءِ ناهي تہ ملڪ ۾ اناج جي کوٽ آهي. بلڪ هندستان جي آبادي زياده آهي. توهان ڄاڻو ٿا تہ اورنگ زيب جي زماني ۾ اسين فقط ڏهہ ڪروڙ هئاسين. اُن کان پوءِ ايسٽ انڊيا ڪمپني آئي، جنگيون لڳيون، ڏڪار آيا، بيماريون ڦهليون ۽ ڏيڍ سئو سالن تائين نو آبادياتي نظام جو وسيع نظام هلندو رهيو. پر انهن مصيبتن جي باوجود بہ اسان جي آبادي وڌندي رهي. ۽ 1947ع ۾ اسان چاليهہ ڪروڙ تي وياسين. هڪ وڏي پر ڪيترن ئي سببن جي ڪري نيڪ ۽ مهربان سامراجين سان گڏجي، اسان اهڙو انتظام ڪيو جو پنهنجي ملڪ جو هڪ حصو الڳ ڪري ڏهہ ڪروڙ جي تعداد کان جان ڇڏائي ورتي ۽ اسان جي سياستدانن جي اهڙي ذهانت سان ڏهہ ڪروڙ عوام جو بوجهہ هلڪو ٿيو. جيڪڏهن هندستان جو ورهاڱو نہ ٿئي ها، تہ اهي ڏهہ ڪروڙ هن وقت بہ خوراڪ، لٽي اجهي ۽ روزگار جي معاملي ۾ اسان کي پريشان ڪندا وتن ها. پاڪستان جي تز نقادن کي اها ڳالهہ ڪڏهن بہ وسارڻ نہ گهرجي.

آزادي جي چوٿين سال اسان جا سڀئي عام طريقا ختم ٿي چڪا آهن. هڪ پراڻي مثال جي مطابق ڪنهن شئي کي هاصل ڪرڻ جا ٽي طريقا آهن. گهرو، اوڌر وٺو يا چوري ڪريو. اسان عوام کان گهر ڪئي تہ زياده اناج اُپايو پر ڪاميابي نہ ٿي. اسان ڪوشش ڪئي تہ آمريڪا کان ڪٽڪ اوڌر تي ملي وڃي، پر پوءِ بہ ڪاميابي نہ ٿي ۽ عوام جي چوري تہ اسان ايتري ڪري چڪا آهيون، جو چوري ۾ هاڻ اسان کي ڪجهہ ملڻ جي لاءِ هنن وٽ ڪجهہ بچيوئي ناهي.

پر ڇا ڪيو وڃي؟ هاڻي تہ فقط هڪ ئي طريقو بچيو آهي، تہ جيڪڏهن اسان اناج آبادي جي مطابق پيدا نٿا ڪري سگهون تہ اسان کي پنهنجي آبادي اناج جي مقدار جي مطابق گهٽ ڪرڻ گهرجي يعني عام مردم ڪشي، هي رستو مالٿس جو آهي. هڪ ٻيو فلاسافر ٿي گذريو آهي، جنهن جو چوڻ هو تہ "زمين هارين کي ڏيو" ۽ "ڪم ڪريو."

"پيدا ڪريو ۽ حاصل ڪريو". ها پر – اُن جو نالو مالٿس ڪو نہ پر مارڪس هو ۽ اُهو ڪميونسٽ هو ۽ ڪميونسٽن سان اسان ڪو بہ واسطو رکڻ لاءِ تيار ناهيون. اسان پنهنجي زندگي جي راهہ منتخب ڪري ورتي آهي ۽ اها راهہ مارڪسزم جي راهہ ناهي. بلڪ گانڌي ازم ۽ مالٿس ازم جي راهہ آهي.

"ڏڪار پوکيو". اسان کان اڳ هڪ دانا شخص تجويز پيش ڪئي هئي تہ ڏڪار پوکيو جهڙو انتهائي قدم کڻن کان پهرين ٻيا طريقا ڳولڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. مثال جي طور تي اناج جي پيداوار وڌائڻ لاءِ هندستان ۾ ڪيتي ٻاڙي لاءِ ايراضي وڌائڻ گهرجي. ان جي تجويز هئي تہ اسان کي ٽوپين تي اناج پوکڻ گهرجي.

ان جو دليل اهو هو تہ هڪ وچولي سائز جي ٽوپي تي ڇٽيهہ اسڪوائر انچ جي ايراضي بغير پوک

جي پيپل هوندي آهي. جيڪڏهن اسان اُن تي ڪجهه مٽي وجهي پاٽي ڇٽڪاريون تہ اها ايراضي فصل اُپائڻ جي ڪم اچي سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن اُن کي اسان جوڙ ڪريون تہ اها ايراضي ڪا گهٽ ناهي.

ٿورڙو ٽيهہ ڪروڙ هندستانين کي تصور ۾ آڻيو. هر هڪ جي مٿي تي ڇٽيهہ اسڪوائر انچ جو ڪيت هوندو. اها ايراضي برطانيہ جي ايراضي جي برابر ٿيندي اُن تي اسان ڪٽڪ، داليون، ڪمند، چانور وغيره پوکي سگهون ٿا. اسان اُن تي ننڍا ننڍا سبزين جا ٻارا بہ لڳائي سگهون ٿا. جنهن ۾ گوگڙو، واڱڻ، گوبي ۽ پيِنڊي لڳائي سگهجي ٿي ۽ اهو سڀ ڪجهہ اسان جي مٿي تي اُڦندو. ڪارمين ميرانڊ جي طرح.

منهنجي ان دانا دوست ٻڌايو "دراصل مون هي خيال ڪارمين ميرانڊ کان حاصل ڪيو آهي. ڪارمين ميرانڊ هالي ووڊ جي مشهور اداڪاره آهي." مون وراڻيو "اهو ٺيڪ آهي اسان کي آمريڪي ڪٽڪ نٿي ملي تہ ٺيڪ پر. اسان آمريڪي خيال تہ حاصل ڪري سگهون ٿا. اُن ۾ ڪهڙي برائي آهي؟."

اچو پهرين اسان وزيرن جي آشيرواد وٺون. ڇو تہ پنهنجي مقدس آزادي ۽ پبلڪ سيفٽي ايڪٽ نافذ هئڻ سبب هندستان ۾ ڪا بہ مهم تيستائين ڪامياب نٿي ٿي سگهي، جيستائين اُنهن کي وزيرن جي آشيرواد حاصل نٿي هجي. پر مايوسي مان ڪنڌ لوڏي منهنجي دوست چيو تہ پر "ان ۾ هڪ مسئلو آهي. منهنجي خيال ۾ وزير ان تجويز سان متفق نہ ٿيندا. ڇا تون سوچي سگهين ٿو تہ ڪو وزير پنهنجي ٽوپي تي ٽماٽا، بصر، سٽي يا ڪپهہ اُپائڻ پسند ڪندو؟".

آئون تہ ائين سوچي نٿو سگهان" مون جواب ڏنو ۽ اسان اسڪيم رد ڪري ڇڏي.

جيڪڏهن اسين زميندارن، جاگيردارن، بليڪ مارڪيٽنگ ڪرڻ وارن ۽ سامراجين کي ختم ڪري نٿا سگهون تہ اچو! اسين ڏڪار جي ذريعي عوام کي ختم ڪري ڇڏيون. اهڙن ڏڪارن جي ذريعي جيڪي بنگال ۾ آيا هئا.

بنگال جي اڳئين ڏڪار ۾ فقط پنجٽيهہ لک انسان مئا هئا. اهو تہ ڪجهہ بہ ناهي، ان سان اسان جو مسئلو حل نہ ٿيندو. انهي ڪري هن ڀيري اهڙو خطرناڪ ۽ هانو ڏاريندڙ ڏڪار آڻڻ گهرجي، جنهن ۾ ڪروڙين ماڻهو مري وڃن. اسان کي تہ گانڌي ازم جي اهنسا جي روح سان سرشار ايٽم بم جي ضرورت آهي. اُن سان ڌرتي جو بوجهہ هلڪو ٿي ويندو ۽ اسان جا نيڪ ۽ محب وطن جاگيردار نهايت شان شوڪت سان رهي سگهندا. ۽ جيڪڏهن ان ڏڪار سان بہ ماڻهن جو گهربل تعداد نٿو مري تہ اسان هيٺيان طريقا استعمال ڪري سگهون ٿا.

مثال جي طور

1: هاري تحريڪن کي تباهہ ۽ برباد ڪريو.

2: شاگرد تحريڪن کي چيپاٽيو.

3: سيني مخالف درجي تحريڪن کي ناس ڪريو.

مون کي يقين آهي تہ جيڪڏهن اسان اِهي طريقا هڪ ئي وقت استعمال ڪنداسين تہ 1951ع تائين، بلڪ اُن کان پهرين ئي خود ڪفيل ٿي ويندا سين. پر اُن جو تمام دارومدار موتن جي تعداد تي

آهي.

پر ٻڌون ٿا تہ چين ۾ انهن سڀني طريقن جو استعمال ڪيو ويو هو. پر اُهي ناڪام ويا. ان تشدد ۽ جنگ جي باوجود عوام اڳتي وڌندو ويو. ڪومنتانگ، آمريڪي مداخلت، بک، ڏڪار ۽ ڦهلجندڙ بيمارين جي باوجود چيني عوام زور وٺندو ويو ۽ ٻڌو آهي تہ عوام هندستان ۾ بہ زور پڪڙيندو. عوام لافاني آهي.

❊❊❊

# قومي شاعر

**رات** جو زور سان طوفان آيو. سيڪريٽريٽ جي لان ۾ لڳل ڄمون جو وڻ ڪري پيو. صبح جو جڏهن مالي ڏٺو تہ اُن کي وڻ جي هيٺان هڪ شخص دٻيل نظر آيو.

مالهي ڊوڙندو ڊوڙندو پٽيوالي ڏانهن ويو. پٽيوالو ڊوڙندو ڊوڙندو ڪلارڪ وٽ آيو. ڪلارڪ ڊوڙندو ڊوڙندو سپرنٽنڊنٽ ڏانهن ويو. سپرنٽنڊنٽ ڊوڙندو ڊوڙندو لان ۾ آيو. ڪجھ منٽن ۾ وڻ جي هيٺان دٻيل شخص جي چوگرد ماڻهن جو وڏو انگ گڏ ٿي ويو.

"ويچارو ڄمون جو وڻ، ڇا تہ ڦلدار هو". هڪ ڪلارڪ ڳالهايو.

"۽ هن جا ڄمون ڪيڏا نہ رس ڀريل هوندا آهن." ٻئي ڪلارڪ ياد ڪندي چيو.

"آءُ ميون جي موسم ۾ جهولي ڀري ويندو هئس. منهنجا ٻاران جا ڄمون ڪيڏو نہ مزي سان کائيندا هئا." ٽئين ڪلارڪ ذري گهٽ لڙڪ ڳاڙيندي چيو.

"پر هي شخص؟"

سيني جون اکيون پرجي آيون.

مالهي وڻ هيٺان دٻيل شخص ڏانهن اشارو ڪيو.

"ها هي شخص!" سپرنٽنڊنٽ سوچ ۾ پئجي ويو.

"خبر ناهي تہ زندهہ بہ آهي يا مري ويو؟" هڪ پٽيوالي لڙڪ لاڙيندي پڇيو.

"مري ويو هوندو!. ايترو ڳرو وڻ جي ڪنهن مٿان ڪري تہ اُهو ڪيئن بچي سگهي ٿو؟" ٻئي پٽيوالي چيو.

"نہ آئون زندهہ آهيان." دٻيل شخص تڪليف مان رڙ ڪندي چيو.

"وڻ کي هٽائي هن شخص کي ڪيڻ گهرجي." مالهي مشورو ڏنو.

"پر مشڪل ٿو لڳي." هڪ ٿوتي ۽ ٿلهي پٽيوالي چيو "وڻ جو ٿڙ ٿلهو ۽ ڪافي وزني آهي."

"ڪجھ بہ مشڪل ناهي." مالهي چيو "جيڪڏهن سپرنٽنڊنٽ صاحب حڪم ڏي تہ هاڻي ئي پندرهن ويهہ مالهي، پٽيوالا ۽ ڪلارڪ زور لڳائي وڻ جي هيٺان دٻيل شخص کي آجو ڪري سگهن ٿا".

"مالهي صحيح ٿو چوي" سيني ڪلارڪن هڪ ئي وقت گڏجي چيو "زور لڳايو اسين سڀ تيار آهيون."

هڪدم ڪافي ماڻهو وڻ کي هٽائڻ لاءِ تيار ٿي ويا.

"ترسو." سپرنٽنڊنٽ ڳالهايو "آئون انڊر سيڪريٽري سان مشورو ڪري وٺان."

سپرنٽنڊنٽ انڊر سيڪريٽري وٽ ويو. انڊر سيڪريٽري ڊپٽي سيڪريٽري وٽ ويو. ڊپٽي

سيڪريٽري جوائنٽ سيڪريٽري وٽ ويو. جوائنٽ سيڪريٽري چيف سيڪريٽري ڏانهن ويو. چيف سيڪريٽري وزير وٽ ويو. وزير چيف سيڪريٽري کي ڪجهه چيو. چيف سيڪريٽري جوائنٽ سيڪريٽري کي ڪجهه چيو. جوائنٽ سيڪريٽري ڊپٽي سيڪريٽري کي ڪجهه چيو. ڊپٽي سيڪريٽري انڊر سيڪريٽر کي ڪجهه چيو. ايئن فائل گهندو رهيو. پورو اڌ ڏينهن گذري ويو.

ٻنپهرن جي ماني جي وقفي وقت وڻ هيٺان دٻيل ماڻهوجي چوگرد ڪافي رش ٿي ويئي. ماڻهو طرح طرح جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا. ڪجهه مٺي ڦريل ڪلارڪن معاملي کي پنهنجي هٿن ۾ کڻڻ چاهيو ٿي. هنن حڪومت جي فيصلي کان سواءِ ئي وڻ کي خود هٽائڻ جو فيصلو ڪرڻ چاهيو ٿي. ايتري ۾ سپرنٽنڊنٽ فائل هٿ ۾ کڻي ڊوڙندو ڊوڙندو آيو ۽ چيو:

"اسين هن وڻ کي هٽان هٽائي نٿا سگهون. اسين تجارت جي کاتي سان تعلق رکون ٿا ۽ هي وڻ جو معاملو زراعت جي کاتي سان تعلق رکي ٿو. انهي لاءِ آئون هن فائل کي ارجنٽ مارڪ ڪري زراعت جي کاتي ڏانهن موڪلي رهيو آهيان. اتان جواب ايندي ئي وڻ کي هٽايو ويندو".

ٻئي ڏينهن زراعت کاتي مان جواب آيو ته "وڻ تجارت کاتي جي لان ۾ ڪريو آهي. انهي لاءِ وڻ هٽائڻ يا نه هٽائڻ جي ذميواري تجارت کاتي تي ئي لاڳو ٿئي ٿي". جواب پڙهي تجارت کاتي سخت برهمي جو اظهار ڪيو ۽ فورن اُن جو جواب موڪليو ته "وڻ کي هٽائڻ يا نه هٽائڻ جي ذميواري زراعت کاتي تي لاڳو ٿئي ٿي. تجارت کاتي سان اُن جو ڪو تعلق ناهي".

ٻئي ڏينهن به فائل گهمندو رهيو. شام جو اُن جو جواب اچي ويو. "اسين هن معاملي کي هارٽي ڪلچر کاتي جي حوالي ڪري رهيا آهيون. چو ته هي هڪ ڦل دار وڻ جو معاملو آهي ۽ زراعت کاتو فقط اناج ۽ کيتي ٻاڙي جي معاملن ۾ فيصلا ڪرڻ جو مجاز آهي، جمون جو وڻ هڪ ڦلدار وڻ آهي، انهي ڪري هي وڻ هارٽي ڪلچر کاتي جي دائره اختيار ۾ اچي ٿو."

رات جو مالهي وڻ هيٺان دٻيل شخص کي دال چانور کارايا. جيتوڻيڪ لان جي چئني طرفن پوليس جو پهرو لڳل هو ته جيئن ماڻهو قانون هٿ ۾ کڻي وڻ کي هٽائڻ جي ڪوشش نه ڪن. پر هڪ پوليس واري کي رحم اچي ويو ۽ هن مالهي کي وڻ جي هيٺان دٻيل شخص کي کاڌو کارائڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي.

مالهي وڻ جي هيٺان دٻيل شخص کي چيو "تنهنجو فائل حرڪت ۾ آهي. اُميد آهي ته سڀاڻي تائين فيصلو ٿي ويندو."

وڻ هيٺان دٻيل شخص ڪجهه به نه ڳالهايو.

مالهي وري ڳالهيو "تنهنجو هتي ڪو وارث آهي ته اُن جو ڏس ٻڌائي. آئون اُن کي خبر ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس."

"آئون لاوارث آهيان" دٻيل شخص انتهائي تڪليف مان چيو.

مالهي افسوس جو اظهار ڪري اُتان هليو ويو.

ٽيئن ڏينهن هارٽي ڪلچر کاتي کان جواب اچي ويو. ڏاڍو سخت ۽ طنز سان ڀريل. هارٽي ڪلچر

ڪاتي جو سيڪريٽري ادبي مزاج جو ماڻهو لڳو ٿي. هن لکيو.

”حيرت آهي! هن وقت جڏهن اسان وڏي پيماني تي وڻ لڳايو مهم هلائي رهيا آهيون. تڏهن اسان جي ملڪ ۾ اهڙا سرڪاري آفيسر به موجود آهن جيڪي وڻن کي ڪاٽڻ جو مشورو ڏين ٿا ۽ اهو به هڪ ڦلدار وڻ کي ۽ اُهو به جمون جي وڻ کي، جنهن کي عوام وڏي شوق سان کائي ٿو. اسان جو کاتو ڪنهن به صورت ۾ هڪ ڦلدار وڻ کي ڪٽڻ جي اجازت نٿو ڏيئي سگهي“.

”هاڻي ڇا ڪجي؟“

جيڪڏهن وڻ کي وڍي نٿو سگهجي ته هن شخص کي وڍي ٻاهر ڪڍيو وڃي.“

”هي ڏسو.“

هن اشاري سان ٻڌايو. جيڪڏهن هن شخص کي بلڪل وچان، يعني ڌڙ جي جاءِ تان وڍيو وڃي ته اڌ هِن پاسي ۽ اڌ هُن پاسي نڪري ايندو ۽ وڻ اُتي ئي پنهنجي جاءِ تي رهندو.“

”پر ان طريقي سان آئون ته مري ويندس.“ وڻ هيٺان دٻيل شخص احتجاج ڪيو.

”هي به صحيح چوي ٿو.“ هڪ ڪلارڪ چيو ۽ ماڻهو کي ڪٽڻ واري تجويز تي سخت احتجاج ڪيو.

”توهان کي خبر ناهي. اڄ ڪلهه پلاسٽڪ سرجري ڪيتري ترقي ڪري چڪي آهي. آئون ته سمجهان ٿو. جيڪڏهن هن ماڻهو کي وچ مان ڪاٽي ڪڍيو وڃي ته پلاسٽڪ سرجري جي ذريعي ڌڙ جي جڳهه تي هن کي ٻيهر ڳنڍي سگهجي ٿو.“

”پر! پر اِهو ڪيئن.....؟“

هاڻي فائل کي صحت کاتي ڏانهن موڪليو ويو. صحت کاتي فورن اُن تي ائڪشن ورتو ۽ فائل جنهن ڏينهن اُن کاتي ۾ پهتو. اُن جي ٻئي ڏينهن تي ئي پنهنجي کاتي جي انتهائي ماهر پلاسٽڪ سرجن کي تپاس لاءِ موڪلي ڏنو. سرجن وڻ هيٺان دٻيل شخص جو سٺي نموني سان معائنو ڪري، اُن جي خون جي دٻاءُ، ساهه جي رفتار، دل جي ڌڙڪن ۽ ڦڦڙن جي جانچ ڪري رپورٽ موڪلي ڏني، ته هن شخص جي پلاسٽڪ سرجري ٿي سگهي ٿي ۽ آپريشن به ڪامياب ويندو پر ماڻهو مري ويندو.

تنهن ڪري هي تجويز به رد ڪئي ويئي.

رات جو مالهي وڻ هيٺان دٻيل شخص جي منهن ۾ ڪچڙي جو گراهه وجهندي اُن کي ٻڌايو ته، هاڻي معاملو مٿي هليو ويو آهي. ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته سڀاڻي سيڪريٽريٽ جي سڀني سيڪريٽرين جي ميٽنگ ٿيندي، اُن ۾ تنهنجو ڪيس رکيو ويندو. اُميد آهي ته سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو.

وڻ هيٺان دٻيل شخص هڪ آهه ڀري ۽ آهستي چيو.

هم ني مانا ڪه تغافل نه ڪروڪي ليڪن،

خاڪ هوجائينگي هم تم ڪو خبر هوني تڪ.

مالهي وات ۾ آڱر وجهندي حيرت مان پڇيو.

“ڇا تون شاعر آهين؟”

وڻ هيٺان دٻيل شخص آهستي آهستي هائو ڪارمان ڪنڌ لوڏيو. ٻئي ڏينهن مالهي پٽيوالي کي ٻڌايو. پٽيوالي ڪلرڪ کي، ڪلارڪ هيڊ ڪلرڪ کي.... ٿورڙي ئي وقت ۾ سيڪريٽ ۾ اها خبر ڦهلجي ويئي تہ وڻ هيٺان دٻيل شخص شاعر آهي. بس پوءِ ڇا ٿيو؟ رکي رکي هڪ ٻئي جي پويان ماڻهو شاعر کي ڏسڻ لاءِ اچڻ لڳا. اها خبر شهر ۾ باهہ وانگر پکڙجي ويئي ۽ شام تائين محلي جا شاعر گڏ ٿيڻ شروع ٿي ويا. سيڪريٽريٽ جي لان قسمين قسمين شاعرن سان ڀرجي ويئي ۽ وڻ هيٺان دٻيل شخص جي چوگرد هڪ مشاعري جي محفل لڳي ويئي. سيڪريٽريٽ جا ڪيئي ڪلارڪ ۽ انڊر سيڪريٽري تائين جن کي ادب ۽ شاعري سان لڳاءُ هو اچي گڏ ٿيا. ڪجھ شاعر وڻ هيٺان دٻيل شخص کي پنهنجيون غزلون ۽ نظمون ٻڌائڻ لڳا. ڪي ڪلارڪ هن کان پنهنجين غزلن جي اصلاح لاءِ ضد ڪرڻ لڳا. جڏهن خبر پئي تہ وڻ هيٺان دٻيل شخص شاعر آهي تہ سيڪريٽريٽ جي سب ڪميٽي فيصلو ڪيو تہ جيئن تہ وڻ هيٺان دٻيل شخص هڪ شاعر آهي، تنهن ڪري هن جي فائل جو تعلق، نہ تہ زراعت کاتي سان آهي ۽ نہ ئي هارٽي ڪلچر کاتي سان. پر فقط ثقافتي کاتي سان آهي. تنهن ڪري ثقافتي کاتي کي گذارش ڪئي وئي تہ جلد کان جلد هن معاملي جو فيصلو ڪري، بدنصيب شاعر کي هن ڦل دار وڻ کان آجو ڪرائي.

فائل ثقافت کاتي جي مختلف کاتن مان گذري ادبي اڪيڊمي جي سيڪريٽري وٽ پهتو. ويچارو سيڪريٽري اُن وقت پنهنجي گاڏي ۾ سوار ٿي. سيڪريٽريٽ پهتو ۽ وڻ هيٺان دٻيل شخص کان انٽرويو وٺڻ لڳو

“تون شاعر آهين؟ واقعي تون شاعر آهين!؟”

“جي ها، بيشڪ.” وڻ هيٺا دٻيل شخص جواب ڏنو.

“ڪهڙو تخلص استعمال ڪندو آهيان؟”

“اوس”

“اوس؟” سيڪريٽري زور سان رڙ ڪئي “ ڇا تون اُهو اوس آهين جنهن جو شاعري جو مجموعو “اوس جا گل” ويجهڙائي ۾ شايع ٿيو آهي؟”

وڻ هيٺان دٻيل شخص هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

“ڇا تون اسان جي اڪيڊمي جو ميمبر آهين؟”.

“نہ”

“حيرت آهي!” سيڪريٽري زور سان رڙ ڪئي. هيڏو وڏو شاعر “اوس جا گل” جو مصنف ۽ اسان جي اڪيڊمي جو ميمبر ناهي.

اوه! هي اسان کان ڪيڏي وڏي غلطي ٿي ويئي. هيڏو وڏو شاعر ڪيئن گمنامي جي ڪنڊ ۾ دٻيو پيو آهي”.

“گمنامي ۾ نہ پر هڪ وڻ جي هيٺان دٻيو پيو آهيان. مهرباني ڪري مون کي وڻ کان آجو ڪرايو.”

“هاڻي ئي بندوبست ڪريان ٿو.” سيڪريٽري بر وقت جواب ڏنو ۽ بر وقت پنهنجي ڪاتي ۾ وڃي رپورٽ ڪئي.

ٻئي ڏينهن سيڪريٽري ڊوڙندو ڊوڙندو شاعر وٽ آيو ۽ چيو “مبارڪ هجني، منائي ڪارائي اسان جي اڪيڊمي توکي پنهنجي مرڪزي ڪميٽي جو ميمبر چونڊي ورتو آهي. هي وٺ اُن جو آرڊر.”

“پر مون کي هن وڻ هيٺان ڪان تہ ٻاهر ڪڍو”. وڻ هيٺان دٻيل سخص دانهون ڪندي چيو.

هن جو ساهہ مشڪل سان ڪجهي رهيو هو ۽ هن جي اکين مان لڳو پئي تہ هو انتهائي ڪرب ۽ درد ۾ مبتلا آهي.

“اهو اسين نٿا ڪري سگهون.” سيڪريٽري چيو. جيڪو ڪم اسين ڪري سگهياسين ٿي، اُهو اسان ڪري ڇڏيو آهي. ها پر اسين تہ ايترو ڪري سگهون ٿا تہ جيڪڏهن تون مري وڃين تہ تنهنجي زال کي وظيفو بہ ڏياري سگهون ٿا.”

“آئون تہ اڃان زندهہ آهيان.” شاعر جهلي جهلي ڳالهايو.

“مون کي زندهہ رکو.”

“مصيبت اِها آهي تہ.....” اڪيڊمي جي سيڪريٽري هٿ ملائيندي چيو “اسان جو ڪاتو صرف ثقافت سان لاڳاپيل آهي. وڻ وڍڻ جو معاملو قلم يا مس سا نہ. پر ڪارائي يا ڪهاڙي سان تعلق رکي ٿو. انهي لاءِ اسان ٻيلي ڪاتي وارن کي لکي ڇڏيو آهي ۽ ارجنٽ جو نوٽ بہ هنيو آهي.”

شام جو مالهي اچي وڻ جي هيٺان دٻيل شخص کي ٻڌايو “صبحاڻي ٻيلي ڪاتي جا ماڻهو اچي هن وڻ کي ڪٽي ڇڏيندا ۽ تنهنجي جان بچي ويندي.”

مالهي ڏاڍو خوش هو. وڻ هيٺان دٻيل شخص جي صحت جواب ڏيئي رهي هئي. پر هو ڪنهن نہ ڪنهن طرح پنهنجي زندگي لاءِ وڙهي رهيو هو. سڀاڻي تائين..... ڪهڙي بہ حالت ۾ هن کي زندهہ رهڻو آهي.

ٻئي ڏينهن جڏهن ٻيلي ڪاتي جا ماڻهو ڪارائي ۽ ڪهاڙي کڻي پهتا تہ اُنهن کي وڻ ڪٽڻ کان روڪيو ويو. معلوم ٿيو تہ پرڏيهي ڪاتي کان حڪم آيل هو تہ هن وڻ کي نہ ڪٽيو وڃي. سبب اِهو هو تہ هن وڻ کي ڏهہ سال اڳ پي ٽونيا حڪومت جي وزيراعظم سيڪريٽريٽ جي لان ۾ لڳايو هو. هاڻي جيڪڏهن اهو وڻ ڪٽيو ويو تہ انديشو آهي تہ پي ٽونيا حڪومت سان اسان جا تعلقات خراب ٿي ويندا.

“پر هتي هڪ ماڻهو جي حياتي جو سوال آهي.” هڪ ڪلارڪ غصي مان رڙ ڪئي.

“ٻئي طرف ٻن حڪومتن جي تعلقات جو سوال آهي.” ٻئي ڪلارڪ پهريئن ڪلارڪ کي سمجهايو. “۽ اهو بہ سوچ تہ پي ٽونيا حڪومت اسان جي حڪومت کي ڪيتري امداد ڏيندي آهي. ڇا اسين ان دوستي جي خاطر هڪ ماڻهو جي جان جي بہ قرباني ڏيئي نٿا سگهون؟.”

“تہ ڇا شاعر کي مرڻ گهرجي؟.”

“بيشڪ.”

پر نہ

اندر سيڪريٽري سپرنٽنڊنٽ کي ٻڌايو تہ اڄ صبح جو وزيراعظم دوري ڪان واپس اچي ويو آهي. اڄ چئين بجي پرڏيهي ڪاتو ان فائل کي وزيراعظم جي اڳيان رکندو. هو جيڪو فيصلو ڪندو اُن تي عمل ڪرڻو پوندو.

شام جو پنجين بجي سپرنٽنڊنٽ خود دفائل کڻي هن وٽ آيو. “ٻڌين ٿو؟” اڇڻ سان ئي هن خوشي مان فائل لوڏي ڏاڍيان رڙ ڪئي، “وزيراعظم هن وڻ کي ڪٽڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ هن معاملي جي سموري ذميواري پاڻ تي کنئي آهي. سڀاڻي هي وڻ ڪٽيو ويندو ۽ تون هن مصيبت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري وٺندين.”

“ٻڌين پيو؟”

“اڄ تنهنجو فائل مڪمل ٿي ويو.”

سپرنٽنڊنٽ شاعر جي ٻانهن کي لوڏيندي چيو. پر شاعر جو هٿ ٿڌو محسوس ٿي رهيو هو. هن جي اکين جو ماٺڪيون ڪليل ۽ بي جان هيون. ماڪوڙين جي ڊگهي قطار هن جي کليل وات ۾ اندر وڃي رهي هئي.... هن جي زندگي جو فائل بہ مڪمل ٿي چڪو هو.

جڏهن شاعر مري ويو تہ هي خبر سڄي شهر ۾ ڦهلجي ويئي ۽ ماتم مچي ويو. قومي شاعر گذاري ويو۔ يعني شاعر جو فائل هميشہ لاءِ بند ٿي ويو.

❊❊❊

# آدم خور

**پٺورڏن** ممتاز جي لاش کي گهيلي، دادر ۽ پريل جي وچيئين چوڪ وٽ واقع مين هول جي ڪناري تي رکيو ۽ پوءِ هو اُن کي غور سان ڏسڻ لڳو. جنهن وقت، هو ممتاز جو لاش مين هول ڏانهن گهيلي رهيو هو، تہ ٿورا گهڻا راهگير جيڪي انُ وقت سڙڪ تان گذري رهيا هئا. ڊڄي هيڏانهن هوڏانهن گهٽين ۾ گم ٿي ويا.

ايراني هوٽل واري پنهنجي هوٽل اندران بند ڪري ڇڏي. پان وارا پنهنجيون ڪليل مانڊڻيون ڇڏي ڀڄي ويا. ٿوري دير ۾، سڙڪ تي سناٽو ڇانئجي ويو. سامهون ميونسپالٽي جي ڀنگين جون جهڳيون هيون، جن جي ٻاهران اڪثر اگهاڙا ٻارڙا راند ڪندا نظر ايندا هئا. پر هن وقت اُنهن جو معصوم آواز بہ ٻڌڻ ۾ ڪو نہ ٿي آيو. چوطرف سانت ئي سانت هئي. ايئن معلوم ٿي ٿيو تہ ان علائقي جو روح ڊپ ۽ هراس وچان، پنهنجي منهن تي هٿ رکي قاتل اکين سان، خاموش مين هول جي ڪناري وٽ بيٺل هو.

پٺورڏن، ممتاز جا گهنبيدار وار زور سان پٽيا ۽ جهٽڪو ڏيئي سندس ڇهري کي پنهنجي سامهون آندو. ممتاز جي ڇهري تي، ڪو بہ ڏک يا درد جو نشان ڪو نہ هو. ايئن ٿي لڳو تہ، ڄڻ هو گهري ننڊ ۾ ستل هجي. هن جو ڳورو بدن، خوبصورت تہ نہ، پر مضبوط ضرور هو. هن جي ڇهري تي ڏيا سان گڏ، هڪ قسم جو ادمبر ۽ رعب ڇانيل هو.

پٺورڏن کي هن جي ڇهري تي موت کان پوءِ بہ طنز نظر آئي. هن کي لڳو تہ، ممتاز مرڻ کان پوءِ بہ هن کي چيڙائي رهيو هجي. هن ممتاز کي وارن کان جهلي، زور سان سخت فرش تي هنيو. جڏهن ايئن ڪرڻ سان بہ هن کي سڪون نہ آيو تہ هو پيٽرول پمپ اندر هليو ويو ۽ خوف ۾ ورتل واٽيئي کان، هڪ جيڪ ڪٽي آيو. هن بہ چار پيرا لوهہ جو جيڪ ممتاز جي ڇهري تي، اهڙي زور سان هنيو جو سندس ڄاڙيون ڀڄي پيون ۽ ڏند ٻاهر نڪري آيا. پٺورڏن کي اجان بہ محسوس ٿيو تہ، ممتاز مٺس کلي رهيو هو ۽ ٺهڪ ڏيئي رهيو هو. هن ڪيس جسم جي مختلف حصن تي، جيڪ مارڻ شروع ڪيا ۽ نيٺ لاش کي ڳترا ڳترا ڪرڻ لاءِ، ور مان خنجر ڪڍيو.

ممتاز ۽ پٺورڏن ٻئي دادرجي مين روڊ جا مشهور غنڊا هئا، پر جيستائين ممتاز زندهہ رهيو پٺورڏن ٻئي نمبر جو بدمعاش ليکبو هو. سيٺ سورج مل، جنهن جون دادر مين روڊ ۽ اُن جي آسپاس ڪافي جايون هيون، ۽ سيٺ ترويري لال جنهنجا دادرم ڪافي فلم اسٽوڊيو هئا، ٻئي ممتاز جي گهڻي عزت ڪندا هئا.

سيٺ ترويري لال پنهنجي فلمن ۾ ايڪسٽرا اداڪارن جي ڀرتي جو ٺيڪو ممتاز کي ڏيئي رکيو هو ۽ ننڍين ڪمپنين وارا، ڪڏهن ڪڏهن سو بہ مشڪل سان ئي پٺورڏن کي ڪو ڪم ڏيندا هئا. دادرجي مسجد کان وٺي پريل جي ناڪي تائين، ممتاز جو راڄ هو ۽ مسجد کان پي آءِ اسٽيشن تائين پٺو

رڏن جو راڄ هو. پر ٻئي بدمعاش اڪثر هڪ ٻئي جي علائقي ۾ گهڙي ٻه ڦرلٽ ڪندا رهندا هئا. پٽورڏن گهٽ ۾ ممتاز زياده دليري سان ڇاپا هڻندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته پٽورڏن جي غنڊن کي سندن ئي علائقي ۾ سرعام مارڪٽ ٻه ڪري ايندو هو. ممتاز جو قد ڇهن ڦٽن کان ٻه مٿي هو. سڊول جسم, ڳورو رنگ, جهلم جو رهڻ وارو. وڏو هٿ ڦاڙ ۽ بي حساب گاريون ڪيندڙ. اُن جي مقابلي ۾ پٽورڏن ڪنڊو هو قد جو ٻندرو, رنگ ڪارو ۽ اکيون نيريون. هن جي ڪاري ڇهري, نيرين اکين کي وڏيڪ وحشتناڪ بنائي ڇڏيو هو ۽ جڏهن انهن وحشتناڪ اکين سان, ڪنهن ڏانهن گهوريندو هو ۽ دٻيل آواز ۾ ڪنهن کي ڌمڪي ڏيندو هو ته اُنتي بروقت اثر ٿيندو هو. پر ممتاز جي سامهون پٽورڏن جي همت هارجي ويندي هئي. ڪيترائي ڀيرا ممتاز ۽ پٽورڏن جي غنڊن جي وچ ۾ جهيڙو ٿيو ڪئين غنڊا ماريا ويا, جيل ٻه ويا, پر ممتاز ۽ پٽورڏن جي دوبدو لڙائي اڃان ڪڏهن ڪو نه ٿي هئي. ڪيترا ڀيرا ممتاز ڪاوڙ ۽ غصي ۾ اچي, پٽورڏن کي للڪاريو ۽ هڪ ڏينهن ته هن پٽورڏن کي گلي مان جهلي, سندس ٻانهن کي ايئن مروڙيو جو پٽو رڏن جو چاقو جيڪو ٻي پل ۾ ممتاز جا آنڊا چيري ڇڏي ها, زمين تي ڪري پيو ۽ پٽورڏن بلڪل ساڻو ۽ مجبور ٿي, ممتاز جي هٿن ۾ پيد جيان ڏڪڻ لڳو.

انهي وقت جو خيال ايندي ئي پٽورڏن تي جڻ تيز بخار واري ڪيفيت طاري ٿي ويئي. هن پنهنجي خنجر کي هوا ۾ لهرايو ۽ هڪ ٻئي مٿان وار ڪري, هن جي سسي کي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو ۽ ڌڙ جو هيٺيون حصو ڪپي مين هول ۾ اُڇليو. اُنوقت آسمان تي هڪ سرڻ نهايت بي صبري مان لامارا ڏيڻ شروع ڪيا, بجلي جي تارن سان اُلجهيل هڪ خالي ترام, ناڪي وٽان گذري ۽ پوءِ چڱني طرفن وري سانت ڇانئجي ويئي.

پٽورڏن جي نظر ممتاز جي ڪٻي هٿ تي پيئي هٿ تي انگريزي ۾ هڪ نالو ڪوٽائي ڪرائي لڪايل هو. "مايا."

مايا, فلمن ۾ اضافي پارٽ ادا ڪندڙ ڇوڪرين ۾ حسين ترين ليکي ويندي هئي. هن کي نچڻ جو ڏاڍو شوق هو. هوءَ گهڻو ڪري سائي ساڙهي ۾ نظر ايندي هئي. ماٿو هنکي اڪثر ڊيل ڪري ڪوٺيندا هئا. پٽورڏن کي اُنجي سينڊ ڏاڍي وڻندي هئي. جڏهن هوءَ مرڪندي هئي, ته سندس پيشاني تي اُڀرندڙ ريڪائون هن کي پاڳل بنائي ڇڏينديون هيون. مايا هڪ ڳوناٽي ڇوڪري هئي. انهي ڪري فلمن ۾ ڪم ڪرڻ جي باوجود ٻه, هن جي مزاج ۾ ڳوناٽي ڇلولائي ۽ الڙپن رچيل هو. هن جي شخصيت ۾ بيباڪي ۽ صاف گوئي شامل هئي. هوءَ پٽو رڏن جي ٽولي ۾ شامل هئي. سهٽي ڇوڪري هئڻ سبب, سڀ کان پهرين, اُنجو پٽو رڏن جي گينگ ۾ شامل ٿيڻ, ڪا حيرت جي ڳالهه ڪونه هئي. پر حيرت جي ڳالهه اِها هئي ته, هو ڪڏهن ٻه اُنجي ور ڪونه چڙهي هئي. پٽورڏن مايا کي پنهنجي قابو ۾ آڻڻ جي, هر ممڪن ڪوشش ڪئي. ڪنهن ٻه غنڊي لاءِ, اُن کان مٿي بي عزتي جي پلا ٻي ڪهڙي ڳالهه ٿي سگهي ٿي, ته هو ڪنهن عورت جي لاءِ, ڪجهه ڏينهن لاءِ شريف ٿي وڃي. پر پٽورڏن مايا کي حاصل ڪرڻ لاءِ, اها بي عزتي ٻه قبول ڪئي. هن مايا کي آفتاب اسٽوڊيو جي پويان, هڪ صاف سٿري جڳهه وٺي ڏني. فرنيچر آڻي ڏنو ۽

جيڪي بہ پئسا هن ڪمايا ٿي، اُهي سڀ جا سڀ مايا جي اڳيان آڻي ٿي رکيائين. مايا پئسا وٺي، هن ڏانهن شرير نگاهن سان ڏٺو ٿي. ڊيل جيان هنجي چوگرد نخرن مان نچندي، سندس ڪلهن کي پنهنجي حساس آڱرين سان ڇهيو ٿي، تہ پٽو رڌن جي اکين ۾ نشو چڙهڻ لڳو ٿي ۽ هن کي چپ چاپ ۾ بي وس ٿي، اُتان ٻاهر نڪرڻو پيو ٿي.

اڄ تائين ڪنهن بہ عورت، هنکي شڪست نہ ڏني هئي. ايئن ڪونہ هو تہ ڪو هن کي مايا سان محبت هئي. پٽورڌن کي جڏهن کان هن هوش سنڀاليو هو ڪنهن سان بہ محبت ڪونہ هئي. هن کي مايا سان بہ محبت ڪونہ هئي. بس هن فقط ان کي جيتڻ چاهيو ٿي. جيئن ماڻهو شطرنج ۾ هڪ بازي کٽيندو آهي، يا ريس ۾ گهوڙو جيتڻ لاءِ، هو پنهنجو سڄو زور اُن تي لڳائي ڇڏيندو آهي. اهائي حالت پٽورڌن جي هئي.

انهي ڪري اُن ڏينهن پٽورڌن کي ڏاڍو غصو آيو، جڏهن هن ممتاز کي علي بخش، جي دڪان تي پنهنجي ٻانهن تي، مايا جو نالو ۽ اُن جي مٿان پنهنجو نالو کوٽائيندي ڏٺو.

هن اُلر ڪري ممتاز مٿان چاقو جو وار ڪرڻ چاهيو پر ممتاز جي غنڊن، ڦڙتائي ڏيکاري حملي کي روڪي ورتو ۽ چاقو هوا ۾ ئي رهجي ويو. ٻنهي طرفن جي غنڊن ۾ لڙائي شروع ٿي ويئي. سوڊا واري جون بوتلون ٽٽيون، انبن جا گاڏا اونڌا ٿيا ۽ پراڻن جوتن جي دڪان واري جا جوتا نالي ۾ وهي هليا.

ٿوري ئي دير ۾ پوليس پهچي ويئي ۽ ڪجهہ غنڊن کي گرفتار ڪري وٺي ويئي. ممتاز ڏاڍي سڪون سان، مسڪرائيندي علي بخش جي دڪان تي ٻانهن مٿي مايا جو نالو کوٽائيندو رهيو.

۽ انهي ئي رات- ممتاز مايا کي سندس کولي مان ڀڄائي کڻي ويو. مايا گهڻيون ئي رڙيون ڪيون، پر جيئن تہ آسپاس جي بلڊنگن وارا سڀ ماڻهو ممتاز کان واقف هئا. تنهنڪري ڪير بہ ويجهو نہ آيو.

ممتاز سيٺي جي سامهون، مايا کي پنهنجي طاقتور ٻانهن ۾ کڻي ويو ۽ ڪنهن جي بہ همٿ نہ ٿي، جو هنجي رستي ۾ اچي. ۽ جڏهن پٽورڌن کي خبر پيئي، تہ اُنوقت ممتاز مايا کي پنهنجي علائقي ۾ پهچائي چڪو هو. ممتاز مايا کي سيٺ سورج مل جي بلڊنگ نمبر ستين ۾ رکيو جتي هن ڀرين کان ئي ڪئين غنڊا پالي رکيا هئا.

پٽورڌن ڏند ڪرٽيندو رهجي ويو. پر هن آس نہ لاٿي. هن علائقي ۾ هندو مسلم فساد ڪڙو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر علائقي جا سڀ وڏا وڏا سيٺ ممتاز جي پاسي هئا. انهي ڪري ڪنهن بہ ان مسئلي کي، هندو مسلم سوال بڻجڻ نہ ڏنو. ممتاز سيٺين کي مسواڙين کان سٺي مسواڙ اُگاڙي ڏيندو هو. هو فلمن ۾ اضافي رول ادا ڪندڙن کي دٻائي، اُنهن کان گهٽ معاوضي تي ڪم ڪرائيندو هو. انهي ڪري سيٺيون هن مان ڏاڍا خوش هئا.

اُن کان علاوه مختلف موقعن تي، ممتاز سيٺين کي وياج خور پٺاڻن کان، فلم ڪمپنين لاءِ قرض پڻ ڏياريندو هو. سيٺ ماڻهو اهڙي ڪارائتي ماڻهو کي، جيل ڏيارڻ لاءِ قطعي تيار ڪو نہ هئا. اهوئي سبب هو جو پٽو رڌن ۽ اُنجي ساٿي غنڊن ۽ ڪجهہ مهاسڀائي دڪاندارن جي شرارت جي باوجود بہ، مايا جو

اغوا هندو مسلم سوال جي شڪل اختيار ڪري نہ سگهيو.

دادرجي مسجد ۾ چند ڪٽر نمازين، ڪجھہ ڏينهن تائين وڏي خوشي مان، ان ڪار خير جو ذڪر ڪيو. پر اها ڪا اهڙي منائي نہ هئي، جيڪا سيني ۾ ورهائي ويئي هجي. اِهوئي سبب هو جو ڪجهہ ڏينهن جي خوشي سرد مهري ۾ تبديل ٿي ويئي. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ تہ هن واقعي ڪي ماڻهن صفا وساري ڇڏيو.

پر اِهو واقعو پٺورڏن ڪان ڪٽي ٿي وسريو. هڪ رات، هن ستين نمبر بلڊنگ تي جوابي حملو ڪيو. حملو غير متوقع ۽ اوچتو هو. پٺورڏن پنهنجي ساٿين ڪي وٺي، بلڊنگ جي اندر گهڙي سڌو مايا جي ڪوٺي ۾ داخل ٿيو. اُن وقت ممتاز هڪ ريشمي گوڏ پهري، کٽ تي ليٽيو پيو هو. ۽ مايا هن ڪي زور ڏيئي رهي هئي.

مايا ڪي ممتاز جا پير دٻائيندو ڏسي پٺورڏن جي اکين ۾ خون ڊوڙي آيو. پر هن پنهنجو پاڻ ڪي جلد ئي سنڀالي چيو،

"ممتاز! تنهنجي بلڊنگ ڪي منهنجن ماڻهن چوگرد گهيرو ڪري ورتو آهي. تو وٽ ڏهہ ماڻهو هوندا تہ مون وٽ پنجاهہ."

"تہ پوءِ؟" ممتاز کٽ تان ئي لاپرواهي مان جواب ڏنو.

"آءٌ مايا ڪي وٺڻ آيو آهيان ۽ اُنڪي هر حال ۾ وٺي ويندس."

"جيڪڏهن هوءَ توسان هلڻ چاهي ٿي، تہ ڀلي وٺي وڃ" ممتاز نرمائي مان چيو، "مونکي ڪو بہ اعتراض ڪونهي. آءٌ عورت تان ڪونہ وڙهندو آهيان."

"توکي ڪوئي اعتراض ڪونهي؟" پٺورڏن حيراني مان چيو.

"خدا رسول جو قسم، مونکي ڪو بہ اعتراض ڪونهي."

"تہ هل مايا." پٺورڏن مايا ڪي چيو.

مايا، چپ چاپ ممتاز جا پير دٻائيندي رهي.

"ڇا تون مسلمان ٿي ويئي آهين؟" پٺورڏن غصي مان پڇيو.

"نہ آءٌ هندو ئي آهيان." مايا جواب ڏنو.

"تہ پوءِ اُٿ نہ، ڇا سوچي رهي آهين؟ آءٌ توکي آزاد ڪرائڻ آيو آهيان."

مايا چپ چاپ ممتاز جا پير دٻائيندي رهي.

"توکي خبر آهي تہ تون ڪنهن سان محبت ڪري رهي آهين؟"

"هڪ مسلمان سان." مايا جواب ڏنو.

پٺورڏن ڪي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. "هن وٽ ست عورتون اڳي ئي وهاريل اهن. روپا، رضيہ، ڪنول، سلميٰ، گوپي..... آءٌ سيني ڪي سڃاڻان ٿو. تون مون سان هل. هڪ هڪ ڪان تصديق ڪرائي ٿو ڏيان. ههڙي بدمعاش سان رهي ڪري، تنهنجي زندگي بہ برباد ٿي ويندي. مونکي تنهنجي لاءِ عزت آهي. توکي

گهر وٺي ڏيندس. توسان شادي ڪندس. مايا چئو مايا ڇئو تنهنجو ڪهڙو جواب آهي؟”

مايا آهستي آهستي زمين تان اُٿي، ڊبيل پيرن سان ڪنڌ هيٺ ڪندي، پٺورڏن جي سامهون آئي. سامهون ٿي هن آهستي آهستي پنهنجو ڪنڌ مٿي کنيو ۽ پٺورڏن جي منهن تي ٿڪي ڏنو.

پٺورڏن پنهنجو خنجر ڪڍيو. ممتاز بجلي جيان ٽپو ڏيئي وچ ۾ آيو. خنجر جي نوڪ ممتاز جي ڪلهي ۾ هلي ويئي. هن جهٽڪو ڏيئي خنجر پنهنجي ڪلهي مان ڪڍيو ۽ ڏند ڪرٽيندي چيو ”خدا ۽ رسول جو قسم ڪائي وينو آهيان ته مايا جي ڪري، توسان نه وڙهندس. خيريت انهي ۾ اٿئي ته هتان هليو وڃ.”

پٺورڏن وڃڻ نٿي چاهيو پر هن هيٺ دري مان سيٺ سورج مل کي، پوليس سان گڏ ايندي ڏٺو ان ڪري هن ڀڄڻ ۾ ئي پنهنجي ڀلائي سمجهي.

انهي ڪري مايا جو نالو ممتاز جي ٻانهن تي اُڪريل ڏسي هن جو خون ٽهڪڻ لڳو. پٺو رڏن خنجر ڪڍيو ۽ نالي واري ٻانهن کي، اُن جي جسم کان ڪپي الڳ ڪيو. ٻانهن مان اُن گوشت جي حصي کي ڪپي، ڏارڪيو جتي ممتاز ۽ مايا جو نالو لکيل هو. ۽ پوءِ اُن گوشت جي ٽڪري کي، وڏيڪ ٽڪرا ٽڪرا ڪري مين هول ۾ اُڇلائي ڇڏيو. جهٽ پٽ هن ممتاز جي لاش کي وري ٽڏو هنيو ۽ وحشي پڻي مان گجندي چيو ”هاڻي ٻالهائي حرامي جا اولاد، هاڻي ٻالهائي.”

ممتاز جو خاموش چهرو ڏسي، هن کي رات وارو واقعو ياد اچي ويو. ملڪ ورهائجي ٿي چڪو هو. شهر ۾ هندو مسلم فساد ٿي رهيا هئا. بمبئي ۾ سنڌ کان هزارين سنڌي اچي رهيا هئا. مسلمان علائقن مان هندو ڀڄي رهيا هئا ۽ هندو علائقن مان مسلمان.

دادر ۽ پريل جو علائقو جيتوڻيڪ هندن جو هو پر ممتاز اُتي جو اڃان به دادا هو. هن جا ڪافي غنڊا ساٿي ڀڄي ويا هئا، پر اڃان به مسلمانن جي ڪافي آبادي ممتاز جي ڏڍ تي رهي پئي هئي. اُنهن ۾ سڀ ماڻهو غنڊا ڪونه هئا. ڪافي شريف ماڻهو به هئا. محنتي مزور هئا، ڪلرڪ هئا، ننڍا ننڍا دڪاندار هئا ته شيون وڪڻڻ وارا گهوڙيا به هئا. فلمن ۾ اضافي پرتي ٿيندڙ ماڻهو به هئا. اديب به هئا ته بيڪار به هئا. اُتي هر نموني جا ماڻهو آباد هئا. اُهي سڀ ماڻهو اهو به ڄاڻندا هئا ته ممتاز غنڊو هو بدمعاش هو. ڪيئين خون ڪري چڪو هو. ڪيئين عورتون اغوا ڪري چڪو هو. پوءِ به هنن جو اُن تي ڀروسو هو. هڪ عجيب بي وس ۽ معصوم ڀروسو جنهن کي ڏسي ممتاز کي اُنهن ماڻهن تي رحم اچڻ لڳو هو. هنجي دل ۾ ڪو نامعلوم جذبو جاڳڻ لڳو هو. اِهو جذبو شايد هن ڪڏهن پنهنجي ماءُ جي گود ۾ محسوس ڪيو هو. پنهنجي ڀڄي جي ننڍي ڇوڪري سان، ڪڏندي محسوس ڪيو هو. جهلم جي ڪناري واري جا گهر بنائيندي محسوس ڪيو هو. اهو نا معلوم ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ جذبو شرم ڀوٽي وانگر سندس دل ۾ ڦٽڻ لڳو هو. ۽ هو خود حيران هو ته انهن ماڻهن جو حيرتناڪ ۽ بي انتها ڀروسو ڪيئن ڪيڏانهن وٺي وڃي رهيو هو. اُن علائقي جا سڀ غنڊا ۽ بدمعاش هندو مسلم فسادن ۾ لڳل هئا، ۽ پنهنجي هٿن سان پنهنجا هٿ رڱي رهيا هئا. خون سان به پئسن سان به.

پر هو ڏينهون ڏينهن فسادن کان پري هٽندو ويو. پنهنجي علائقي ۾ هن فساد ڪرائڻ وارن کي روڪي ڇڏيو. هاڻ هو ڏينهن رات چوڪيداري ڪندو هو. ۽ پنهنجي علائقي جي هندن ۽ مسلمانن ٻنهي کي لڙائي جهيڳڙي کان باز رهڻ جي تلقين ڪندو هو. ڪافي مسلمان غنڊن ٻه هنجو ساٿ ڇڏي ڏنو هو ۽ پيينڊي بازار هليا ويا هئا. ڪافي هندو غنڊن هن تي بزدلي جو الزام هنيو. پر ممتاز بدستور پنهنجي علائقي جي رکوالي ۾ رڌل رهيو ۽ هر روز سيٺ سورج مل ۽ ترويري لال جي گهر حاضري ڏيندو هو. ۽ کين فخر مان اوچو ڳاٽ ڪري پنهنجا ڪارناما ٻڌائيندو هو ته هن ڪيئن نه هندو مسلم فسادن کي روڪي رکيو هو.

سيٺ مٿين دل سان خوش ٿي هنجي تعريف ڪندا هئا ۽ هو ڏاڍو خوش ۽ مطمئن ٿي واپس موٽندو هو ۽ سمجهڻ لڳندو هو ته ڄڻ هو ڪو وڏو ڪارنامو سرانجام ڏيئي رهيو هو.

پر اصل ۾ سيٺيون هاڻ ممتاز مان قطعي خوش ڪونه هئا. انهي لاءِ نه ته ڪو ممتاز مسلمان هو. اول ته پئسي جو ڪو به مذهب ناهي هوندو. ڪو به رنگ، مزاج ڪونهي ٿيندو ۽ نه ئي اُنجي ڪا قوميت يا ملڪ هوندو آهي. پئسي جو نڪو رشتو هوندو آهي ۽ نه ئي ڪنهن سان محبت. پئسي جي ابتدا ۽ انتها پئسو ئي هوندو آهي. انهي ڪري هاڻ سيٺيون ممتاز کان ڪتا ۽ بيزار ٿي چڪا هئا، ڇو جو هنن پنهنجي علائقن مان مسلمانن جي لڏپلاڻ چاهي ٿي. انهي لاءِ نه ته هنن جو ڪو مسلمانن سان وير هو يا ڪائن ڪا مذهبي نفرت هئي. هي مسلمان ته صدين کان انهن بلڊنگن ۾ رهندا آيا هئا، ۽ سالن کان ممتاز انهن کان، سيٺين لاءِ مسواڙ وصول ڪندو آيو ٿي. پر اصل ڳالهه هي هئي ته سنڌي مهاجر لکن جي تعداد ۾ پنهنجي دولت ساڻ کڻي، بمبئي پهچي رهيا هئا. اُنهن کي گهرن جي ضرورت هئي ۽ هو اُن لاءِ پڳڙي به ڏيڻ لاءِ تيار هئا ۽ مسواڙ به زياده آڇي رهيا هئا. هڪ جڳهه جي مسواڙ اڍائي سو مان ڦري هزار روپيه ٿي ويئي هئي. پر هڪ بيوقوف ممتاز هو جو علائقي ۾ هندو مسلمان فساد ٿيڻ نه ڏيئي رهيو هو. جي فساد نه ٿيندا ته مسلمان ڊڄي ڇو ڀڄندا، گهر ڇو خالي ٿيندا، پڳڙيون ڇا لاءِ ملنديون تجوڙيون ڪيئن ڀربيون؟

اهائي سوچ ۽ اِهوئي مقصد هو جنهن سيٺين کي هڪ ٻئي جي ويجهو آندو ۽ سڀ ڪجهه طئه ڪرڻ ڪانپوءِ هنن پٺورڏن کي سڏايو.

پٺورڏن خنجر جي آخري وار سان، ممتاز جو سر جدا ڪري ڇڏيو. پهرين هن گردن جو هيٺيون حصو مين هول ۾ اُڇلايو ۽ پوءِ هن ممتاز جي لاش کي وارن کان پڪڙي ناريل وانگي هيڏانهن هوڏانهن گهليو. ۽ جڏهن هن کي سڙڪ جي ٻنهي طرفن کو به داد ڏيندي نظر نه آيو ته هن ممتاز جي سسي کي، مين هول مر اُڇلي ڇڏيو ۽ گوشت جي پڪڙيل ٽڪرن کي ميڙي سيڙي مين هول ۾ ڦٽي ڪيو.

اُن ڪانپوءِ هو اُٿي، سامهون ميونسپالٽي جي نلڪي ڏانهن ويو. نلڪو کولي هن هٿ منهن ڌوتو. هن پنگين جي مندر مان سامهون نظر ايندڙ گڻيش جي مورتي کي، وڏي ادب مان هٿ ٻڌا.

هاڻ هن کي بک ستائڻ لڳي هئي. هو ترام جي پٽڙي تان هلندو هڪ هوٽل ۾ داخل ٿيو. جيڪا نئين ڪليل ٿي معلوم ٿي. آرسيون، ڪرسيون، سنگ مرمر جو ڪائونٽر، سارو فرنيچر نئون لڳو ٿي.

پٺورڏن ٽڙندو ٿاٻڙندو، هوٽل جي ڪائونٽر تي آيو ۽ زوردار مڪ هڻندي چيو.

“مونکي سخت بک لڳي آهي. ماني جلدي ڏي.”

هوٽل جو مالڪ سنڌي لڳو ٿي، هن ڇوڪري کي ٽڙٽڪڙ ۾ سنڌي ۾ ڪجھ چيو.

ڇوڪرو ڊوڙندو بورچي خاني ۾ ويو ۽ جلد ئي هن هڪ گوشت جي پليٽ ۽ تندوري نان آڻي پٺورڏن جي اڳيان رکيو.

پٺورڏن غصي مان بڙ بڙ ڪندي اُٿيو ۽ گجندي چيو. “توکي خبر ناهي ته آءُ برهمڻ آهيان ۽ گوشت ڪونه کائيندو آهيان؟”

ايئن چوندي هن گوشت جي پليٽ کڻي مالڪ جي منهن تي هنئي ۽ ڪاوڙ مان بک بک ڪندو هوٽل مان ٻاهر نڪري ويو.

***

# ڪتا پلاننگ

**سڀ** کان پهرين نائب وزير فيملي پلاننگ جي وزير کي چيو،

“توهان اڄ جي اخبار ڏٺي آهي؟”

فيملي پلاننگ جي وزير هڪ ڏکي اوٻاسي ڏيئي پڇيو: “اڄ ڪهڙي تاريخ آهي؟”

“24 جنوري.”

“اوڳاڊ! ڪيئن ڏينهن گذريو وڃن ٿا، ڪا خبر ئي ڪو نہ ٿي پوي.” فيملي پلاننگ جي وزير هڪ ڏگهو سگار چپن تي اٽڪيندي چيو. “اڃان ڪلهہ ڪلهوڻي ئي تہ نئون سال شروع ٿيو هو. ڪيڏي نہ شاندار پارٽي هئي. توهان کي ياد هوندو. مسز من سڪاني ڪيڏي نہ خوبصورت ساڙهي پائي آئي هئي.”

“اڄ جي “ٽائمز” ۾ ستين صفحي تي هڪ اهم خبر آهي.” نائب وزير وري يا ڏياريو.

“آئون صرف اُها اخبار پڙهندو آهيان جنهن ۾ منهنجو فوٽو ڇپيو آهي ۽ گذريل ٻن ڏينهن کان مون ڪا تقرير ناهي ڪئي. تنهن ڪري ٻي ڪا اهم خبر ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟” وزير سگار جو هڪ وڏو ڪش هڻندي چيو.

نائب وزير خبر پڙهي ٻڌائي.

“علي آباد ۾ جيڪو ڄام نگر کان نون ميلن جي مفاصلي تي آهي، هڪ اهڙو تجربو ڪيو پيو وڃي جنهن سان ڪتن جي فيملي پلاننگ ٿي سگهندي. هن پراجيڪٽ کي شروع ڪرڻ وارا چون ٿا تہ جيئن ڪتن جي وڌندڙ آبادي کي روڪي سگهجي. ڇو تہ هن علائقي جا ماڻهو ڪتن کي جان کان مارڻ جي حق ۾ ناهن.” صحت کاتو ميونسپل کاتي جي مدد سان هي پراجيڪٽ شروع ڪندو. جنهن جي ذريعي هڪ محدود علائقي جي ڪتن جي آپريشن جي ذريعي فيملي پلاننگ ڪئي ويندي.”

“بيوقوف!” فيملي پلاننگ جي وزير خبر ٻڌي چيو. “انسانن ۾ تہ فيملي پلاننگ ٺيڪ طرح سان ٿي نہ رهي آهي تہ وري ڪتن ۾ ڪيئن ٿيندي؟ بيڪار ۾ عوام جو پيسو ضايع ٿي ويندو.”

نائب وزير ها ۾ ها ملائيندي چيو. “خود مون بہ ايئن چيو هو. پر پوءِ خيال آيو تہ جيئن تہ اسان وٽ بہ فيملي پلاننگ ڪامياب نہ رهي آهي ۽ جڏهن تہ نئين بجيٽ جي موقعي تي ڪا نئين ڪار گذاري ڏيکارڻ جي بہ ضرورت محسوس ٿيندي، انهي لاءِ مون هن خبر کي ان قدر اهم سمجهيو آهي.” نائب وزير ايئن چوندي خاموش ٿي ويو.

“هون!” فيملي پلاننگ جو وزير هڪ گهري سوچ ۾ هليو ويو. ڪافي غور ويچار کان پوءِ چيائين، “خيال تہ برو ڪونهي. آخر صوبي ۾ ڪتا تہ هوندا ئي؟.”

“ضرور هوندا” نائب وزير چيو. “جيتوڻيڪ مون اڄ تائين ڪنهن ڪتي کي انٽرويو ناهي ڏنو.

انسانن کان ئي واندڪائي نٿي ملي... پر هوندا ضرور، ڇا خيال آهي؟ چيف سيڪريٽري سان مشورو ڪيو وڃي هن معاملي ۾؟"

جواب ۾ فيملي پلاننگ جي وزير چيف سيڪريٽري کي فون ڪري آفيس ۾ سڏائي ورتو. چيف سيڪريٽري خبر پڙهي ۽ تجويز ٻڌي خاموش ٿي ويو. ڪنهن مسئلي تي راءِ ڏيڻ کان پهرين هو خاموش رهڻ پسند ڪندو آهي. چاهي وزيرن جو عقل هجي يا ڪتن جو مستقبل هجي. هڪ ڊگهي خاموشي کان پوءِ هن چيو.

"ڪتن سان منهنجي ملاقات ايتري گهٽ ڪونهي، جو ته مون کي شروع کان ئي طوطن پالڻ جو شوق رهيو آهي. آئون سمجهان ٿو ته ان سلسلي ۾ جيڪڏهن جوائنٽ سيڪريٽري سان مشورو ڪيو وڃي ته بهتر ٿيندو. هن جي گهر ۾ پنج ڪتا آهن."

جڏهن جوائنٽ سيڪريٽري جي اڳيان اها تجويز رکي ويئي ته هن جا ڪن ڪڙا ٿي ويا ۽ چوڻ لڳو.

"صاحب، جن ڪتن کي آئون سڃاڻان ٿو اُهي شاهي نسل جا ڪتا آهن. منهنجو انهن جي سنڀال لاءِ هڪ نوڪر رکيل آهي. منهنجا ڪتا مقرر وقت تي سمهندا آهن ۽ مقرر وقت تي اُٿندا آهن. مقرر وقت تي وهنجندا آهن ۽ مقرر وقت تي کاڌو کائيندا آهن. مقرر وقت تي گهمڻ ويندا آهن. پنهنجي سمجهه ٻوجهه ۾ تقريبن انسان آهن. اهڙن اعليٰ نسل جي ڪتن جي فيملي پلاننگ تي تمام گهڻو خرچ ايندو."

"اڙي بابلا!" نائب وزير چيو "اسين بنگلن جي ڪتن جي ڳالهه نٿا ڪريون. اُنهن کي ڪنهن فيملي پلاننگ جي ضرورت نه آهي، چاهي اُهي انسان هجن يا ڪتا؟ اُهي جيڪي بنگلن ۾ رهن ٿا، فيملي پلاننگ جي دائري ۾ نٿا اچن. هتي ذڪر بازاري ڪتن جو ٿي رهيو آهي. منهنجو مطلب ڪتن جي عام عوام سان آهي."

"منهنجو خيال آهي"، جوائنٽ سيڪريٽري ڳالهايو. "منهنجي خيال ۾ انڊر سيڪريٽري کي گهرائڻ گهرجي. آئون سول لائن ۾ رهان ٿو ۽ هو شهر ۾ رهي ٿو. بازاري ڪتن جي باري ۾ اُن کي ڄاڻ زياده هوندي".

انڊر سيڪريٽري جڏهن هن ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيو ته تجويز ٻڌندي ئي ٽپ ڏيئي اُٿي بيهه رهيو. جو ته هو پنهنجي زندگي ۾ ڪيترا ڀيرا بري طرح ڪتن کان چڪ کائي چڪو هو ۽ هڪ دفعو حلوائي جي ڪتي هن کي اهڙي زور سان چتو چڪ پاتو جو هن وقت تائين به گوڏن جي پِرسان اُن جو نشان موجود هو.

"منهنجو اندازو آهي ته هن شهر ۾ به لک ڪتا آهن ۽ ايتريون ئي ڪتيون هونديون."

هاڻي جيڪڏهن هڪ ڪتي سال ۾ پنج گلر به ڏي ۽ اُن مان جيڪڏهن ٽي به زنده رهن ته سمجهو ته هر سال ڪتن جو تعداد ۾ ٻيڻو ٿي ويندو."

"او صاحب! آئون سمجهان ٿو ته شهر ۾ جيڪڏهن ڪتا ان رفتار سان وڌندا رهيا ته ڪتن جي آبادي انسانن جي آبادي کان گهٽ ٿي ويندي."

“اسان کي ان سلسلي ۾ تڪڙو قدم کڻڻ گهرجي. ٿورو سوچيو ته انهن رولاڪ ڪتن تي ڪيترو اناج ضايع ٿئي ٿو. ڪيترين بيمارين ڦهلجن ٿيون. ڪيترين گهٽين گنديون ٿين ٿيون. ڪيترا انسان هائڊروفوبيا ۾ مريو وڃن ٿا. ڪتو انسان جو بدترين دشمن آهي. حضور! منهنجو خيال آهي ته جي ڪتن جي فيملي پلاننگ ڪئي وڃي ته انسان جي فيملي پلاننگ جي ضرورت ئي ڪو نه پوندي”.

“واه واه! واه واه!! وزير تاڙيون وڄائيندي چيو “آئون بلڪل اهو ئي سوچي رهيو هوس ۽ اهو سوچي ئي مون توهان کي ميٽنگ ۾ گهرايو هو. آئون سمجهان ٿو ته ڳالهه بلڪل واضح ۽ صاف ٿي چڪي آهي ۽ جيڪو مون شروع ۾ سوچيو هو ته جيڪڏهن ڪتن جي فيملي پلاننگ ڪامياب ٿي ويئي ته اسان کي انسانن جي فيملي پلاننگ جي ضرورت نه رهندي. توهان ان خيال کي نظر ۾ رکندي اها مهم شروع ڪريو ۽ سڀ کان پهرين ان جي باري ۾ هڪ پمفليٽ ڇپايو جنهن جي هڪ پاسي تي منهنجي تصوير هجي ۽ ٻئي پاسي تي ڪتي جي.”

نائب وزير غور مان چتائي وزير ڏي نهاريو.

“اون هون! ٻيو ڪنهن جي به نه. بس منهنجي ئي تصوير ڪافي آهي.”

“پر هڪڙي پمفليٽ شايع ڪرڻ سان ڪم نه هلندو چيف سيڪريٽري غور ڪندي وراڻيو. اُن جي لاءِ اسان کي بجيٽ منظور ڪرڻي پوندي ۽ نئون اسٽاف رکڻو پوندو. اُهي ماڻهو جيڪي انسانن جي فيملي پلاننگ ڪن ٿا، ڪتن جي فيملي پلاننگ جو ڪم نٿا ڪري سگهن. انسانن ۽ ڪتن جي عادتن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.”

“اُنهن ۾ ايترو به گهڻو فرق ناهي.” نائب وزير چيو.

“نه نه، چيف سيڪريٽري صحيح چوي ٿو” وزير چيو،“اسان کي ان لاءِ بلڪل نئين بجيٽ ۽ نئون اسٽاف رکڻو پوندو. سڀ کان زياده ان ڳالهه جي ضرورت آهي ته ان مهم جو انچارج هڪ اهڙو ماڻهو هئڻ گهرجي جيڪو ڪتن جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ رکندو هجي.”

انڊر سيڪريٽري چيو “منهنجو هڪ پائيٽو آهي.”

جوائنٽ سيڪريٽري چيو “منهنجو هڪ پاءُ آهي.”

چيف سيڪريٽري چيو “منهنجو هڪ ڏوهٽو آهي.”

وزير چيو “منهنجو هڪ نائي آهي.”

وزير صاحب کان پوءِ ٻئي ڪنهن به نه ڳالهايو. وزير نيٽ سچائي ظاهر ڪري ئي ڇڏي ۽ سچ جي هميشه جيت ٿيندي آهي. تنهن ڪري مون کي ٻئي ڏينهن ئي نوڪري تي رکيو ويو.

....................

اُهي ماڻهو بڪواس ڪن ٿا جيڪي چون ٿا ته مون کي انهي لاءِ نوڪري ملي ويئي جو آئون وزير جو نائي آهيان، آئون دراصل هن ڪم لاءِ نهايت موزون ماڻهو آهيان. هڪ ته آئون جانورن جو وٽنري آهيان. يعني ڊاڪٽر آهيان.

جانورن جي نفسيات جي باري ۾ جيترو علم مون کي آهي ٻئي ڪنهن کي نه هوندو. بهتر نموني جانورن جي ٻولي سمجهان ٿو ۽ هن زماني ۾ جڏهن پٽ پيءُ جي ٻولي نٿو سمجهي توهان سمجهي سگهو ٿا ته اهو ڪيترو مشڪل ڪم آهي.

ٻن ڪلارڪن ٻن پٽيوالن، ٻن ڪمپائونڊرن ۽ هڪ هلنڊڙ ڦرندڙ آپريشن جي سامان سان ڀريل گاڏي سان مون هڪ ڪتي جو گهٽي ۾ گهيرو تنگ ڪيو. جيڪو هڪ ڪتي جي پوپان پڇي رهيو هو.

ڪتي اسان سڀني جي طرف غور سان ڏٺو ۽ آخر هو سمجهي ويو ته انهن سڀني ۾ فقط آئون ئي آهيان، جيڪو هن سان ڳالهائڻ جي لاءِ موزون آهيان. تنهن ڪري هو مون سان مخاطب ٿيو.

”تون ڇا ٿو چاهين؟“ هن پڇيو.

”آئون تنهنجو آپريشن ڪرڻ چاهيان ٿو.“ مون جواب ڏنو.

”ڇو؟“

”جيئن تون وڌيڪ ٻچا پيدا ڪري نه سگهين.“

”اسان جي ٻچن کان توهان کي ڪهڙي پريشاني آهي؟“

”انهن جي لاءِ اسان کاڌو ڪٿان آڻينداسين؟“ مون ڪتي کي سمجهائيندي چيو. ”هن شهر ۾ ٻه لک ڪتا آهن. ايندڙ پنجن سالن ۾ ڏهه لک ٿي ويندا. اسان انهن ڏهه لک ڪتن لاءِ کاڌو ڪٿان آڻينداسين؟.“

ڪتي چيو. ”آئون ڪڏهن منع ڪريان ٿو. جيڪڏهن اسان جي نسل ڪشي سان انسان جو نسل محفوظ رهي سگهي ٿو ته ڪتا انسان جي خاطر اها به قرباني ڏيئي سگهن ٿا. پر جيڪڏهن غور سان منهنجي ڳالهه ٻڌين ۽ سمجهين، ته توکي معلوم ٿيندو ته هي بيڪار جو رينگهٽ ڪٽي شروع ڪيو اٿو. ڪتن کي ختم ڪرڻ سان توهان کي ڪو به فائدو نه ٿيندو.

ڪتن کي ختم ڪرڻ سان ٻلين جو تعداد وڌي ويندو ۽ توهان کي خبر آهي ته ٻليون ڪيترو جلدي جلدي ٻچا ڏين ٿيون ۽ اسين ته پوءِ به توهان جي جوٺ تي گذارو ڪري وڃون ٿا پر ٻليون ته سڌو توهان جي بورچيخاني ۾ زبردستي گهڙي کير پي وڃن ٿيون. توهان کي ڪجهه معلوم به آهي؟“

ڪتي ڳالهه عقل واري ڪئي هئي.

تنهن ڪري مون هي صورتحال پنهنجي کاتي جي اعليٰ آفيسرن جي اڳيان رکي اُنهن پاڻ ۾ مشور ڪري طئي ڪيو ته في الحال ڪتن جي فيملي پلاننگ ملتوي ڪري ٻلين تي حملو ڪيو وڃي.

هاڻ مون کي نوان حڪم ڏنا ويا، نئون عملو ڏنو ويو. نئين بجيٽ منظور ڪئي وئي. جنهن ۾ نئون پمفليٽ شايع ڪيو ويو. عنوان هو ”ٻلين جي فيملي پلاننگ.“

اٺن ڏهن ڏينهن جي ڪوشش ڪانپوءِ اسين هڪ موٽي ٻلي کي پڪڙڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين. هو پهرين ڪافي دير تائين اسان کي ڏسي واڇون اُپيون ڪري اسان تي آڪڙيو ۽ آخر ۾ تمام گهٽي ڪاوڙ مان مون کي گهوري چيائين.

“ميان اسان کي سڄاڻو ڪو نہ ٿا. منهنجي جيڪا زال آهي، اُها وزير تعليم جي پالتو ٻلي آهي. پنهنجي نوڪري چاهين ٿو تہ هڪدم مون کي ڇڏي ڏي. نہ تہ شڪايت ڪندوسئين.”

مون کي بہ ڪاوڙ اچي ويئي. مون چيو “ميان ٻلا! تون پاڻ کي سمجهين ڇا ٿو؟ جيڪڏهن تنهنجي زال هڪ وزير جي ٻلي آهي تہ آئون بہ هڪ وزير جو ناتي آهيان. آئون تنهنجي وزير جو غلام ناهيان جو توکان ڊڄي ويندس.”

اُنتي مغرور ٻلو ڪجهہ ٿڌو ٿيو ۽ پڇڻ لڳو. “آخر تون چاهين ڇا ٿو؟”

اُن کي مون پنهنجي اسڪيم سمجهائي. اسڪيم ٻڌي چيائين، “تہ توهان انسانن جي فيملي پلاننگ کي ڪتن جي فيملي پلاننگ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. هاڻي ڪتن جي فيملي پلاننگ کي ٻلين جي فيملي پلاننگ ۾ بدلڻ چاهيو ٿا. تہ جيئن هن دنيا مان ٻليون توهان جي ٻارن جي غذا نہ هڙپ ڪري وڃن.”

“تون بلڪل ٺيڪ ٿو چوين. اسان جو اهو خيال آهي” مون ان ٻلي کي نرمي سان سمجهائيندي چيو “اسين توهان جي جان وٺڻ نٿا چاهيون. اسين عدم تشدد تي يقين رکون ٿا ۽ هن آپريشن سان توهان کي خاص تڪليف ڪو نہ ٿيندي. بس فقط ٻن منٽن لاءِ ٿوري تڪليف ٿيندي ۽ اُن کان پوءِ ان ڏينهن تائين توهان کي هر روز نيراني هڪ گوري کاڌي پوندي”.

“ڏاڍو سٺو” ٻلي ڳالهايو “انساني آبادي جي محفوظ مستقبل لاءِ اسان پنهنجن ٻچن جو مستقبل ختم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. پر ايترو ياد رکو تہ توهان جي ٻارن جو مستقبل پهرين کان بہ زيادہ خطري ۾ پئجي ويندو.”

اُهو وري ڪيئن؟” مون ٻلي کان پڇيو.

هن چيو “اِهو سوچيو تہ دنيا ۾ جيڪڏهن ٻليون نہ رهنديون تہ پوءِ ڪوئن جو جوڪير نالو وٺندو؟ اڄ بہ خوراڪ جو چوٿون حصو ڪوئا کائي وڃن ٿا ۽ اُن جي عيوض توهان کي ڇا ٿا ڏين؟ پليگ. سوچيوءِ غور ڪريو. جيڪڏهن اسان ٻلا نہ هجون تہ فقط هن شهر ۾ هڪ سال ۾ هڪ ڪروڙ ڪوئا وڌي وڃن.”

“تون بلڪل درست ٿو چوين” مون اقرار ڪندي چيو.

“انهي لاءِ جيڪڏهن توهان هرويرو جانورن جي ئي فيملي پلاننگ ڪرڻ چاهيو ٿا تہ ڪوئن کان شروعات ڪريو.”

جڏهن ان عقلمند ٻلي جي ڳالهہ مون وزير صاحب کي سمجهائي تہ هڪدم ڪرسي تان ٽپ ڏيئي اُٿيو چيائين، “آئون خود بہ اِهو ئي سوچي رهيو هوس. بلڪل صحيح چوي ٿو اِهو ٻلو.”

هڪ واري وري اسان اسڪيم بدلي، نئون اسٽاف رکيو. نئين بجيٽ منظور ڪئي. نئون پمفليٽ ڇپجي ويو. “ڪوئن جي فيملي پلاننگ”. هن دفعي اسين سڀ مطمئن هئاسين تہ هاڻي صحيح رستي تي آهيون ۽ سڀ ڪم قاعدي سان ٿيندو ۽ جلدي ٿيندو.

پر جلدئي معلوم ٿيو تہ هن ڪم ۾ تہ ڪافي مشڪلاتون آهن. سڀ کان پهرين تہ اسان جو جهڳڙو ميونسپل ڪارپوريشن جي عملي سان ٿيو. جڏهن اسان جي عملي جا ماڻهو ڪوئا پڪڙڻ ويا، تہ اسان کي

معلوم ٿيو تہ شهر جا تمام ڪوئا ميونسپل ڪارپوريشن جي قبضي ۾ آهن. ۽ اسان جو تہ انهن تي ڪو بہ حق ناهي ۽ جيستائين ميونسپل ڪميٽي اجازت نہ ڏي اسين قانوني طور تي هڪڙي ڪوئي جو بہ آپريشن نہ ٿي ڪري سگهياسين.

ان تي اسان کي ڏاڍو غصو آيو. اسان جي کاتي جي وزير ميونسپل ڪارپوريشن جي ميئر کي خط لکيو. ميئر اسان جي کاتي جي وزير کي خط لکيو. ان ۾ ڪيترائي مهينا گذري ويا.

ڪارپوريشن وارن چاهيو ٿي تہ. شهر جا ڪوئا اسان جي حوالي نہ ڪيا وڃن. بلڪ سنئون سڌو ماريا وڃن. جيئن اڄ تائين ٿيندو آيو آهي ۽ اسان چاهيو ٿي تہ ڪوئن کي جان کان مارڻ جي بجاءِ اُنهن جو آپريشن ڪيو وڃي تہ جيئن وڌيڪ ڪوئا پيدا ٿي نہ سگهن ۽ اسان جي فيملي مهم ڪامياب ٿئي.

ڏيڍ سال تائين اهو جهڳڙو هلندو رهيو.

آخر ۾ مٿان کان فيصلو ٿيو تہ پهرين ڪارپوريشن ڪوئن کي جان سان ماري ڇڏي، بعد ۾ ڪوئا اسان جي حوالي ڪيا وڃن تہ جيئن اسان اُنهن جو آپريشن ڪري سگهون.

مٿي وارن ٻنهي کاتن جي ڳالهہ مڃي ورتي هئي.

پر مرده ڪوئن جو آپريشن ڪرڻ ڪنهن بہ ڪم جو نہ ٿي سگهيو ٿي ۽ ان سان اسان جي مهم خطري ۾ پئجي سگهي ٿي. تنهنڪري اسان جي وزير صاحب مون کي گهرائي سمجهايو.

"پٽ جهڳڙو ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ شهر جو ميئر بہ پنهنجو ماڻهو آهي. هي اُن جي عزت جو معاملو آهي. جيڪڏهن هو ڪوئا پاڻ وٽ رکڻ چاهي ٿو تہ پيلي رکي. تون ڳوٺن ۾ وڃ. مون ٻڌو آهي تہ ڳوٺن ۾ ڪوئا هوندا آهن."

"هوندا آهن؟". مون چيو، هوندا ناهن پر شهر کان ٻيڻا هوندا آهن. ڪافي وزني ۽ وڏا هوندا آهن ۽ ڏاڍا خطرناڪ هوندا آهن. مون کي اُن لاءِ وڌيڪ اسٽاف گهرجي".

"ٻيو اسٽاف بہ وٺي وڃ"

"ڳوٺن ۾ وڃڻ لاءِ بہ جيپون بہ کپن"

"ٻہ جيپون بہ کڻي وڃ. پر شهر جي ڪوئن جو خيال وساري ڇڏ ۽ ڳوٺن جي ڪوئن جي طرف ڌيان ڏي."

مون چيو "شهر جا ڪوئا گهڻا مهذب هوندا آهن. فيملي مهم جي ڳالهہ جلدي سمجهي سگهيا ٿي. پر جاهل ڳوٺاڻن ڪوئن کي سمجهائڻ لاءِ مون کي زياده پروپئگنڊا ڪرڻي پوندي."

"تون هڪ ٻيو پمفليٽ ڇپائي وٺ.... تازو منهنجي نئين تصوير بہ آئي آهي." وزير مون کي پيار سان سمجهائيندي چيو.

هڪ ڏينهن جڏهن سامان مڪمل طور تي تيار ٿي ويو تہ اسين لوهي پڃرا ساڻ ڪري ڳوٺن ۾ ڪوئن جي فيملي پلاننگ لاءِ روانا ٿياسين.

پر ڳوٺ وارن اسان کي ٻنين جي ويجهو اچڻ بہ نہ ڏنو. اُتي ئي روڊ جي ڪناري روڪي ورتو ۽ لنيون

اُپيون ڪري ويھ رهيا. اُنهن جي سردار چيو “ڪوئن جي فيملي مهم؟ ڪيترا نہ بيوقوف آهيو. توهان کي خبر ناهي تہ جيڪڏهن ڪوئا اسان جي کيتن ۾ نہ هجن تہ اسان جي کيتن جو اڌ فصل ڪيڙا مڪوڙا کائي وڃن. اهي ڪوئا ئي آهن جيڪي ڏينهن رات کيتن ۾ جيت جڻن کي کائيندا رهن ٿا ۽ اسان جي فصل کي تباهي کان بچائيندا رهن ٿا. اسين انهن جي فيملي پلاننگ ڪرڻ نہ ڏينداسين. هرگز هرگز نہ. هتان پڇي وڃو.”

“عجيب مصيبت آهي؟” مون دل ئي دل ۾ چيو.

جيڪڏهن اسان ڪتن جي فيملي پلاننگ ڪريون ٿا تہ ٻليون وڌي وڃن ٿيون. ٻلين جي روڪ ٿام ڪريون ٿا تہ ڪوئا وڌي وڃن ٿا. ڪوئن کي ختم ڪريون ٿا تہ جيت جڻا وڌي وڃن ٿا.

“ڪريون تہ ڇا ڪريون؟”

اسان اُتان کان تہ ڀڄي آياسين. پر ڪنهن جي. ڊيپارٽمينٽ يا ڊمڪائڻ سان اسان جي فيملي پلاننگ جو ڪم ڇا بيھ سگهي ٿو؟ هي تہ سرڪاري ڪم آهي ۽ هميشہ ٿيندو رهندو. هڪ مهم نہ هلي سگهندي تہ اُن جي جڳهہ ٻي مهم ونندي. انهي ڪري اسان جي کاتي طرفان هاڻ تمام جلدي ڪيڙن ماڪوڙن جي فيملي پلاننگ جي مهم شروع ٿيڻ واري آهي. ان جو وڏو ثبوت اِهو آهي تہ اسان جي مخالفن هاڻي کان ئي مهم شروع ڪري ڇڏي آهي.

زراعت کاتي هڪ زبردست احتجاجي نوٽ لکيو آهي تہ، “هو ريشم جي ڪيڙن جي فيملي پلاننگ ڪڏهن بہ ٿيڻ نہ ڇڏيندا.” ۽ ڪافي سرڪاري آفيسرن اُن جي حمايت بہ ڪئي آهي شايد اهو سوچي تہ سرڪاري آفيسر بہ هڪ طرح سان ريشمي ڪيڙا ئي هوندا آهن.

پر ڪنهن جي ڊيپارٽمينٽ ۽ ڊمڪائڻ سان اسان جي فيملي پلاننگ جو ڪم رڪجي سگهي ٿو؟

نئون پمفليٽ ڇپجي رهيو آهي.

نئين بجٽ منظور ٿي چڪي آهي.

نئون عملو رکجي چڪو آهي.

۽ هن سال تہ مون پنهنجو پگهار خاص طور تي وڌرائي ڇڏيو آهي، ڇو جو منهنجي گهر ۾ خوشي اچڻ واري آهي.

❋❋❋

# جتي جيون جوت جلي

**اسان** جي پٽ جي پنجين سالگرهه هئي.

ماءُ هن کي نوان ڪپڙا پهرايا. دوستن تحفا پيش ڪيا. ٻين گهرن مان ٻه ٻار آيا هئا. منهنجو ڇوڪرو سڄو ڏينهن اُنهن سان کيڏندو رهيو. انب کائي پنهنجا ڪپڙا گدلا ڪندو رهيو. ڄمون ۾ ڇيڪو جي وڻن تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. جڏهن هن جا سڀ دوست هليا ويا ۾ هو بلڪل ٿڪي پيو ته سمهڻ لاءِ منهنجي گود ۾ اچي ليٽيو.

ٻار پڇيو "اڄ امان مون کي سڄو ڏينهن پيار ڪيو. هڪ ڀيرو به ڇڙٻ نه ڏني. آخر ڇا ڳالهه آهي؟

مون چيو "اڄ تنهنجي سالگرهه آهي."

هن چيو "ته پوءِ هي سالگرهه هر روز ڇو نٿي اچي؟"

مون چيو "هر روز ڪيئن ٿيندي. اڄ تنهنجي زندگي جو پنجون سال شروع ٿيو آهي."

ٻار چپ ٿي ويو. هو ڪجهه سوچي رهيو هو. ٿوري دير کان پوءِ چيائين "اڄ نئون سال ايو آهي ته پوءِ منهنجو گذريل سال ڪيڏانهن ويو؟." سوال ايترو عجيب هو جو آئون ڇڪرائجي ويس. مون پنهنجي ۾ پنهنجن دوستن جون ڪافي سالگراهون ملهايون هيون ليڪن ڪنهن کي به اهو خيال نه آيو ته گذريل سال ڪيڏانهن وڃي ٿو؟. نئين سال جي خوشي ۾ گذريل سال جي ياد ڪنهن کي اچي ٿي؟ نون دوستن کي ملڻ تي، پراڻن دوستن کي ڪير ياد ڪري ٿو؟. اهو دنيا جو دستور آهي.

ليڪن ٻارن جو دستور ڪجهه ٻيو آهي.

شايد انهي ڪري ئي ڇوڪري مون کان وري پڇيو. "بابا، ٻڌايو "گذريل سال ڪيڏانهن ويو؟"

ڀلا آئون هن کي ڇا ٻڌايان!؟ پنجن سالن جي ننڍي معصوم کي وقت جي گردش ڪيئن سمجهايان!؟ انهي لاءِ مون خود ئي هن کان پڇي ورتو ڇو ته جڏهن آئون پنهنجي ٻار جي ڪنهن سوال جو جواب ڏيئي نه سگهندو آهيان ته اُن کان ئي پڇي وٺندو آهيان.

"پٽ! تون ٻڌائي ته گذريل سال ڪيڏانهن ويو؟"

ننڍڙي جي ڇهري تي مسڪراهٽ اچي ويئي. هو ڪافي دير تائين پنهنجو پاڻ مسڪرائيندو رهيو. مون ڏٺو ننڊ هن جي پلڪن تي جهڪي رهي آهي ۽ هو ڪٿي ڏور تمام ڏور ڏسي رهيو آهي.

ٿوڙي دير کان پوءِ هو مون کي سمجهائيندي چوڻ لڳو. "ڏس هو ڄمون جو وڻ آهي جيڪو ناريل جي وڻ جي ڀرسان آهي".

"ها."

"هو کوهه وارو ناريل نه، انب جي وڻ جي پاسي ۾ جيڪو ناريل آهي".

“ها”

“بس ان ڄمون جي وڻ تي چڙهندا وڃو.”

“ها.”

“۽ اجان مٿي جتي آسمان آهي، اوستائين ڄمون جو وڻ آهي.”

“نيڪ”.

“ها، اُن تي گذريل سال رهندو آهي”.

“اڙي واهه، هي ته تو نئين ڳالهه ٻڌائي. تون ڇا ڄمون جي وڻ تي چڙهيو هوئين؟”

ٻار گهڻي اُداسي مان چيو “نه وڻ تمام ڊگهو آهي. آئون چڙهي ڪو نه سگهيس. مون کي خبر آهي ته اُهو اُتي هوندو مٿي اجان به گهڻو مٿي سيني کان مٿي واري جڳهه تي”.

پوءِ ٻار جي اکين جا ڇپر جهڪي پيا ۽ هو منهنجي گود ۾ سمهي پيو ۽ نه ڄاڻ ڪيڏي مهل منهنجي به اک لڳي ويئي. ٿوري دير بعد مون کي ڪنهن ڪنڌ کان لوڏي جاڳايو. مون اکيون کولي ڏٺو. هڪ ماڻهو جنهن کي خوش نما عمدو وڳو پهريل هو ۽ مٿي تي هيرن جو تاج سجيل هو منهنجي طرف ڏسي مسڪرائي رهيو هو.

مون پڇيو “تون ڪير آهين؟”

هن چيو “ياد ڪر! ايترو جلدي پلجي وين؟”

مون چيو “ياءُ مون توکي ڪٿي ناهي ڏٺو”.

هن چيو “آئون تنهنجو چوٿون سال آهيان”.

آئون جلدي مان گهبرائي اُٿي کڙو ٿيس. هن منهنجو هٿ جهلي ورتو ۽ هن جي هٿ جهليندي ئي مون کي محسوس ٿيو ڄڻ منهنجي چئني طرفن گهاٽو جهنگل آهي. چيڙ ۽ ديال جا وڻ هوا جي ٽڪرائڻ تي سرڙاٽ ڪري رهيا آهن ۽ آئون هڪ سائي ۽ پيلي رنگ واري تتري جو پيڇو ڪندي پنهنجي ننڍڙن هٿن ۽ پيرن کي هلائيندي تيزي سان هڪ طرف وڃي رهيو آهيان.

تتري وڪڙ تي ڪيڏانهن غائب ٿي ويئي.

آئون وڪڙ مان گذري اُن جي پويان ڊوڙيس. هاڻي تتري منهنجي بلڪل ويجهو هئي. مون هٿ وڌائي جهلڻ جي ڪوشش ڪئي پر تتري اڳيان اُڏامندي هلي ويئي ۽ هڪ ٻوٽي جي نيرن نيرن گلن تي لڏڻ لڳي پوءِ اُنهن جي پنن ۾ لڪي ويئي. هن جي پرن جو سائو رنگ پنن ۾ ملي ويو. پر هن جون پيليون رنگتون مون کان ڪيئن لڪي سگهون ٿي؟ مون آهستي آهستي کڙين تي هلي عين اُن وقت جڏهن تتري نيري گل کي سونگهي رهي هئي، پنهنجو رومال اُن مٿان اُڇليو ۽ پوءِ اُن کي قيد ڪري مٽي جي خول ۾ رکي ڇڏيو.

تتري جا پر ڊپ جي ڪري ڦڙڦڙ ڪرڻ لڳا ۽ مون ڏٺو ته جهنگل جا سڀ وڻ هڪ ٻئي جي ويجهو ٿي رهيا آهن. ٽڙن سان ٽڙ ملي رهيا آهن ۽ ٽڙن جي پويان خوفناڪ اکيون..... سايون ڪاريون ۽ ڳاڙهيون

اڪيون... چمڪي رهيون آهن ۽ آئون ڊپ کان ڏڪي ويس. مون هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. پنهنجي چئني طرفن خوفناڪ ڪارو جهنگل نظر آيو. هاڻي مون کي معلوم ٿيو تہ تتري جي پويان دوڙندي آئون هليو تہ پنهنجي باغ کان هئس پر ڊوڙندي ڊوڙندي جهنگل ۾ اچي ويو هئس. مون رڙيون ڪندي چيو.

“امان! امان!”

جهنگل جي وڻن کلي چيو. “هاهاها!”

امان! امان!” اجا بہ زور سان رڙيون ڪيون.

“ها ها ها!” مون جهنگل جا وڻ اجان بہ زور سان کلڻ لڳا.

“پلي توهان ڪيترو بہ زور سان ٺهڪ ڏيو.” مون غصي مان وڻن کي چيو. “آئون پاڻهي پنهنجو رستو ڳولي لهندس”.

ليڪن وڻ بلڪل هڪ ٻئي جي ويجهو اچي ويا. ٽڙن سان ٽڙ ملي ويا. جهڪيل ٽاريون لڏيون ٻڻجي ويون ۽ رستو سوڙهي کان سوڙهو ۽ ننڍي کان ننڍو ٿيندو ويو. آخرڪار هڪڙي جڳهہ تي سوسڻ جي گلن جي هڪ تمام وڏي ٻاري نظر آئي. هتي اچي رستو بلڪل بند ٿي ويو.

مون هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو: زمين کان آسمان تائين سوسڻ جي گلن جي ديوار هئي.

“امان! امان!!”

گل زور سان کُلي ٺهڪ ڏيڻ لڳا.

ايتري ۾ هڪ خوبصورت پري آئي. هن جو لباس اهڙو هو ڄڻ سوسڻ جي گلن مان تيار ڪيو ويو هجي. هن جي ڪاٻي هٿ ۾ نيرن گلن جي لڙي هئي جنهن جي مٿان هڪ سوسڻ جو گل هو جيڪو بلڪل ڳاڙهي رنگ جي ياقوت جيان چمڪيو پي. هن ويجهو اچي منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ چيو.

“ننڍڙا ٻارڙا تون ڇورو ئي رهيو آهين؟”

مون چيو: “آئون امان وٽ وڃڻ چاهيان ٿو”.

پري چيو “تنهنجي ماءُ ڪٿي آهي؟”

“هوءِ جهنگل جي هن پيار آهي”

هن چيو “تہ هليو وڃ، توکي ڪير روڪي ٿو؟”

مون چيو هيڏانهن ديوار آهي، هوڏانهن وڻ رستو نٿا ڏين. اون اون اون”.

هن منهنجي هٿ ۾ تتري کي ڏسي ورتو.

“هي ڇا آهي؟”

مون چيو: “اوهو! هن کي هٿ نہ لاهيو. هي منهنجي تتري آهي”.

“تون هن کي ڪٿي ڇا ڪندين؟”

مون چيو آئون هن جا پر پٽي پنهنجي تصويرن واري ڪتاب ۾ رکندس.”

هن چيو “پر پٽيندين تہ هوءِ مري ويندي.”

”پلي مري وڃي“

هن چيو ” تہ پوءِ هن جي ماءُ رئندي“.

مون پڇيو ”تہ هن جي ماءُ رئندي؟“

”ها.“

مون پڇيو: ”هن جي ماءُ ڪير آهي“.

پري ٿوري دير خاموش رهڻ کان پوءِ چيو ”آءُ هن جي ماءُ آهيان.“

آئون ڪافي دير تائين خاموش رهيس. تتري جا پر ڏاڍا خوبصورت هئا. مون اُن کي وڏي مشڪل سان پڪڙيو هو. پري جي نيري اکين ۾ لڙڪ هئا، جهڙا ڪڏهن ڪڏهن منهنجي ماءُ جي اکين ۾ هوندا آهن. مون خاموشي سان تتري پري جي گود ۾ رکي ڇڏي ۽ پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

پري مسڪرائڻ لڳي ۽ پوءِ مون ڏٺو اُها تتري هڪ ننڍڙي پري بڻجي ويئي. جنهن جو لباس سائي رنگ جو هو. ڳل پيلا هئا. هوءِ منهنجو هٿ پڪڙي چوڻ لڳي، ”تون مون کي ڏاڍو سنو لڳين ٿو مون تہ توسان کيڏڻ چاهيو ٿي. ليڪن تو تہ مون کي جان سان مارڻ چاهيو ٿي“.

مون چيو ”هاڻي آئون توکي ڪجھ ڪو نہ ڪندس. تون منهنجي باغ ۾ اچي مون سان راند ڪڏجان. مون کي خبر ڪو نہ هئي تہ تون پري آهين.

پري جي ماءُ چيو ”پٽ سڀ تتريون پريون هونديون آهن. جيڪي ٻارن سان کيڏڻ لاءِ ڳوٺن ۽ باغن ۾ ايندیون آهن“.

”تہ ايئن“

”ها اڄ هاڻي توکي گهر جو رستو ٻڌايان نہ تہ تنهنجي ماءُ روئي روئي مري ويندي“.

پوءِ پري گلن جي لڙي سان اشارو ڪيو ۽ ٽڙ هڪ ٻئي کان الڳ ٿيندا ويا. تاريون اُڀيون ٿينديون ڦهلجنديون ويون ۽ آسمان چٽو نظر اچڻ لڳو ۽ پوءِ جهنگل جو آخري ڇيڙو بہ اچي ويو ۽ مون ڏٺو تہ منهنجي ماءُ ۽ پيءُ ٻئي گڏجي مون کي ڳولي رهيا آهن ۽ امان بار بار پوتي جي پلاند سان لڙڪ اُگهي رهي آهي.

مون رڙ ڪري چيو ”امان آئون هتي آهيان. ڏس مون سان گڏ هڪ پري آهي“.

مون مڙي ڏٺو تہ ٻئي پريون غائب ٿي چڪيون هيون. هوڏانهن پري جهنگل جي طرف هڪ واڱڻائي رنگ جي تتري سان گڏ هڪ سائي ۽ نيري رنگ جي تتري ڊوڙي رهي هئي ۽ پوءِ خوش نما عمدو وڳو پاتل ۽ مٿي تي هيرن جو تاج سجايل ماڻهو منهنجو هٿ ڇڏي ڏٺو ۽ منهنجي نظرن کان ڏور جهنگل ۾ غائب ٿيندو ويو. ان ماڻهو جي چهري تي جڳمڳائيندي هڪ مسڪراهٽ آئي ۽ هن مون کان پڇيو ”ياد آهي؟“

مون مسڪرائي چيو ”ها ياد آهي. تون منهنجو چوٿون سال اهين. پر تون ڪيڏانهن هليو ويو هوئين؟“

هو مون کان اجان بہ دور ٿيندو ٿي ويو ۽ چيائين ”ست سمنڊ پار هڪ ٻيٽ آهي. اُن کي يادن جو

ٻيٽ چوندا آهن. آئون اتي رهندو آهيان. طوفاني لهرن تي ڪڏهن ڪڏهن ٻارڙا ڪشتي ڌڪيندا اُتي اچي ويندا آهن ته ڏاڍي رونق متل هوندي آهي. نه ته اُتي هر وقت ننڊ جو غلبو رهندو آهي.”

مون چيو “پر منهنجو ڇوڪرو چوي ٿو ته، تون ڄمون جي وڻ جي مٿان رهين ٿو؟”

هن چيو “ڪڏهن ڄمون جي وڻ جي مٿان ڪڏهن آمري جي وڻ جي هيٺان. ڪڏهن ڪيت جي ڪناري، ڪڏهن ڪنهن گهٽي جي منهن تي. جتي جتي ٻار اسان کي سڏيندا آهن، اسين پهچي ويندا آهيون. پنهنجي خوابن جي ٻيٽ مان نڪري. ڇو ته اُهي ٻار ئي آهن وڏا ناهن. وڏن لاءِ ته پراڻو سال مري وڃي ٿو ۽ نئون سال جنم وٺي ٿو پر ٻار اسان کي هميشه زنده رکندا آهن. توکي اهو ٻڌي ڏاڍي حيرت ٿيندي ته، اڄ ڪان ٻه هزار بلڪ پنج هزار پراڻو سال به ايئن زنده آهي، جهڙو اُهو زندگي جي پهريئين ڏينهن هو. جنهن ڏينهن اُهه ڪنهن ٻار سان پنهنجو هٿ ملائي ٿو ته اُهو هڪ پل لاءِ به پوڙهو نه ٿو ٿئي. ماڻهو مري وڃي ٿو پر سال هميشه زنده رهن ٿا.

هو اها ڳالهه چوندي چوندي مون کان دور ٿيندي ويو. وراندي جون ڏاڪڻيون لهي باغ ۾ هليو ويو ۽ پنهنجي ڇنڊي طرفن ڏيمي ڪڙڪ ٻيٽي جيان ٽڏي ٽڏي روشني ڦهلائيندو ويو.

مون رڙيون ڪري هن کي چيو “ٻڌ! هڪ ڳالهه ٻڌائي. هوءِ سائي ۽ پيلي رنگ واري پري هاڻي ڪٿي آهي؟”

هو ڪليوءِ ڄمون جي وڻ تي چڙهندو ويو، اچا چڙهندو ويو. مٿي، تمام گهڻو مٿي ۽ پوءِ ڄمون جو وڻ وڃي آسمان سان لڳو ۽ هو آسمان جي ڇت ۾ غائب ٿي ويو.

هڪدم منهنجي اک کلي ويئي. مون ڏٺو ته آئون پنهنجي آرام ڪرسي تي ليٽيل آهيان ۽ منهنجو پٽ خواب ۾ ڪنهن کي ڏسي مسڪرائي رهيو آهي.

❊❊❊

# ڳيت ۽ پٿر

**نفرت** به هڪ قسم جي محبت آهي. اعجاز زيدي جو مثال اوهان جي سامهون آهي. زيدي کي عورتن کان نفرت آهي. زيدي بدصورت آهي ۽ هن کي پنهنجي بدصورتي جو حد کان زياده احساس آهي. زيدي ننڍي قد جو يا ايئن ڪٽي چئجي ته ڇامڙو آهي. هن کي پنهنجي ننڍي قد تي ڪو به فخر يا خوشي ناهي. زيدي جي چال ۾ هڪ عجيب قسم جي بي ترتيبي آهي، جنهن کي ڏسندي ئي بي اختيار کل نڪري وڃي پر ماڻهو هن جي دل رکڻ لاءِ هن تي کلندا ناهن، بلڪ هن جي عزت ڪندا آهن، هن جو آدر ڀاءُ سٺي طريقي سان ڪندا آهن. خاص طور تي جڏهن هن کي پنهنجي پرسان ويهارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، اُن وقت هو اجان به وڌيڪ بيزار ٿيندو آهي. شايد هو دل سان چاهيندو آهي ته ماڻهو هن کي بدصورت، دوکيباز، ڇامڙو چون، هن کي گاريون ڏين ۽ هن کان پري رهن. مون اڪثر ڏٺو آهي ته جيڪي ماڻهو هن تي ٽٺوليون ڪندا آهن، هو اُنهن مان خوش هوندو آهي ۽ جيڪي ماڻهو هن جي دل رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، هو اُنهن کي سٺو ناهي سمجهندو. بلڪ هن جي دل رکڻ جي جيتري به ڪوشش ڪئي وڃي، هو اوترو ئي دل تي بار محسوس ڪندو آهي.

منهنجي مشاهدي ۾ زيدي پهريون شخص آهي، جيڪو ان حد تائين اذيت پسند آهي، جو هر وقت پاڻ کي ذهني طور ڦٽڪا هڻندو رهندو آهي. زيدي ويهين صدي جو ماڻهو آهي، انهي ڪري هڪ فلم ڪمپني ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر آهي. جيڪڏهن هو سورهين صدي ۾ هجي، ها ته ڪيٿولڪ راهب هجي ها، سخت ترين ملان هجي ها، اعليٰ محتسب هجي ها. پر ويهين صدي، هن کي فلم ڊائريڪٽر جو اسسٽنٽ ناهي ڇڏيو هو. هن کي انهي ڳالهه ۾ به مزو اچي ٿو ته هن جي تقدير ان قدر خراب آهي. ماڻهو خوبصورت شين. سٺين ڳالهين، حسن جي خوبين مان ساءُ ڪڍندا آهن. زيدي کي ڏک، درد، گناهه، بدصورتي ۽ اُنجي گهرائي ۾ دلچسپي آهي، جيڪا هيٺ ويندي آهي. جيڪا شيءِ مٿي اُٿي ٿي، جيئن آسمان، وڻ جي چوٽي، ڪبوترن جي اُڏام، انهن ڳالهين ۾ هن جي دلچسپي قائم نٿي رهي. هو شر، بدي ۽ نفرت جو قائل آهي. هن ۾ ۽ فرشتن ۾ فقط هڪ قدم جي ڇوٽي آهي.

زيدي کي عورتن کان سخت نفرت آهي. هو اُنهن جي پاڇي کان به نفرت ڪندو آهي هو اُنهن کي نيچ ترين مخلوق چوندو آهي. هو شوپن هارا جو پرستار آهي. اسٽوڊيو ۾ جتي عورتون بيٺل هونديون، اُتي ماڻهن جي رش نظر ايندي آهي، پر زيدي اُتي نظر نه ايندو. جيڪڏهن ڪنهن مهل ڇوڪرين جي پرسان گذرڻو پوي ته هو ان قدر آڪڙجي ۽ ان قدر ڇاتي تاڻي هلندو آهي، جو هن جي شڪل کل ۽ مذاق لائق ٿي پوندي آهي. ڇڻ هن جي جسم جو ذرو ذرو عورت عورت پڪاري رهيو هجي. بک جڏهن پنهنجي منزل تي پهچي وڃي ته نفرت بنجي ويندي آهي. پر بک جي آخري منزل موت، جمود، خاموشي ۽ سناٽو به آهي.

زيدي جون جنسي حسون ان قدر ڪمزور ٿي چڪيون آهن، جو شايد هن کي مرد چوڻ به هڪ مبالغه آميز حقيقت هوندي. زيدي جي مردانگي هن جي بدصورتي کان مار کاڌي ۽ اُها بدصورتي عورت جي نسواني جمال ۽ حسن سان ٽڪرائي، نفرت ۾ تبديل ٿي ويئي. هاڻ هو نه مرد آهي نه عورت. سر کان پيرن تائين سراپا نفرت آهي. هو هڪ پريشان روح آهي، جنهن پنهنجو پاڻ کي منجهائي منجهائي ڳنڍيون ڏيئي ڇڏيون هجن ۽ هاڻ اُنهن ڳنڍيين جو هن جي لاءِ کولڻ مشڪل هو. شايد هاڻي هو زندگي ۾ اُهو شان ۽ دٻدٻو آڻي نه سگهي. زيدي جي اها حالت اسان جي ملڪ جي سياسي حڪمرانن سان ڏاڍي ملي جلي ٿي.

زيدي کي جيڪڏهن چيو وڃي، فلاڻي عورت کي فلمي سيٽ تي حاضر هئڻ گهرجي، ته پهرين ته هو اُن کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيندو. ورجائڻ تي اهڙي طرح گهوريندو جڻ اهو چئي ڪنهن ڪو گناهه جو ڪم ڪيو آهي. جيڪڏهن توهان زياده ڊيٽ نڪتا ته هو سيٽ ڇڏي ٻاهر هليو ويندو ۽ پوءِ هو اُتان گهربل عورت کي سڏائڻ لاءِ پٽيوالي کي موڪليندو يا ڪو ٻيو نياپو رسائيندڙ ڳوليندو. صفا مجبوري جي حالت ۾، جي هن کي ويڙهو پوي، ته هو ڇوڪري جي سامهون ٻيهه هن کي چوندو "سيٽ تي اچو". ۽ پوءِ اُتان پويان پير ڪري هلڻ لڳندو. هن جي حرڪتن ۾ اُن وقت ڪا به سرگرمي نظر ڪو نه ايندي. عام طور تي زندگي ۾ هڪ ترتيب هوندي آهي. هر ڇرپر ۾ هڪ متوازن حد جو احساس ٿيندو آهي. زيدي کي ڏسي، اُن وقت اهو احساس ٿيندو آهي ته، هو انسان ناهي هڪ بي روح جسم آهي، جنهن کي ڪٺي ڇوڪري جي اڳيان آندو وڃي پيو. هن جي چال، گفتار، طور طريقن ۾ هڪ عجيب غير فطري ۽ غير تخليقي حرڪتن جو احساس ٿيندو آهي، جنهن ۾ بلڪل لچڪ نه هجي. آٽومشين جي بي تال حرڪت به شايد هن کان بهتر ٿيندي هوندي. عام طور تي عورتن جو اثر مردن تي زياده ٿيندو آهي ۽ جيستائين پيدا ۽ تخليق ڪرڻ جا اعصاب قائم رهندا آهن، اثر ٿيندو ئي رهندو آهي. پر جيترو اثران مخلوق جو مون زيدي تي ڏٺو آهي، اهڙو ٻئي ڪنهن فرد تي ناهي ڏٺو. ايئن معلوم ٿيندو آهي ته، زيدي جي روح ۽ جسم جي هر ذري ۾ هڪ اک آهي، جيڪا عورت جي وجود کي ڏسندي ئي اُن کان منڪر ٿيڻ لاءِ بي تاب آهي. ماڻهو ٻن اکين سان عورت کي ڏسندا آهن ۽ مري پوندا آهن. زيدي ڪروڙين اکين سان ڏسندو آهي. هن جي دل جي حالت ڇا هوندي؟ آئون سمجهان ٿو ته اتي پهچي، محبت نفرت ۾ ۽ زندگي موت ۾ تبديل ٿي ويندي آهي.

جڏهن اسان جي اسٽوڊيو ۾ رميا پهريون ڀيرو آئي ته پروڊيوسر کان وٺي پٽيوالي تائين سيني جا چهرا خوشي مان ٻهڪڻ لڳا دراصل عورت خوشي جو هڪ پل آهي، جيڪو جنت جي وادين کان هن سرزمين تائين ايندو آهي. پوءِ اُن پل کي پائڻ، چکڻ ۽ ماڻڻ، اُن جي لاءِ مرڻ جي بيقراري ڇو نه هوندي؟ ۽ رميا ته اهڙي عورت هئي، جيئن، لهر، لڏندڙ تاري، ٻهڪندڙ مکڙي، جيئن فضا ۾ مسڪراهٽ جو تير هلي وڃي، ۽ گم ٿي وڃي ۽ گم ٿيڻ کان پوءِ به تخيل ۾ اُنجا رنگ چمڪندا رهن. اها ڪيفيت رميا جي هئي. عورتون جوان به ٿينديون آهن، شاعري جي مناس، رس ۽ سرسنگيت سان ڀريل به هونديون آهن. پر رميا جي حسن جي ادا ۽ انداز ٻين عورتن کان بلڪل الڳ هو. هن جي حسن جو احساس هن جي سامهون نه پر

هن جي گذري وڃڻ کان پوءِ ٿيندو آهي. جڻ ڪا شئي چمڪي اُٿي هجي. هوءِ سامهون کان لنگهي ويندي ۽ بعد ۾ اِهو خيال ايندو. خيال نه ايندو جڻ تصويرون اينديون. گلن جا گجرا، انڊلٺي رنگ، ٻارڙن جي مسڪراهٽ، رات ۾ ڪهڪشان جون ڪير جهڙيون ڏارائون، موتين جي مالا هر ڏس ڦهليل. انهن سڀني تصويرن جو خيال هن کي ڏسي اُڀريو ٿي. هن جو حسن فاني هو پر اُن جي گونج ديرپا هئي. جيڪي تصويرون هن جي حسن کي ڏسڻ سان اُڀرنديون هيون اُهي لافاني هيون. خوبصورتي جي ان کان ٻي بهتر تعريف ٿي نٿي سگهي. رميا کي ڏسي اهو ڏسي خيال ڪڏهن نه ٿيندو هو ته هي عورت ڪا فلمي اداڪارا آهي، زال آهي، ٻارن جي ماءُ آهي، روزگار جي درد ۽ ذوق جي اُڀار ۽ اظهار جي بيتابي کان آگاهه ٿي چڪي آهي. هوءِ جيڏانهن به وئي ٿي، فضا ۾ هڪ لاٽ اُڀري ٿي. جنهن ۾ ڪئين پروانا جلي رک ٿي ويا ٿي.

ناممڪن هو جو اهڙي وجود کان زيدي کي نفرت نه هجي. ادنيٰ شعور جو رهڻ وارو اعليٰ شعور رکڻ واري کان نفرت ڇو نه ڪندو؟ جيڪڏهن محبت نفرت آهي ته گهرائي به هڪ طرح جي اُلٽي بلندي آهي. هن جي تخيل ۾ اُهي اُفق نه هئا جن تي روشن ڪرڻن جي چمڪ دمڪ هوندي آهي. هو اُن اونداهي اُفق جي تهه تائين پهچي ويو هو جتي گپ ۽ ڪچرو گڏ ٿي ويندو آهي ۽ خيال ۾ ڪيڙا مڪوڙا سرڻ لڳندا آهن. جيئن مثبت ۽ منفي هڪ ٻئي کان الڳ رهندا آهن، اهڙي طرح فلمي سيٽ تي رميا ۽ زيدي هڪ ٻئي کان پري رهيا ٿي.

انساني فطرت پاڻي جيان پنهنجي سطح هموار رکي ٿي. رميا نفرت نه ٿي ڪري سگهي. هوءِ ته اُفق تي چنڊ جي ڪرڻي جيان هئي، گهرائي جي گپ ۽ ڪچرو نه هئي. هوءِ لڏندي لمندي هيٺ لٿي، هن جي مسڪراهٽ، شرميلي انداز دلين کي موهي ڇڏيو ٿي. هوءِ زيدي لاءِ ايتري قدر نرم ٻنجي ويئي، جو زيدي اُن کي ڪِڙڪائي به نه ٿي سگهيو. رميا زيدي سان کلي ڳالهايو ٿي، ته زيدي وري رکو جواب ڏنو ٿي. جي رميا هن کي چائي گهرائڻ جو چوندي، ته هو چاڻي واٽي چائي نه گهرائيندو. جي رميا چوندي، زيدي صاحب! اوهانجا ڪيڙا ميرا آهن". ته زيدي ٻئي ڏينهن اجان به وڌيڪ ميرن ڪپڙن ۾ ايندو. هڪ ڀيري رميا چيس، "ڏاڙهي وڌائي ڇڏي اٿئي، روز لاهيندو ڪر زيدي صاحب!؟" ته زيدي سچ پچ مان ڏاڙهي وڌائي ڇڏي. مولانا ابوالڪلام آزاد جهڙي ڏاڙهي، ڇڊي ڇڊي ڏکهي ڏاڙهي جنهن زيدي جي چهري کي هڪ عجيب رونق بخشي ٿي. جي رميا چوندي "فلاڻي پڪچر ڏاڍي سٺي آهي. هل ته ڏسي اچون". زيدي جواب ڏيڻ بنائي ٻي پڪچر ۾ هليو ويندو. حالانڪه هڪ ڪلاڪ اڳ هو خود اُن پڪچر ڏسڻ جو خواهشمند هو ۽ پنهنجن دوستن سان گڏ اوڏانهن وڃڻ وارو هو. هن جو جسم ۽ هنجو روح، پنهنجي ڀرپور قوت سان رميا جي خلاف مدافعت ڪري رهيو هو. هن شايد سوچي رکيو هو ته، منهنجي بدصورتي رئندي رهندي پر هار قطعي نه مڃيندي. هن جي اکين جي چمڪ ۽ تاب چئي ڏيندو هو ته "مقابلو ڏاڍو سخت آهي".

رميا پنهنجو رنگ ۽ ڍنگ نه بدليو. اهو چوڻ ته صحيح نه هو ته ڪو هن کي زيدي سان لڳاءُ هو. ها ايتري دلچسپي ضروري هئي ته، هوءِ اُنجي عورت کان نفرت جي جذبي کي ضرور فتح ڪرڻ چاهيندي هئي. هوءِ اُن لاءِ برابر ڪوشش ڪندي رهي. جيئن ته هوءِ پاڻ ڏاڍي خوبصورت هئي ۽ حسن ۾ بذات خود

اهڙي مغروري هوندي آهي جيڪا پنهنجو پاڻ ۾ ايتري ڪوشش جو تاب آڻي نٿي سگهي. منهنجو مطلب آهي تہ حسن خود چمڪندو آهي. حسن بذات خود ان قدر دلڪش ۽ من موهيندڙ آهي جو اُن کي چمڪڻ ئي گهرجي. اُنجي فطرت مان روشني ڦٽي نڪرندي آهي. زيدي هڪ ڪوشش تي وگرڻ جو نہ هو بلڪہ هو تہ ٻريل ڪاٺين جيان هو جنهن ۾ ڦوڪي ڦوڪي باهہ ٻاري وجي. رميا هر وقت چمڪي ٿي ۽ ڪوشش ڪان گهٽ ڪم ورتئين ٿي، جو هوءِ خود باهہ هئي. سمجهندي هئي تہ هڪ ڏينهن پاڻ کي جلائي ويهينديس. اُن لاءِ هوءِ مسڪرائيندي هئي، ٺهڪ ڏيندي هئي، نرم ٿي ويندي هئي، جيئن ڪپهہ جو پوٽو. هوءِ آهستي آهستي زيدي جي دل تي گهمندي هئي، جيئن ڪڙي انڊي تي. هن جي حسن جا نرم نرم پر زيدي جي دماغ جي پٿريلي زمين جي سطح کي ڇهندا رهيا ٿي. پر زيدي بلڪل اڻ ڄاڻائي جي سحر ۾ غلطان پٽي ۾ گويو هوندو هو. رميا جي ان قدر معصوميت کان زيدي جي نفرت اڃان بہ وڌي ويئي.

هاڻي تہ زيدي جي نفرت جي منزل اها هئي، ڪنهن کي بہ نظر ۾ نہ آڻڻ، پاڻ کي ئي سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ ۽ حد درجي جي لاپرواهي هاڻ نفرت ايتري وڌي وئي هئي، جو هن ڪڏهن ڪڏهن رميا سان ڳالهائڻ شروع ڪري ڏنو ٿي. "هتي نہ ويهو". "هي ڪرسي سٺي آهي". "هو ماڻهو برو آهي"، "هي پيالو پڳل آهي" هي "جملو غلط آهي"، "هي ڪنڊ صحيح آهي" ننڍا ننڍا اُبتا سبتا جملا، سخت ۽ ڪوڙاڻ سان پريل، بلڪل ٺهيل ٺڪيل مشيني انداز ۾، هڪ هڪ جنبش پٿر گلاب جي مکڙي ڏانهن موٽ ڪائي رهيو هو.

اها نفرت اڃان بہ وڌي ويئي، جڏهن رميا شانت سان محبت ڪرڻ شروع ڪئي. شانت هيرو هو ۽ رميا هيروئن. محبت ايتري ئي ضروري آهي، جيترو ٻن وقتن جي ماني يا ساڙهي سان گڏ بلائوز. زيدي انهي محبت کي بلڪل ويجهو آڻي رهيو هو. هن ٻنهي کي گڏ رهڻ جو موقعو فراهم ڪيو ٿي. شوٽنگ کان پهرين ٻنهي کي الڳ وٺي، ريهرسل جي بهاني اڪيلائي مهيا ڪئي ٿي. چانئي جي پيالين ۾ شراب پائي ڏنائين ٿي، جو سيٽ تي شراب پيئڻ منع هئي پر چانئي پيئڻ جي منع نہ هئي. انهيءَ لاءِ چانئي بغير کير جي چٽي شراب گهرايو ويو ٿي. ۽ زيدي اها بنا کير جي چانئي، هو پاڻ وٺي آيو ٿي ۽ رميا ۽ شانت جي بي وقوفي وارين حرڪتن سان، پنهنجي نفرت جي جذبي کي سڪون پهچايو ٿي. شايد هن تي اهو احساس غالب هو تہ هي عورتون ڪيتريون نہ جاهل هونديون آهن. ڪيئن ريجهي وڃن ٿيون. هي عورتون نفرت جي قابل ئي تہ آهن. جيئن جيئن زيدي جي نفرت وڌندي رهي ٿي، هو اڃان بہ وڌيڪ رميا جي ويجهو ٿيندو ويو ٿي. هاڻي هن جي ڳالهين جي بي ترتيبي غائب ٿيڻ لڳي. هاڻ هو هن جي سامهون کلي ڏيندو هو ٺهڪ ڏيندو هو پنچ اليسٽريٽڊويڪلي جا لطيفا ٻڌائيندو هو. هن کي پڙهڻ لاءِ ڪتاب ڏيندو هو. رميا هن جي لاءِ سوئيٽر اُڻي رهي هئي. گذريل ڏينهن ۾ جڏهن رميا جو مڙس آيو تہ زيدي ڪيس اهڙي طرح ڳالهين ۾ اُلجهائي رکيو جو شانت ۽ رميا کي اڪيلو پڪچر ڏسڻ جو موقعو بہ هٿ اچي ويو. هي عورت – ؟؟ زيدي دل ئي دل ۾ کلي ڏيندو هو. بدصورتي خوبصورتي تي فتح پاتي هئي.

اها نفرت ايئن ئي هلندي رهي. ۽ نيٽ پڪچر جو آخري ڏينهن اچي ويو. زيدي سيٽ تي ڪو نہ

آيو. پڪچر ختم ٿي وئي. تاڙيون، هار، گل، منائي.... پرين رميا واپس هلي ويندي پنهنجي مڙس وٽ، شانت پيشه ور عاشق جيان دکي، ڏاڙهي وڌيل، وکريل وار رميا جي سامهون ٽڏا ساهه پريا ٿي ۽ رميا پنهنجي حسن جي تاثير تي مسڪرائي ڏنو ٿي. پوءِ هن ڪنهن کان پڇيو "زيدي ڪٿي آهي؟" ايئن ئي لاپرواهي مان جيئن ڪنهن ضروري ڳالهه جو ذڪر ڪندي ڪندي، پنهنجي ڪتي کي ٻچڪارڻ لڳي، "زيدي ڪٿي آهي؟" "موتي ڪٿي آهي؟"، "ٻبو ڪٿي آهي؟"، ويچارو "بدصورت، مايوس، مجبور بيمار ڪٿي آهي؟" هوءِ هن کي ڳوليندي رهي. پروجيڪشن روم ۾، ڪئميرا روم ۾، سائونڊ ڪمري ۾، آفيس ۾، خود هن جي ڪمري ۾، پر هو ڪٿي به ڪو نه هو. نيٺ هوءِ سنگيت گهر ۾ وئي.

سنگيت گهر ۾ اوندهه هئي. هڪ وڏي ۽ اوچي دري مان هن جهاتي پائي، اندر ڏنو ته زيدي پيانو تي ڳائي رهيو هو

اي غمِ دل ڪيا ڪرون، اي وحشت دل ڪيا ڪرون

هن جي گلي ۾ سر، سوز، پڪار، لئه، ترنم نالي ڪجهه به ڪو نه هو. پر اُن ۾ وزن ضرور هو. بوجهه جيئن پٿر بنجي وجي ۽ مٽي تي ويهي رهي. جيئن موت جو انڌير و روشني جي ڪرڻي کي گم ڪري ڇڏي ۽ ڪائنات جي طرف وڌندو رهي. جيئن نفرت جو پهاڙ وگري وگري محبت جي لاوي ۾ تبديل ٿي وڃي.

زيدي ڳائيندي ڳائيندي، پيانو تي ڪنڌ رکي روئڻ لڳو. بدصورتي جو گل ٽڙي پيو هو. رميا به دري وٽ ويهه رئڻ لڳي.

هن هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات پاڻ کي سنگيت گهر ۾ قيد ڪري رکيو. دراصل هو قيد نه هو. هن ڪل ڪائنات کي ٻاهر ڌڪي پنهنجو پاڻ کي سنگيت گهر ۾ آزاد ڪري ورتو هو. دنيا ۽ اُن جا غم ۽ اُن جا ڏک ۽ ڪم ظرفيون سڀ سنگيت گهرجي ٻاهر قيد ڪيون ويون هيون ۽ هو اُنهن سيني کان بلڪل آزاد پنهنجي روح جو نوحو ٻڌي رهيو هو.

اي غمِ دل ڪيا ڪرون، اي وحشت دل ڪيا ڪرون

سڄي رات ۽ سڄو ڏينهن هو اهائي ڌن ڳائيندو رهيو ۽ هن جي بدصورتي وگرندي ويئي. سنگيت گهر جا دروازا بند هئا ۽ لائيٽون ٻارڻ، آواز ڏيڻ ۽ رميا جي رڙين تي به نه لکيا ۽ جڏهن رميا هلي وئي ته ماٺهو دري ٽوڙي اندر داخل ٿيا. زيدي پيانو مٿي اڌ مئو پيل هو. هن بليڊ سان پنهنجون آڱريون وڍي ڇڏيون هيون ۽ پيانو جي سفيد سرن ۾ پنهنجي رت جو راڳ پريو هو. هن پنهنجي بدصورتي جي تهه خاني ۾ حسن جي محفل سجائي هئي، ۽ نفرت جي طوفان جي ڪک ۾، محبت جي نرم جذبي جي تخليق ڪئي هئي. اڄ هو هڪ گرپ وتي عورت جيان بيهوش پيل هو ۽ هن جون اکيون، هن جا ڳل ۽ هن جي ڏاڙهي لڙڪن سان پنل هئي.

ڪافي ڏينهن کان پوءِ زيدي کي رميا جو خط مليو.

"پيارا زيدي! تون صفا ڪو بيوقوف آهين. مون تو ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي، تو نه ڄاڻ اُن کي ڇا سمجهيو. اها تنهنجي غلطي هئي. آئون هڪ شادي شده عورت آهيان. منهنجا ٻه ٻار آهن. پنهنجي مڙس

۽ ٻارن سان پيار ڪندي آهيان. اهڙو چريائپ وارو خيال منهنجي دل ۾ ڪڏهن به اچي ئي نٿو سگهي. هي چاندي جي سگريٽ رکڻ جي ڏٻي توکي موڪليان پئي".

زيدي خط ڦاڙي پوءِ ساڙي ڇڏيو ۽ چاندي جي سگريٽ رکڻ واري ڏٻي ڪٽي کوهه ۾ اُڇلي ڇڏي. ۽ پوءِ ٿهلندو ٿهلندو سنگيت گهر ڏانهن هليو ويو.

❊❊❊

# نهروءَ جناح جي نالي هڪ طوائف جو خط

**مون** کي يقين آهي ته هن کان اڳ توهان کي ڪنهن طوائف جو ڪو به خط نه مليو هوندو. مون کي اها به پڪ آهي ته توهان منهنجي ۽ هن جنسي ڏنڌي سان لاڳاپيل ٻين عورتن جي به، ڪڏهن شڪل نه ڏٺي هوندي. آئون اِهو به سمجهان ٿي ته منهنجو توهان کي هي خط لکڻ ڪيتري قدر نه غلط آهي ۽ اُهو به وري هڪ اهڙو کليل خط... پر ڇا ڪريان؟ حالتون ئي ڪجهه اهڙيون آهن. ۽ وري انهن ٻنهي ڇوڪرين جو مسئلو ايترو گنڀير آهي، جو آئون هن خط لکڻ کانسواءِ رهي نه سگهيس. هي خط آئون ڪو نه لکي رهي آهيان. هي خط مون کان بيلا ۽ بتول لکائي رهيون آهن. آئون سچي دل سان معافي جي طلبگار آهيان، جيڪڏهن منهنجي خط ۾ ڪوئي جملو دل کي برو لڳي ته اُن کي منهنجي مجبوري سمجهي ونجو. بيلا ۽ بتول مون کان هي خط ڇو لکائي رهيون آهن؟ هي ٻيئي ڇوڪريون ڪير آهن؟ ۽ انهن جو مسئلو ايترو شديد ڇو آهي؟ اِهو سڀ ٻڌائڻ کان پهرين آئون توهان کي ڪجهه پنهنجي باري ۾ ٻڌائڻ چاهيان ٿي. پريشان نه ٿيو. آئون توهان کي پنهنجي گنهگار ۽ نفرت لائق زندگي جي تاريخ کان آگاهه ڪرڻ قطعي نٿي چاهيان. آئون توهان کي اِهو به نه ٻڌائيندس ته، آئون ڪڏهن ۽ ڪهڙين حالتن سبب طوائف بنيس. آئون ڪنهن شريفاڻي جذبي جو سهارو وٺي توهان کي ڪوڙي رحم جي درخواست ڪرڻ نٿي چاهيان آئون اوهان جي درد مند دل کي سمجهي، پنهنجي صفائي ۾ ڪو ڪوڙو محبت جو افسانو گهڙڻ به نٿي چاهيان. هن خط جي لکڻ جو مقصد اهو به ناهي ته، توهان کي طوائفي پيشي جي اسرارن ۽ رمزن کان آگاهه ڪريان. مون کي پنهنجي صفائي ۾ ڪجهه به چوڻو ناهي. آئون فقط پنهنجي متعلق ڪجهه اهڙيون ڳالهيون ٻڌائڻ چاهيان ٿي، جن جو اڳيان هلي بيلا ۽ بتول جي زندگي تي اثر پئجي سگهي ٿو.

صاحب! توهان ڪئين ڀيرا بمبئي آيا هوندا. پر توهان اسان واري بازار ڇاجي لاءِ ڏٺي هوندي؟ جنهن بازار ۾ آئون رهان ٿي اُهو فارس روڊ سڏجي ٿو. فارس روڊ، گرانٽ روڊ ۽ مدن پوره جي وچ ۾ آهي. گرانٽ روڊ جي هن پار لمنگٽن روڊ ۽ چوپاٽي، ميرين روڊ ۽ فورٽ جا علائقا آهن. جتي بمبئي جا شريف ۽ عزت دار ماڻهو رهندا آهن. مدن پوره جي هن پار غريبن جي وسندي آهي. فارس روڊ انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي ته جيئن غريب ۽ امير ان مان هڪ جهڙو لاڀ وٺي سگهن. پر فارس روڊ اڃان به مدن پوره جي گهڻو ويجهو آهي. ڇاڪاڻ جو غربت ۽ رنڊي جي ڏنڌي ۾ هميشه گهٽ مفاصلو هوندو آهي. هي بازار ايتري خوبصورت ناهي. هن جا رهواسي به خوبصورت ناهن. هن علائقي جي وچ مان گذرندڙ ٽرام جو گوڙ ڏينهن رات جاري هوندو آهي. دنيا جهان جا رولو ڪتا ۽ ڇورا ۽ نامي گرامي ڏوهاري قسم جا ماڻهو هتي جا چڪر ڪاٽيندي نظر ايندا آهن. لنگڙا، لولا، جريان ۽ ٽي بي جا مريض، ڪاڻا، گنجا، موالي ۽ ڪيسي ڪٽڻ وارا لچ لوفر هن بازار ۾ سينو تاڻي هلندا آهن. گنديون هوٽلون، ٽٽل فٽ پاٿ، ڪچري جي ڍيرن تي ڀڻ ڀڻ

ڪنڌڙ لکين مکيون، ڪاٺ ۽ ڪوئلي جا اُجڙيل ۽ اُداس گدام، پيشه ور دلال، باسي گلن جا هار وڪڻن وارا، ڪوڪ شاستر ۽ ننگين تصويرن جا دڪاندار، چيني حجام ۽ اسلامي حجام، گوڏ چڪي ٻڌل گاريون ڪڍندڙ پهلوان ۽ اسان جي سماجي زندگي جو سڄو گند ڪچرو، اوهان کي فارس روڊ تي ملندو. ظاهر آهي توهان هتي ڇو ايندا؟ ڪو به شريف ماڻهو هيڏانهن جو رخ نٿو ڪري. جيترا به شريف ماڻهو آهن، اُهي گرانٽ روڊ جي آسپاس رهن ٿا ۽ جيڪي اجان به زياده شريف آهن، اُهي ملبار جبل تي رهن ٿا. جناح صاحب! آئون هڪ ڀيري اوهان جي گهر جي سامهون کان گذري هيس. مون جهڪي سلام به ڪيو هو. بتول به مون سان گڏ هئي. بتول کي توهان سان جيڪا عقيدت آهي، اُن کي آئون ڪڏهن به صحيح نموني سان بيان ڪري نه سگهنديس. خدا ۽ رسول کانپوءِ، هوءِ جيڪڏهن ڪنهن کي چاهي ٿي ته، اُهي فقط توهان ئي آهيو. هن توهان جي تصوير کي لاڪيٽ ۾ سجائي گلي ۾ پائي ڇڏي آهي. ڪنهن بري نيت سان نه. پر سچي دل سان بتول جي عمر هن وقت 11 سال آهي. ٻارڙي ئي ته آهي هُوءِ! فارس روڊ وارا هاڻي کان ئي هن ڏانهن بري نيت سان تڪيندا رهن ٿا. پر خير! ان بابت توهان کي ڪنهن ٻئي دفعي ٻڌائينديس.

ها ته اِهو آهي فارس روڊ جتي آئون رهان ٿي. فارس روڊ جي الهندي ڇيڙي تي، جتي چيني حجام جو دڪان آهي، اُن جي ويجهو هڪ اونداهي گهٽي جي موڙ تي، منهنجود ڪان آهي. ماڻهو ته اُن کي دڪان ڪو نه چون. پر خير! توهان ته دانا ماڻهو آهيو. توهان کان پلا ڇا لڪائينديس؟ اهو ئي چونديس ته اُتي منهنجو دڪان آهي ۽ اُتي آئون اهڙي طرح ڌنڌو ڪندي آهيان، جهڙي طرح واڻيو سبزي وارو، فروٽ وارو، هوٽل وارو، سئنيما وارو، ڪپڙي وارو يا ڪو ٻيو دڪاندار ڌنڌو ڪندو آهي، ۽ گراهڪ کي خوش ڪرڻ کان سواءِ، پنهنجي فائدي لاءِ به سوچيندو آهي. منهنجو ڌنڌو به ان قسم جو آهي. فرق صرف ايترو آهي ته، آئون بليڪ مارڪيٽنگ نٿي ڪريان. ان کان علاوه مون ۾ ۽ ٻين واپارين ۾ ٻيو ڪو به فرق ناهي. هي دڪان سٺي جڳهه تي موجود ناهي. هتي رات جو ته ڇا پر ڏينهن جو به ماڻهو ڌڪجي وڃن ٿا. هن اونداهي گهٽي ۾ ماڻهو پنهنجا ڪيسا خالي ڪري وڃن ٿا. شراب پيئندا ۽ دنيا ڀر جون گاريون ٻڪن ٿا. هتي معمولي ڳالهه تي به چاقو جا وار ٿين ٿا. هڪ ٻه خون هر ٻئي ٽيئن ڏينهن تي ٿيندا رهن ٿا. مطلب ته هتي هر وقت ساهه مٺ ۾ رهي ٿو. ۽ ٻيو وري ته آئون ڪا اعليٰ درجي جي طوائف به ناهيان جو پوش علائقي ۾ وڃي رهان، يا وري سمنڊ جي ڪناري هڪ ڪمروئي وٺي سگهان. آئون هڪ نهايت ئي معمولي درجي جي طوائف آهيان. جيتوڻيڪ مون سڄو هندستان ڏٺو آهي ۽ گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيتو آهي ۽ هر طرح جي ماڻهن سان صحبت ۾ رهي آهيان، پر گذريل ڏهن سالن کان، هن ئي شهر بمبئي ۾، انهي ئي فارس روڊ تي، انهي ئي دڪان تي ويهان ٿي ۽ هاڻي ته مون کي انهي دڪان جي پڳڙي به ڇهن هزارن تائين ملي ٿي. جيتوڻيڪ هي جڳهه ڪا ايتري سٺي به ناهي. هوا ۾ ڏاڍي بدبوءِ آهي. ڪچرو چئني طرفن ڦهليل آهي. گندگي جا ڍير لڳل آهن. ۽ خارش لڳل رولو ڪتا گهبرايل گراهڪن پويان جهٽ هڻن ٿا. ان جي باوجود اڄ به مون کي هن جڳهه جي پڳڙي ڇهه هزار رپين تائين ملي ٿي.

هن علائقي ۾ منهنجو دڪان هڪ ماڙ جي گهر ۾ آهي ان ۾ ٻه ڪمرا آهن. سامهون وارو ڪمرو منهنجي بينڪ آهي. هتي آئون مجرو ڪندي آهيان ۽ گراهڪن کي وندرائيندي آهيان. اُن جي پوئيان وارو ڪمرو ردّي، وهنجڻ جي جاءِ ۽ سمهڻ واري ڪمري جي طور ڪم اچي ٿو. ان ڪمري ۾ هڪ طرف پاڻي جو نلڪو آهي، ٻئي پاسي هڪ وڏو پلنگ پيل آهي ۽ اُنجي هيٺان هڪ ٻيو ننڍو پلنگ پيل آهي. اُن جي هيٺان ميرن ڪپڙن جي پيتي رکيل آهي. ٻاهرئين ڪمري ۾ بجلي جي ڪنيڪشن هئڻ ڪري روشني آهي ليڪن اندرئين ڪمري ۾ بلڪل اونده آهي. گهر جي مالڪ جاءِ کي ڪيترن سالن کان رنگ ناهي ڪرايو ۽ نه ئي ڪرائيندو. ايتري واندڪائي پلا ڪنهن کي آهي. آئون سڄي رات نچان ٿي ۽ ڳايان ٿي ۽ صبح جو انهي ئي گول وهاڻي تي ڪنڌ رکي سمهي پوندي آهيان. بيلا ۽ بتول کي پوئيان وارو ڪمرو ڏيئي ڇڏيو آهي. اڪثر گراهڪ جڏهن منهن ڌوئڻ لاءِ اوڏانهن ويندا آهن ته بيلا ۽ بتول اُنهن کي خوف ڀريل نگاهن سان ڏسڻ لڳنديون آهن. جيڪي ڪجهه اُنهن جون نگاهون چونديون آهن، منهنجو هي خط ٻه اُهوئي ڪجهه چوي ٿو. جيڪڏهن اُهي مون وٽ هن وقت رهيل نه هجن ها ته، هي گنهگاربندي توهان جي خدمت ۾ هي گستاخي قطعي نه ڪري ها. آئون ڄاڻان ٿي ته دنيا مون تي ٿو ٿو ڪندي، سمجهان ٿي ته شايد توهان تائين منهنجو هي خط ٻه الائجي نه. پر پوءِ ٻه مجبور آهيان. هي خط لکي ئي رهنديس، ڇو ته اِها بيلا ۽ بتول جي خواهش آهي.

شايد توهان اِهو اندازو لڳائيندا هوندا ته بيلا ۽ بتول منهنجيون نينگريون آهن. پر نه اِهو غلط آهي. منهنجي انهن مان ڪا ٻه ڌي ناهي. انهن ٻنهي ڇوڪرين کي مون بازار مان خريد ڪيو آهي. جن ڏنهن ۾، هندو مسلم فساد زور تي هو، گرانٽ روڊ، فارس روڊ ۽ مدن پوره ۾ انساني خون پاڻي جيان وهايو پي ويو. اُنهن ڏينهن ۾ بيلا کي مون مسلمان دلال کان ٽي سئو رپين ۾ خريد ڪيو هو. هي مسلمان دلال هن ڇوڪري کي راولپنڊي کان ڪٽي آيو هو جتي بيلا جا ماءُ پيءُ رهندا هئا. بيلا جا ماءُ راولپنڊي ۾ راجا بازار جي پوئيان پونچ هائوس جي سامهون واري گهٽي ۾ رهندا هئا. اُهو هڪ وچيئن طبقي جو گهراڻو هو. شرافت ۽ سادگي هنن جي نس نس ۾ ڀريل هئي. بيلا پنهنجي ماءُ پيءُ جي اڪيلي ڌي هئي. ۽ جڏهن راولپنڊي ۾ مسلمانن هندن کي قتل ڪرڻ شروع ڪيو اُن وقت بيلا چوٿين درجي ۾ پڙهندي هئي. اهو ٻارهن جولائي جو واقعو آهي. بيلا اسڪول مان پڙهي گهر اچي رهي هئي ته، هن پنهنجي گهر جي سامهون ۽ ٻين هندن جي گهرن اڳيان ماڻهن جو وڏو ميڙ ڪنو ٽيل ڏٺو. اُهي هٿيارن سان ليس هئا ۽ هندن جي گهرن کي باهه لڳائي رهيا هئا. اُهي هندن کي اُنهن جي ٻارن کي، عورتن کي گهرن کان ٻاهر ڪڍي قتل ڪري رهيا هئا ۽ گڏوگڏ الله اڪبر جا نعرا ٻه هڻي رهيا هئا. بيلا پنهنجي اکين جي اڳيان پنهنجي پيءُ کي قتل ٿيندي ڏٺو. پوءِ هن پنهنجي اکين جي سامهون پنهنجي ماءُ کي دم ڏيندي ڏٺو. وحشي مسلمانن هن جا ٻبا (اُرهه) ڪٽي اُڇلائي ڇڏيا هئا. اُهي ٻبا جن سان هڪ ماءُ، ڪا ٻه ماءُ، هندو يا مسلمان ماءُ، عيسائي يا يهوديءَ ماءُ پنهنجي ٻار کي کير پياريندي آهي ۽ انسانن جي زندگي ۾ ۽ ڪائنات جي وسعتن ۾ تخليق جو هڪ نئون باب کوليندي آهي. ۽ اُهي کير سان ڀريل ٻبا الله اڪبر جي نعرن جي يلغار سان ڪٽيا ويا. ڪنهن تخليق سان ايڏو

ظلم ڪيو هو؟ ڪهڙي ظالم اوندهہ هنجي روح کي ڪاراڻ ملي هئي؟ مون قرآن پڙهيو آهي ۽ آئون ڄاڻان ٿي تہ راولپنڊي ۾ بيلا جي ماءُ پيءُ سان جيڪو ڪجهہ ٿيو اُهو اسلام نہ هو. اها انسانيت بہ نہ هئي. اها دشمني بہ نہ هئي. اهو انتقام بہ نہ هو. اها هڪ اهڙي بي رحمي، بزدلي ۽ شيطانيت هئي جيڪا تاريخ جي ڇاتي مان ڦٽي ٿي ۽ نور جي آخري ڪرڻي کي بہ داغدار ڪري ويندي آهي.

بيلا هاڻ مون وٽ رهي ٿي. مون کان پهرين هو ڏاڙهي واري مسلمان دلال وٽ هئي. بيلا جي عمر ٻارهن سالن کان مٿي نہ هئي جڏهن هوءَ چوٿين درجي ۾ پڙهندي هئي. پنهنجي گهر ۾ هجي ها تہ هاڻ هوءَ پنجين درجي ۾ داخل ٿي چڪي هجي ها. ۽ پوءِ اڃان وڏي ٿئي ها تہ هن جا ماءُ پيءُ هن جي شادي ڪنهن شريف گهراڻي جي غريب ڇوڪري سان ڪري ڇڏين ها. هوءِ پنهنجو ننڍڙو گهر وسائي ها، پنهنجي مڙس سان، پنهنجن ننڍڙن ٻارڙن سان، پنهنجي گهريلو زندگي جي ننڍين ننڍين خوشين سان. ليڪن هن نازڪ مڪڙي تي بي وقتي خزان اچي وئي. هاڻ بيلا ٻارهن ورهين جي نٿي لڳي. جيتوڻيڪ هن جي عمر ٿوري آهي پر هاڻي هوءِ پوڙهي ڏيکائي ڏي ٿي. هن جي اکين ۾ جيڪو دپ آهي، انسانيت لاءِ جيڪا تلخي آهي موت جي جا اُڃ آهي يا هن جي رڳن ۾ رجندڙ جو خون آهي. قائداعظم صاحب! جيڪڏهن توهان هن کي ڏسي سگهو تہ شايد اُنجو اندازو ڪري سگهو! اُنهن بي آسرا اکين جي گهراين ۾ لهي سگهو! توهان تہ شريف ماڻهو آهيو. توهان شريف گهراڻي جي ڇوڪرين کي ڏٺو هوندو. هندو ڇوڪرين کي، مسلمان ڇوڪرين کي، شايد توهان سمجهي وٺو تہ معصوميت جو ڪو بہ مذهب ناهي ٿيندو. اُها سچي انسانيت جي امانت آهي. سچي دنيا جو ورثو آهي جيڪو اُن کي مٽائي يا ڊاهي ٿو ان کي دنيا جي ڪنهن بہ مذهب جو خدا معاف نٿو ڪري سگهي. بتول ۽ بيلا ٻئي سڳين ڀيڻن جيان مون وٽ رهن ٿيون. بتول ۽ بيلا پاڻ ۾ سڳيون ڀيڻون ناهن. بتول مسلمان ڇوڪري آهي ۽ بيلا هندو گهر ۾ جنم ورتو. اڄ ٻئي فارس روڊ تي هڪ رنڊي جي گهر ۾ رهيل آهن. جيڪڏهن بيلا راولپنڊي کان آئي آهي، تہ بتول وري جالنڌر جي هڪ ڳوٺ کيم ڪرن جي هڪ پٺاڻ جي ڌي آهي. بتول جي پيءَ جون ست ڌيون هيون. ٽي شادي شدهہ ۽ چار ڪنواريون. بتول جو پيءُ کيم ڪرن ۾ هڪ معمولي هاري هو. غريب پٺاڻ پر غيرت مند پٺاڻ، جنهن ديون کان لڏي کيم ڪرن ۾ اچي گهر وسايو هو. جاتن جي ان ڳوٺ ۾ اهي ئي ڪي بہ ٽي گهر پٺاڻن جا هئا. هي ماڻهو جنهن امن ..... آشتي واري ماحول ۾ رهندا هئا، شايد ان جو اندازو پنڊت (نهرو) جي! توهان کي ان حقيقت مان ٿيندو تہ، مسلمان هئڻ جي باوجود بہ هنن ماڻهن کي ڳوٺ ۾ مسجد نهرائڻ جي اجازت نہ هئي. هي ماڻهو گهرن ۾ چپ چاپ نماز ادا ڪندا هئا. صدين کان، جڏهن کان مهاراجا رنجيت سنگهہ حڪومت سنڀالي هئي، ڪنهن مومن هن ڳوٺ ۾ ٻانگ نہ ڏني هئي. هنن جي دل خدا شناسي سان روشن هئي ليڪن دنياوي مجبوريون ڪافي قدر سخت هيون ۽ وري مٿان رواداري جو خيال ايتريقدر تہ غالب هو جو اکر ڪچڻ جي بہ همت نہ ٿيندي هئي، بتول پنهنجي پيءَ جي لاڏلي ڌيءَ هئي. ستن مان سڀني کان ننڍي هئي، سڀني کان پياري، سڀني کان حسين. بتول ايتريقدر حسين آهي جو هٿ لڳائڻ سان بہ ميري ٿي پوندي آهي. پنڊت جي! اوهان خود ڪشميري نسل جا آهيو. فنڪار شناس هئڻ ڪري اهو بہ ڄاڻو ٿا تہ

خوبصورتي ڇاڪي چوندا آهن. اها خوبصورتي اڄ منهنجي گندگي جي ڍير تي اهڙي بي دردي سان ڀيل آهي. جو اُنجي پرک ڪرڻ وارو ڪو شريف ماڻهو مشڪل سان ئي ملندو. هن گندگي جي ڍير تي ڳريل سڙيل مارواڙي، گهاٽين مڇين وارا ٺيڪيدار، ناپاڪ نظرن وارا چور بازاري ۽ ننگ ئي نظر اچن ٿا. بتول صفا اڻ پڙهيل آهي. هن صرف جناح صاحب جو نالو ٻڌو هو. هن پاڪستان کي هڪ وندر جو کيل سمجهي نعرا هنيا هئا. جيئن ٽن چئن سالن جا ٻار گهرن ۾ انقلاب زنده باد جا نعرا هڻندا رهندا آهن. يارهن سالن جي ئي تہ آهي هي اڻ پڙهيل بتول. هوءَ ڪجھ ئي ڏينهن ٿيا آهن، مون وٽ آئي آهي. هڪ هندو دلال هن کي مون وٽ ڪٺي آيو هو. مون هن کي پنج سئو رپين ۾ خريد ڪري ورتو. اُن ڪان پهرين هوءَ ڪٿي هئي، اِهو آئون نٿي چئي سگهان. ها ليڊي ڊاڪٽر مون کي گهڻو ڪجھ چيو آهي تہ، جيڪڏهن توهان هن کي ٻڌي ونو تہ شايد پاڳل ٿي وڃو. بتول بہ هن وقت نيم پاڳل آهي. هن جي پيءُ کي جاٽن اهڙي بيدردي سان ماريو آهي، جو هندو تهذيب جي گذريل ڇهہ هزار سالن جي عظمت جا چوڏا لهي پيا آهن ۽ انساني بربريت پنهنجي وحشي روپ ۾ سيني جي سامهون ظاهر ٿي پئي آهي. پهرين تہ جاٽن هن جي پيءُ جون اکيون ڪڍيون. پوءِ هن جي منهن تي پيشاب ڪيو. پوءِ هن جي پيٽ کي چيري آنڊا ٻاهر ڪڍيا. پوءِ هن جي شادي شده ڏين سان منهن ڪارو ڪيو. اُن وقت پيءُ جي لاش جي سامهون ريحانہ، گل، درخشان، مرجانہ، موهن ۽ بيگم سان زنا ڪري وحشي انسان پنهنجي مندر جي مورتين کي ناپاڪ ڪيو جن اُنهن کي زندگي عطا ڪئي هئي، جن اُنهن کي لوليون ٻڌايون هيون. جن اُنهن جي سامهون شرم، عاجزي ۽ روح جي پاڪيزگي سان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو هو. هنن اُنهن سيني پينرن، مائرن ۽ نُهرن سان سان زنا ڪيو هو. هندو ڌرم پنهنجي عزت وڃائي چڪو هو. پنهنجي رواداري کي ختم ڪري ڇڏيو هو. پنهنجي عظمت مٽائي چڪو هو. اڄ رگ ويد جو هر منتر خاموش هو. اڄ گرنٿ صاحب جو هر دوهو شرمندو هو اڄ گيتا جو هر شلوڪ زخمي ٿي پيو هو. ڪير آهي جيڪو منهنجي سامهون اجنتا جي مصوري جو نالو وٺي سگهي ٿو؟ اشوڪ جا ڪتبا ٻڌائي سگهيو ٿي؟ ايلوراجي راهہ رمندن جاڳڻ ڳائي سگهيو ٿي؟ بتول جا بي وس ۽ لاچار پيٽيل چپ، هن جي ٻانهن تي وحشي درندن جي ڏندن جا نشان، ۽ هن جي ٽنگن جي ناهمواري ۾ تنهنجي اجنتا جو موت آهي! تنهنجي ايلورا جو جنازو آهي! تنهنجي تهذيب جو ڪفن آهي! اڇو! اڇو!! آئون توهان کي اُها خوبصورتي ڏيکاريان، جيڪا ڪڏهن بتول هئي. اُن بدبوءِ دار لاش کي ڏيکاريان، جيڪا اڄ بتول آهي. جذبن جي لهر ۾ وهي آئون ڪجھ گهڻوئي چئي ويس. شايد اهو سڀ ڪجھ مون کي نہ چوڻ گهربو هو. شايد ان ۾ توهان جي گهٽتائي آهي. شايد ان ڪان زياده ناگوار ڳالهيون توهان سان اڄ تائين ڪنهن نہ ڪيون هونديون؟ ۽ نہ ئي ڪڏهن ٻڌايون هونديون؟ ممڪن آهي تہ توهان ان مسئلي ۾ اِهو سڀ ڪجھ نہ ڪري سگهو جيڪو ڪرڻ گهرجي. شايد ٿورو ڪجھ بہ نہ ڪري سگهو پوءِ بہ.... اسان جي ملڪ ۾ آزادي اچي وئي آهي. هندستان ۾ ۽ پاڪستان ۾..... ۽ شايد هڪ طوائف کي بہ پنهنجن رهنمائن ڪان پڇڻ جو اِهو حق ضرور آهي، تہ هاڻ بيلا ۽ بتول جو ڇا ٿيندو؟!.

بيلا ۽ بتول بہ ڇوڪريون آهن. بہ قومون آهن. بہ تهذيبون آهن. بہ مندرءِ مسجد آهن. بيلا ۽ بتول

اڄڪلهه فارس روڊ تي هڪ رنڊي وٽ رهيل آهن. جيڪا چيني حجام جي پاسي ۾ پنهنجي دڪان تي ڌنڌو ڪري ٿي. بيلا ۽ بتول کي اهو ڌنڌو پسند ناهي. مون انهن ٻنهي کي خريد ڪيو آهي. آئون چاهيان ٿو هنن کان مون وارو ڌنڌو ڪرائي سگهان ٿي. پر سوچيان ٿي. آئون اِهو ڪم قطعي ڪو نه ڪنديس جيڪو راولپنڊي ۽ جالنڌر ۾ اُنهن سان ڪيو آهي. مون هنن کي هن وقت تائين فارس روڊ جي دنيا کان الڳ رکيو آهي. پر تڏهن بہ جڏهن منهنجا گراهڪ پوئين ڪمري ۾ وڃي پنهنجا هٿ منهن ڌوئندا آهن تہ اُن وقت بيلا ۽ بتول خوف سان ڀريل نگاهون مون کي ڪجهہ چوڻ چاهينديون آهن. مون ۾ انهن نگاهن جي تاب کي روڪي سگهڻ جي سگهہ ناهي. آئون نيڪ طرح سان اُنهن جو پيغام بہ اوهان تائين پهچائي نٿي سگهان. توهان چو نہ پاڻ انهن نگاهن جو پيغام پڙهائي وٺو. پنڊت جي! آئون چاهيان ٿي تہ توهان بتول کي پنهنجي ڌي ناهيو. جناح صاحب! آئون چاهيان ٿي تہ توهان بيلا کي پنهنجي لاڏلي ڌي ڪري سمجهو. هڪ دفعو هنن کي فارس روڊ جي جهنگل مان ڇڏائي پنهنجن گهرن ۾ رکو ۽ اُنهن لکين روحن جو نوحو ٻڌو, جيڪو ڪيم ڪرن کان راولپنڊي تائين ۽ پرت پور کان بمبئي تائين گونجي رهيو آهي. ڇا ان آواز جي گونج گورنمينٽ هائوس ۾ ڪو نہ ٿي پهچي؟ ڇاهي آواز اوهين ٻڌڻ چاهيندا!؟

توهانجي گهڻگهري

فارس روڊ جي هڪ طوائف

# سيٺ صاحب

**سيٺ** صاحب جا چپ ڪافي وڏا هئا. هن جو نڪ ڏگهو ۽ ٽيڏو هو ۽ اکين مان شرلاڪ جهڙي مڪاري ظاهر ٿي رهي هئي. آئون جڏهن هن جي دفتر ۾ پهتس ته هو هڪدم ڪرسيءَ تان اٿي ڪڙو ٿيو ۽ انتهائي پرجوش انداز ۾ هٿ ملائيندي چوڻ لڳو "ها ها پلي آيا! اڙي پائي ڪشن آيو آهي، هن لاءِ ڪرسي اندر موڪليو."

نوڪر ڪرسي کڻي آيو. مون سيٺ جي مسڪرائيندڙ چهري ڏانهن ڏٺو. هن جو چهرو ايئن لڳي رهيو هو ڄڻ ڪنهن اُن تي بناسپتي گيهه جو ڏٻو هاري ڇڏيو هجي ۽ اها مسڪراهٽ ڄڻ ان نقلي گيهه مان تر جي نڪتي هجي. سيٺ صاحب پنهنجا پيلا ڏند ڪڍي هٿن جي ترين کي مهٽيو ۽ پنهنجي ٻي تڪي ڪِل جيڪا ڪنهن شيطاني گهوڙي جي هڻڪار جيان لڳي ٿي، ڪان ڪم وٺندي چيو "اڙي واه واه، ڏن ڏن ڀاڳ اسان جا جو ڪشن جي آيو آهي. مون هرچند پائي کي چيو هو ته ڪشن جي ڪڏهن ملي ته اسان وٽ موڪلجانس. اڙي پائي ٻن لکن جي ٻه ڪا ڳالهه آهي. تنهنجيِ اها ضرورت تون جڏهن چاهين ها آئو پوري ڪري سگهيس ٿي. پر اسان ۾ تو پاڻ ۾ ملڻ ئي ڇڏي ڏنو".

مون چيو "سيٺ صاحب! آئون اج ڪان ڇهه مهينا پهرين انهي ڪم سان توهان وٽ حاضر ٿيو هوس، پر توهان ايترا چڪرا هڻايا جو منهنجي جتي جا جوراب ٻه گسي ويا."

"ها ها ها!" سيٺ ٺهڪ ڏيندي چيو "تون ڏاڍو خوش مزاق ٿو ڏسجين. جتي جا جوراب ٻه گسي ويا، ها ها ها! اهڙو ڀوڳ ته اسان ڪنهن فلم ۾ به نه ٻڌو. ان کي لکي وٺجان، تنهنجو قسم اهو فلم ۾ ڏاڍو مقبول ٿيندو. ها ها ها!"

ڪلندي ڪلندي سيٺ صاحب جون اکيون بند ٿي ويون ۽ هن جو پيٽ هيٺ مٿي ٿيڻ لڳو. جڏهن سيٺ صاحب خوب کلي چڪو ته گهنٽي وڄائيندي چيائين، "ڪجهه پيئندين؟ ڪو ٿڌو شدو؟"

"ها ٿڌي سوڍا ۾ وسڪي هلندي".

ان ڪانپوءِ سيٺ وري کلڻ لڳو. هڪڙو چوڪرو گهنٽي جي آواز تي اندر آيو ۽ پنهنجي ٿلهي متاري سيٺ جي پيٽ ۾ کلڻ جي ڪري اُٿيل لهرون ڏسي ادب سان خاموش بيهه رهيو. جڏهن هي طوفان ماٺو ٿيو ته سيٺ چوڪري کي چيو "ٻه سنيون ومٽو جون بوتلون کڻي اچ." جڏهن چوڪرو هليو ويو ته هو منهنجي طرف جهڪي مونکي ڏسڻ لڳو. "آئون چاهيان ٿو ته تون مونکا سوا ٻه جي بدران اڌائي لک رپيا وٺ، پر فلم اهڙي هجي جيڪا بلڪل ڪلاسيڪل هجي".

مون چيو "ڪلاسيڪل مان توهان جو ڇا مطلب آهي؟ شايد ڪلاسيڪل ميوزڪ آهي؟ ڏاڍو سٺو. آئون دليپ چند ويدي کي عرض ڪندس ته هو ان جو ذمو کڻي."

“نہ نہ!.” سيٺ صاحب چيو. “تو منهنجو مطلب غلط سمجهيو. توُن هڪ اهڙي فلم ٺاهہ جيڪا ڪلاسيڪل هجي، يعني جنهن جو مثال دنيا ۾ نہ هجي. توُن منهنجي ڳالهہ جو مطلب سمجهي وئين نہ؟ منهنجو مطلب هڪدم صحيح سمجهيئي نہ”؟

“سمجهي ويس” مون چيو پر “پر اهڙي فلم هندستان ۾ ڏسندو ڪير؟ ڏسو! ان ڪان پهرين بہ اسين ٽي چار ڀيرا اهڙا تجربا ڪري چڪا آهيون. هڪ تہ اها بنگال جي ڏڪار جي باري ۾ فلم “تصوير” هئي. ملڪ ۽ ملڪ ڪان ٻاهر وڏن وڏن اڪابرن اها فلم ڏٺي ۽ وڏيون تعريفون ڪيون. روس ۽ آمريڪا جي تنقيد نگارن بہ ان کي ساراهيو پر هتي ڪنهن بہ سئنيما ۾ ٽن يا چئن هفتن ڪان مٿي نہ هلي. توهان اهڙي ئي تصوير جهڙي تي فلم چاهيو ٿا نہ؟”

“نہ نہ” اهڙي فلم کي پاڻ ڇا ڪنداسين؟”.

مون چيو “ تہ پوءِ هڪ پڪچر اها هئي جنهن م غريبي ۽ اميري جو تضاد ڏيکاريو ويو هو. اداڪارن نهايت ئي خوبصورت طريقي سان پنهنجو ڪم سر انجام ڏنو هو. ڊائريڪٽر بہ وڏي محنت سان اها فلم ٺاهي هئي. ٺهي تہ ڪٽي هندستان ۾ هئي، پر جڏهن فرانس ۾ انهيءَ جي نمائش ڪئي وئي، تہ اتي جي تبصري نگارن ان کي سال جي بهترين فلم قرار ڏنو. پر هندستان ۾ اڃا تائين اها فلم ڏٻن ۾ بند آهي. توهان چاهيو ٿا تہ آئون......”

“اباڙي! مون ڇا توکي اهڙي پڪچر لاءِ چيو آهي؟ توکان آئون ڪجهہ ٻيو.....”

مون چيو “ تہ پوءِ توهان شايد اها ٽين قسم جي پڪچر چاهيو ٿا، جنهن ۾ گانا ۽ ڊانس عوامي مزاج جا هئا پر ان جي ڪهاڻي رياستي جاگيردارن جي خلاف هئي. جنهن ڪري انهيءَ جي نمائش ڪيترين ئي رياستن ۾ قانون جي خلاف قرار ڏني وئي، ۽ ڊسٽريبيوٽر اڄ تائين ان فلم ٺاهڻ واري کي ڏوراپا ڏيئي رهيا آهن. پر فلم ڏاڍي چڱي موچاري هئي. رياست جي ويچاري عوام جي عڪاسي.”

سيٺ گهبرائيندي چيو “پاڻ کي ڪلاسيڪل ڪلاسيڪل ڪجهہ نہ کپي. پاڻ کي فقط سادي سودي پڪچر کپي.”

مون ڳالهہ ڪٽيندي چيو “تہ پوءِ هڪ اها پڪچر هئي، بلڪل سادي سودي، محبت جي ڪهاڻي هئي، پر هن جو موضوع هو “زمين هارين ۾ ورهائي ڇڏيو”. پڪچر تي ڏهہ دفعا سنسر ٿي. آخر ۾ نہ زمين هارين وٽ رهي ۽ نہ هاري رهيا. ٺهي محبت جي ڪهاڻي بڻجي رهجي وئي، بس ماکي لڳائي چٽڻ لاءِ.”

سيٺ چيو “نہ بابا! مون توبهہ ڪئي اهڙي فلم کان. پاڻ کي اهڙي فلم نہ گهرجي. اُن لاءِ تہ آئون هڪ ڪوڙي بہ نہ ڏيندس. آئون تہ اهڙي ڪلاسيڪل پڪچر چاهيان ٿو جيئن ڪڙڪي، سنتوشي، شهنائي!”

مون چيو “ڪڙڪي ۽ شهنائي تہ فلمون آهن پر سنتوشي نالي سان ڪا بہ فلم ناهي ۽ اهو ڪڙڪي ۽ شهنائي فلم جي ڊائريڪٽر صاحب جو نالو آهي. نالو تہ سٺو آهي پر اهو نالو رکڻ تي سنتوشي صاحب توهان تي ڏهہ لک هرجاڻي جي دعويٰ داخل ڪري ڇڏيندو.”

“ٺيڪ آهي”. سيٺ صاحب ڪرسي تي پاسو ورايو ۽ پوءِ وري سڌو ٿي ڪرسي تي سوڙهو ٿي ويهي رهيو ڄڻ هن جي دنيا ۾ اوندهه ڇانئجي وئي هجي.

مون چيو “سنتوشي ته نه پر بيهوشي نالو ڪيئن رهندو؟”

سيٺ صاحب ڪرسيءَ تان ٽپ ڏئي اٿيو ۽ تمام زور سان هٿ ملائيندي چيائين. “واه ڪشن واه! ڇا ته نالو سوچيو اٿئي!! بيهوشي تمام سٺو نالو آهي”.

مون چيو “۽ فلم ۾ جيترا ڪردار آهن سڀ بيهوش ٿي وڃن ٿا. هيرو, هيروئن, سائڊ هيرو, سائڊ ولن... سڀ هڪڙو گانو ڳائن ٿا ۽ ڳائيندي ڳائيندي بي هوش ٿي وڃن ٿا. ڇا خيال آهي سيٺ صاحب؟”

ڪشن ڪمال ڪري ڇڏيئي. پر تون ڪيترا گانا رکندين؟

“ٽيهه گانا رکندس. ڪردار گهٽا هوندا نه. ۽ وري هر گاني ڪانپوءِ بي هوشي ٿيندي. ڄڻ هر پيري نئون ڊرامو پيدا ٿيندو. آئون سمجهان ٿو ته سيٺ پڪچر لڳندي ئي سموري خلقت بيهوش ٿي ويندي.”

“واه, واه !” سيٺ صاحب خوشيءَ مان هٿ ملائيندي چيو “ڇا ته خيال آهي, هڪدم بلڪل نئون. آئون هاڻي ئي ان لاءِ اوپيرا هائوس بڪ ڪرايان ٿو”.

مون چيو “هائوس ته سٺو آهي پر عوام جي بيهوشي لاءِ ٿورو ننڍو ٿيندو. ڪو وڏو هال وٺي لاهيو ۽ ان مان ڪرسيون هٽرائي ڇڏيو ته جيئن ماڻهو پڪچر ڏسندا وڃن ۽ بيهوش ٿيندا پٽ تي ڪرندا وڃن. ڏسجو سيٺ صاحب ته اها ڪيئن نه باڪس آفيس پڪچر ٿي بڻجي. چڱو سيٺ صاحب! هاڻي چيڪ ڪٽيو”.

“چيڪ ته ڪڏهن ٿو پر ان ۾ منهنجو به حصو ٿيندو. پڪچر به گروي رکندس ۽ ان مٿان وياج ۽ رائيلٽي به وٺندس”

مون چيو “مونکي سڀ منظور آهي”

سيٺ چيو “هڪ ٻيو به شرط آهي. هن پڪچر ۾ منهنجو نالو آهي انهي ڪري آئون نٿو چاهيان ته پڪچر جي وچ ۾ ڪا شرارت هجي ۽ اسان جو نالو بدنام ٿئي”.

“اهو ڪيئن ٿيندو؟” مون پڇيو.

“بس اهو ته اسٽوڊيو جي اندر ڪير به شراب نه پيئندو. ڪو به سگريٽ نه پيئندو. ڪو به ڇوڪرين ڏانهن بري نظر سان نه ڏسندو”.

مون چيو “اهو سڀ ٺيڪ آهي, مونکي منظور آهي, پر شراب لاءِ ٿورڙي اها مشڪل اهي ته منهنجي خيال ۾ ڪير هڪ اڌ پيگ پي اچي ته ان کي ڪيئن روڪي سگهجي ٿو؟ هڪ اڌ پيگ ته ڊاڪٽر به بيمار ماڻهو کي زبردستي پياري ڇڏيندو آهي”.

سيٺ چيو “ اڙي! هڪ اڌ پيگ جي ڪا ڳالهه ناهي. اهو ته ٺيڪ آهي. خير! ڇڏينس ڪٽي. آئون چيڪ لکان ٿو”.

سيٺ چيڪ لکڻ لڳو. مون کنگهندي چيو “۽ سگريٽ ڪان ته خود مونکي به وحشت ٿيندي آهي.

يعني هر وقت وات مان تماڪ جي بوءِ پئي ايندي آهي جيئن هن وقت توهان جي وات مان بصر جي بوءِ اچي رهي آهي ....”

سيٺ هڪدم ڇرڪندي چيو ”ڇا منهنجي وات مان بصر جي بوءِ اچي رهي آهي....؟“.

سيٺ غصي مان گهنٽي وڄائي. نوڪر اندر آيو. سيٺ نوڪر کي ڪلونت کي سڏڻ جو چيو. ڪلونت آيو ته سيٺ ان تي ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويو. ”بدمعاش! تو ٻڌايو ڇو ڪو نه. اڄ ٻوڙ ۾ ايڏو بصر جو داڳ پچايو هيئي جو وات مان بصر جي بوءِ پئي اچي. نا لائق ڏهن سالن کان اسان وٽ ڪم پيو ڪرين ۽ توکي اها به خبر ناهي ته ٻن پهرن جي ماني ۾ آئون بصر ڪونه کائيندو آهيان. جهنگلي گڏهه تري وڃ منهنجي اکين تان. منشي کان پنهنجو حساب چڪتو ڪري هليو وڃ“.

ڪلونت ڪنڌ جهڪائي هليو ويو.

مون چيو ”ڳالهه بصرن جي نه پر سگريٽن جي ٿي رهي هئي، اصل ۾ سگريٽ پيئڻ تمام خراب ڳالهه آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن اسٽوڊيو ۾. جڏهن آڌي رات تائين ڪم ڪرڻو پوندو آهي، ته اعصابي ٿڪاوٽ ٿي پوندي آهي. انهي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن سگريٽ پيئڻ تمام ضروري هوندو آهي“.

سيٺ چيو ” نه نه. آئون ان حالت ۾ سگريٽ پيئڻ جي ٿوروئي منع ڪري سگهان ٿو“

”باقي رهي ڇوڪرين جي ڳالهه“. مون چيو ”ظاهر آهي ته ڪنهن شريف ماڻهو کي ان ڳالهه تي ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو. ڇوڪري کي بري نظر سان ڏسڻ تمام خراب آهي. پر توهان ڄاڻو ٿا ته سچي محبت کي ڪير به روڪي نٿو سگهي. جتي عورت ۽ مرد گڏ هوندا اتي سچي محبت به لازمي ٿيندي. اڄ تائين فلم انڊسٽري ۾ هزارين نالي وارن پروڊيوسرن کان وٺي معمولي قسم جي فالتو ماڻهو تائين، محبت ۾ ونجي چڪا آهن. اهڙا ماڻهو به آهن، جن ٻن ٻن شادين ڪانپوءِ به سچي محبت ڪئي آهي. ڀلا ان عمل کي ڪئين روڪي سگهجي ٿو؟“.

سيٺ صاحب چيو. سچي محبت لاءِ آئون ڪڏهن چوان ٿو ته ان جي منع ڪريو. آئون خود ان جهنجهٽ ۾ هڪ دفعو ڦاسي پيو هوس.

مون اک ڀڃندي چيو. ”سچي پچي سي صاحب!؟ مون کي ته يقين نٿو اچي“.

”قسم ڪٽائي وٺ ڪشن جي! تنهنجي سرجو قسم جي ڪوڙ ڳالهايان ”هوءِ هائي مين مر گئي“ فلم جي هيروئن نه. رام تنهنجو ڀلو ڪري هيروئن سان گڏ ٻي ڪهڙي ڇوڪري هئي؟“

”جوڳيشوري“

”ها، ها، جوڳيشوري سان اسان جو پيار ٿي ويو. قصو وڌندي وڌندي به ٿي بار به ٿي ويا. هاڻ هوءِ ڪولابي ۾ رهي ٿي. آئون هن کي خرچو پاڻي سپ ٽائيم سان ڏيندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن ڪولابي ويندو آهيان. تون مونکا ڀلي قسم وٺ. بلڪل پنهنجي زال جيان لڳندي آهي. ڀلا اهڙي پيار جي ڪير منع ڪري ٿو....؟ آئون اهو ٿوروئي ٿو چوان ته صفا ڪميونسٽ ٿي وڃو.“

”ها ها، بلڪل نيڪ“. مون چيو ”توهان جو اهو مطلب ٿوروئي ٿي سگهي ٿو“.

سيٺ صاحب چيڪ آڱرين ۾ گھمائيندي چيو ڪشن جي! هي آئون ڇا پيو ٻڌان ته ڪميونسٽن چين تي قبضو ڪري ورتو آهي".

"جي ها"

"۽ هتي ملايا ۾ به انهن بدمعاشي شروع ڪئي آهي".

"ٻڌون ته اهو ئي ٿا."

"اڄ صبح جو مون خبر پڙهي ته رنگون کان ڏهه ميل پري جنگ پئي هلي. اتي به اهو ڦڏو ۽ فساد هلي رهيو آهي. صحيح آهي ڇا؟"

مون چيو "توهان صحيح پڙهيو آهي".

سيٺ صاحب چيڪ آڱرين ۾ گھمائيندي گھڙي پل لاءِ رڪجي ويو. هن نهايت غور سان چيڪ ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ مون ڏانهن منهنجي ۽ چيڪ جي وچ ۾ فقط ڇهن انچن جو مفاصلو هو. سيٺ صاحب هڪ ٿڌو ساهه کنيو ۽ آهستي چيڪ کي ڦاڙيندي چيو "ڪشن جي! هاڻي اسان جو واپار نه هلندو. هينئر هي سودي ڪرڻ جو وقت ناهي".

❋❋❋

# مڇيءَ جو ڄار

**ڳوٺ** ۾ ننڍ ستل هو. پوري رنگ جا مڇي ڦاسائڻ جا ڄار، اُس ۾ سڪائڻ لاءِ وڻن جي ٽارين تي ڦهلايل هئا ۽ انهن جي شطرنجي ڇانو ۾، پوڙها مهاڻا ستل هئا. ڪناري تي واري ۾ ڪوڙيل اڇي رنگ جو جهنڊو، هوا ۾ ڦڙڪي رهيو هو. مٿي واري جي پيٽ تي ناريل جو وڻ هو، جنهن جي پرسان هڪ ڳڙهه خاموش بيٺل نظر اچي رهيو هو. ان کان پري ناريل جي وڻن جو هڪ ڊگهو سلسلو هو، جيڪو ڳوٺ تائين ڦهليل هو، جنهن مهاڻن جي ڇپرن کي نظرن کان اوجهل ڪري ڇڏيو هو.

هن ڪناري جي واري ڪيتري قدر نه خشڪ ۽ نرم هئي. ڪناري کان جيترو پري وڃو واري گرم ۽ سخت محسوس ٿي ٿِي. واري جي دڙن جي ڪناري، جتي سامونڊي ڳجي سڪي وئي هئي، ننڍين سپن ۽ ڪوڏين جا دير لڳل هئا. واري تي هلندي پيرن مان نرم ۽ نازڪ شيشي جي ٽٽڻ جو آواز پيدا ٿيو ٿي ۽ پيرن ۾ عجيب لذت سان ڀريل ڪتڪتائي محسوس ٿي ٿِي. گل ڪافي دير تائين دڙن جا ڪنارا وٺي هلندو رهيو ۽ هلندي هلندي خوبصورت سپيون، ڪوڏيون ۽ سنک جمع ڪندو رهيو. سمنڊ جو ڪنارو اڌ گول جي شڪل ۾ ڪافي پري تائين ڦهليل هو. ان اڌ گول دائري جي هڪ ڇيڙي تي ئي هنن جو ڳوٺ هو ۽ ٻئي ڇيڙي تي هن جو پنهنجو ڳوٺ هو ۽ وچ ۾ هي ٽٽل ڦٽل ساموندي ڪنارو هو، جيڪو ننڍن وڏن دڙن تي مشتمل هو. گل هلندي هلندي هڪدم بيهي رهيو. هڪ وڏي دڙي جي اوٽ ۾ هڪ پيڙي اونڌي پيل هئي ۽ ان جي ويجهو هڪ ڇوڪري اونڌي منهن ليٽيل هئي. گل هن کي ننهن کان چوٽي تائين ڏٺو. هن ان ڇوڪري جا ننڍڙا ننڍڙا پير ڳاڙهي مهندي ۾ رڇيل ڏٺا. هن اُن کي ڦهريل بجلي جيان چمڪندڙ ڪاري وڳي تي هڪ وڏو گل لڳل ڏٺو. جنهن جي رنگت بلڪل سون جهڙي هئي. هن جو هڪڙو هٿ ڪنڌ جي هيٺان ۽ ٻيو هٿ واري تي اهليل هو. گل هن جي ٻانهن ۾ پاتل چوڙيون ڳڻيون. گهاٽي ڳاڙهي رنگ جون شيشي جون ست چوڙيون هيون. پر هاڻي هنڪي سندس ڪرائي ڏاڍي خوبصورت لڳي. پوءِ هن جي نظر سندس ڳلن تي ستل ڇپرن جي سونهن کي پسيو. هن انهن ننڍين ناسن کي ڏٺو جيڪي ساهه جي لهرن سان نازڪ سپين جيان هلي رهيون هيون ۽ پوءِ هن ان جي هٿ کي ڏٺو جيڪو هن جي طرف ڦهليل ڪناري جي واري تي اهليل هو. ۽ پوءِ هن جي نظر هن جي ڪرائي تي پئي جنهن ۾ ست چوڙيون پاتل هيون ۽ پوءِ هوا اتي ئي واري ۾ هن جي ويجهو ويهي رهيو ۽ شيشي جي چوڙين کي الڳ الڳ ڪرڻ لڳو.

“پري هٽ مونکي سمهڻ ڏي.” ڇوڪري انهيءَ ئي طرح ليٽيل حالت ۾ بنا ڪجهه چرڻ ڦرڻ جي چيو ۽ گل هڪ پل لاءِ ڇرڪ ڀري اٿي ويٺو. هن جو خيال هو ته ڇوڪري ستي پئي آهي.

“تون ڪيتري وقت کان هتي آهين؟ مون سوچيو ته تون مونکي ڏسي واپس هليو ويندين. مونکي ڏسي ورتئي. هاڻ ته هليو وڃ. مونکي ننڊ لڳي آهي. ڏس ڪيتري نه سٺي اُس آهي. اف...اف”. ڇوڪري

هاڻ پنهنجون ٻانهون واري تي ٿهلائي چڙيون ۾ خوب ڏٺي سمهي رهي.

گل هن جي وڳي ۾ سجيل سونهري گل کي ڏٺو ۽ پوءِ شيشي جون چوڙيون ڇڻ ڇڻ لڳو. جڏهن پوريون ست ئي ڇٽي چڪو تہ هن آهستي آهستي هن جي وڳي تان گل لاهي ڪٽي ورتو.

ڇوڪري ساڳي حالت ۾ ليٽندي چيو "تون اجا تائين ويو ناهين؟"

گل چيو "آئون تنهنجي لاءِ شفق جو گل ڪٽي آيو آهيان".

ڇوڪري ڇرڪي اٿي ويهي رهي. بي اختيار هن جو هٿ پنهنجي وڳي ڏانهن وڌيو. گل جو خيال صحيح نڪتو. ڇوڪري تمام گهڻي خوبصورت هئي.

ڇوڪري چيو "هيڏي! منهنجو گل مونکي واپس ڪر".

گل، شفق جي گل کي هن جي ويجهو ڪيو.

ڇوڪري هٿ اڳيان وڌايو.

گل هٿ پويان ڪندي چيو "ايئن نہ. آئون پاڻ تنهنجي وڳي ۾ لڳائيندس".

"نہ". ڇوڪريءَ ڏاڍو سختيءَ سان چيو.

"نہ؟ تہ پوءِ ٺيڪ. هاڻ آئون وڃان ٿو. خدا حافظ".

گل شفق جو گل پنهنجي هٿ ۾ لوڏيندو بہ قدم اڳتي ويو.

ڇوڪري چيو "ٺيڪ آهي، هلي آ".

هوءِ پنهنجي وڳي ۾ گل لڳرائڻ لاءِ بت جيان آڪڙجي ويهي رهي. ان سان هن جي ڇاتي جو اُڀار اڃا بہ وڌيڪ ظاهر ٿي پيو ۽ هنجي چيل جا پيچ اڃا بہ وڌيڪ اُڀري آيا. گل سوچيو هن ڇوڪري کان نالو ضرور پڇڻ گهرجي. هن وڳي ۾ گل لڳائيندي چيو "تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

"اسان کي خبر ناهي؟"

"ڇو خبر ڪونهي؟"

"آئون ڪو نہ ٻڌائيندس".

"ڇو ڪو نہ ٻڌائيندينءَ؟"

ڇوڪري ڪاوڙ مان پنهنجا هٿ ڇاتيءَ تي رکندي چيو "هاڻ تون هتان هليو وڃ، هي سامهون دڙي تي منهنجو گهر آهي. هاڻي جي رڙيون ڪنديس تہ ايترا ماڻهو گڏ ٿي ويندا ۽ پوءِ تنهنجي جسم تي گوشت جو هڪ ٽڪرو بہ نہ رهندو. هي تنهنجو جسم جيڪو هن وقت سمنڊ جي مڇي جيان پاليل نظر اچي ٿو ان ۾ پوءِ فقط مڇي جو ڪنڊو ئي وڃي رهندو".

شفق جو گل وڳي ۾ جڇجي بيٺو.

ڇوڪري کلندي چيو "پر مونکي اها خبر ناهي تہ تنهنجي اندر اهو مڇي جو ڪنڊو آهي بہ يا نہ؟ بغير ڪنڊن جي بہ تہ مڇيون هونديون آهن".

گل هڪدم هن کي پنهنجي مضبوط ٻاڪرن ۾ ڀري ورتو. ڇوڪري تڙپي، اڇلون ڪاڏيون ۽ هن جو

هٿ زور سان گل جي ڳل تي لڳو. گل هڪدم هڪ هٿ ڇوڪري جي وات تي رکي ڇڏيو ۽ هو ٻئي پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا. ڇوڪري هن جي جڪڙ مان آزاد ٿيڻ چاهيو ٿي ۽ زور سان رڙيون ڪرڻ چاهيون ٿي، پر گل جي جڪڙ ڏاڍي مضبوطي هئي ۽ هن جو ٻيو هٿ هن جي وات تي مضبوطي سان ڄميل هو. گل ڄاتو ٿي ته. جيڪڏهن هن ڇوڪري کي رڙيون ڪرڻ جو موقعو ڏنو ته سندس خير ناهي. هڪدم هن کي محسوس ٿيو ته ڇوڪري هن جي جڪڙ مان نڪري رهي آهي. هوءَ پنهنجي ٻنهي ٻانهن سان وڙهي رهي هئي ۽ گل فقط هڪ ٻانهن ڪان ڪم وٺي رهيو هو ۽ اهي ٻئي ايئن وڙهندا جهڳڙندا ٻيڙيءَ جي ويجهو پهچي ويا.

ڇوڪري زور لڳائي گل جو هڪ هٿ موڙي ورتو. هاڻ هڪ طرف ٻيڙي هئي، گل اوڏانهن منهن موڙي نه ٿي سگهيو ۽ ٻئي طرف دڙو هو ۽ هاڻ گل ٻنهي جي وچ ۾ ڦاسي چڪو هو. ڇوڪري ڦُڙتيءَ سان پنهنجو منهن ڇڏائي ورتو ۽ چيو. "هاڻ ٻڌائي؟" هن گل جي منهن تي مڪون به وهائي ڪڍيون. گل تڙپندي پنهنجي مڙيل هٿ تي زور ڏئي جو اٿيو ته ان ۾ ٻيڙي جو ڪو ڪو زور سان اندر هليو ويو. پر هن ڪلندي پاسو ورائي ورتو. هاڻي ڇوڪري واري تي ڪري پئي ۽ هن جون ٻئي ٻانهون گل جي پڪڙ ۾ هيون ۽ گل هن جي ڇپن کي پنهنجي ڇپن جي بلڪل ويجهو آڻيندي چيو "هاڻي چئو؟"

ڇوڪريءَ جا چپ ايئن ٿرڪي رهيا هئا، جيئن مڇي تانگي پاڻي ۾ تڙپندي آهي. هن پنهنجا چپ هن جي ڇپن سان ملائي ڇڏيا. هڪ واري محسوس ٿيو ته مڇي گهري پاڻي ۾ پهچي وئي آهي جتي بلڪل سڪون آهي، امن آهي ۽ آرام آهي. ۽ اهي ٻئي گهري سائي پاڻي ۾ هڪ ٻئي سان جل پرين جيان ڇهڻي، اکيون بند ڪري، ڇپن سان چپ ملائيندي تري رهيا آهن ۽ انهن جي آسپاس خوبصورت سونهري مڇيون گهمي رهيون آهن ۽ مونگي جي خوشي نما پاڻي جي ٻيٽن ۾ اسفنج حيرت مان اکيون کولي انهن کي ڏسي رهيا آهن ۽ پاڻي وارن ٻوٽن جون ريشمي تاريون آهستي آهستي خوشي مان جهولي رهيون آهن ۽ انهن جا جسم خود به خود لڏندا ڪڏندا سرسبز پنن جا جهولا جهلندي، ريشمي تارين کي ڇهندا، ترندي ترندي انهن خوش رنگ محلن جي طرف وڃي رهيا آهن، جتي سپين ۾ خوبصورت موتي رهن ٿا ۽ رنگ برنگي گهونگها ۽ سنک پنهنجي سنگ مر مر جهڙن دروازن مان جهاتي پائي ڏسن ٿا ۽ ڏور سمنڊ جي مٿان لڳل روشندانن مان نيرا نيرا مدهم ڪرڻا جرڪندا ۽ جهومندا اُنهن جي آجيان لاءِ اچي رهيا آهن.

ڇوڪري اونهون ساهه کنيو ۽ هن جي هٿ جون منيون پنهنجو پاڻ کلنديون ويون.

گل پڇيو "تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

"مهر." ڇوڪري نهايت آهستي وراڻيو.

"منهنجو نالو گل آهي." هن آهستي چيو.

"گل؟..... گل ؟" ڇوڪري جا ٿڙڪندڙ چپ وڏيڪ ٿڙڪڻ لڳا "گل مهر"

"نه مهر گل!" گل جواب ڏنو ۽ ڇوڪري کي هٿ ڏئي اٿاريو.

"تون ڇا ڪندو آهين؟" ڇوڪري پڇيو.

"آئون سامهون واري ڳوٺ ۾ رهندو آهيان ۽ ترو تيار ڪندو آهيان". گل وراڻيو.

“نرو ڇا هوندو آهي؟”

گل چيو “ نرو هڪ قسم جو شراب هوندو آهي, بلڪل ايئن جيئن تنهنجي چپن ۾... نرم گرم, پاڪ پويتر, لطيف چاشني سان ڀرپور.....

مهر ڳالهه ڪٽيندي چيو “جيڪڏهن تو ڪا شرارت ڪئي تہ آئون سچ پچ ڳوٺ وارن کي سڏي وٺنديس”.

گل ڪليو ۽ چوڻ لڳو “مونکي سڀ خبر آهي ڳوٺ وارا آهن ڪٿي؟ اهي سڀ مڇيون پڪڙڻ لاءِ نڪري ويا آهن.”

مهر چيو “تون نرو ڇو ناهيندو آهين؟ مڇيون ڇو نٿو جهلين؟”

گل چيو “ آئون نرو تيار ڪندو آهيان. مهاڻا مڇيون پڪڙيندا آهن ۽ پوءِ هڪ ئي جاءِ تي ماني جي دسترخوان تي اهي ٻئي شيون گڏ رکيون وينديون آهن. مڇي ۽ شراب... گل ۽ مهر”

مهر ٿورڙو پري سِرڪي, “ڏس! آئون توکي چوان ٿي منهنجي ويجهو نہ اچ. توکي خبر ناهي تہ آئون ڪيتري خطرناڪ ڇوڪري آهيان”.

“ڪيتري خطر ناڪ؟” گل پڇيو.

“منهنجي ڪري هن وقت تائين ٽي خون ٿي چڪا آهن.” مهر چيو

“تہ هاڻ چوٿين جي تياري سمجهہ.” گل وراڻيو.

مهر چيو “ماڻهو چون ٿا تہ آئون دنيا جي سڀ کان وڌيڪ خوبصورت ڇوڪري آهيان”.

گل چيو “هر ڳوٺ ۾ هڪ اهڙي ڇوڪري هوندي آهي, جيڪا دنيا جي سڀ کان وڌيڪ خوبصورت ڇوڪري هوندي آهي ۽ ڇوڪري جڏهن پهريئين پيري آرس پيجي ٿي تہ اها دنيا جي خوبصورت عورت بڻجي ويندي آهي پر خوبصورتي ۾ منهنجي محبوبہ جو ڪو جواب ناهي”.

“اها ڪير آهي؟” مهر اکين ۾ چمڪ آڻيندي پڇيو.

“نرو” گل کلندي چيو.

“تنهن جو ڏنڊو صحيح ناهي, ان کي ڇڏي ڏي” مهر چيو.

“ تہ پوءِ ڇا ڪريان؟”

“مڇيون پڪڙيندو ڪر.”

گل مهر جي ڇيلهہ ۾ هٿ وڌو.

“هي ڇا ٿو ڪرين؟” مهر گل جو هٿ جهليندي چيو.

“مڇيون ٿو جهليان”

مهر کلڻ لڳي. کلندي کلندي چوڻ لڳي, “آئون ڪهڙي مصيبت ۾ ڦاسي ويس, منهنجو مڱيندو هن وقت مونکي ڏسي وٺي تہ نپ ماري وجهي”.

“تنهنجو مڱيندو بہ آهي؟”

“ها، ان جو نالو عبدل آهي”.

“ڇا عبدل خوفناڪ قسم جو ماڻهو آهي؟”

“ها! سڄي ڳوٺ ۾ هن جهڙو ڦڙتيلو جوان ناهي....” مهر گل ڏانهن ڏسندي رشڪ مان چيو. “پر هو تو وانگر خوبصورت ناهي.” ايترو چئي مهر گل جي وارن ۾ واري جا ٻڪ ڀري وڌا. گل واري ڇنڊيندي چوڻ لڳو.

“آئون عبدل سان ملڻ چاهيان ٿو”

“هو توکي ماري ڇڏيندو.” مهر وراڻيو.

“انهيءَ لاءِ ئي ته ملڻ چاهيان ٿو!” گل جواب ڏنو.

“آئون چاڻان ٿي ته تون هن سان ملڻ کان سواءِ نه رهندين ۽ پوءِ تنهنجو لاش گهري سمنڊ ۾ مڇيون کائينديون”. مهر چيو.

گل ڪو به جواب نه ڏنو. هن پنهنجا پير واري ۾ ڊڪي ڇڏيا ۽ خالي سپيون ۽ ڪوڏيون گڏ ڪري گهر ناهڻ لڳو. ۽ مهر پنهنجا خالي پير واري ۾ ڊڪي ڇڏيا ۽ پنهنجو گهر ناهڻ لڳي. گهر ناهڻ ۾ هوءِ ڏاڍي ماهر لڳي ٿي. تمام جلد هن واري جو هڪ محل ناهي ورتو. هن جون نرم نازڪ آڱريون نهايت تيزي سان ڪم ڪري رهيون هيون. گل انهن کي ڏسندو رهيو ۽ هن جو پنهنجو گهر اڻپورو رهجي ويو. جڏهن مهر جو گهر ٺهي چڪو ته هن به جلدي جلدي پنهنجي وڏن سخت هٿن سان هڪ بي ڊولو ۽ اڏنگو گهر تيار ڪري ورتو. جيڪو خوبصورت محل بدران هڪ بدنما غار جيان لڳو ٿي.

مهر گل جي واري جي گهر کي لت هڻندي چيو “اڙي! هي به ڪو گهر آهي!” گل جو گهر ڊهي پيو. گل مهر جي گهر کي لت هڻندي چيو “اڙي! هي وري ڇا گهٽو سنو آهي؟” ۽ پوءِ مهر گل کي وارن مان جهليو ۽ واريءَ جا ٻڪ ڀري سندس مٿي ۾ وڌا. واري هن جي مٿي ۾، هن جي ڪنن ۾، هن جي اکين ۾، هن جي ناسن ۾ ۽ هن جي وات ۾ هلي وئي. ۽ هن اُن حالت ۾ وارن کي هڪ وار ڇنڊڪو ڏئي مهر کي جهلي ورتو. هاڻ هن جي رسيلن چپن جو مزو ئي ڪجهه ٻيو هو. رڳ رڳ ۾، نس نس ۾ واري جا خوشگوار ذرا هڪ عجيب ڪتڪتائي پيدا ڪري رهيا هئا.

۽ پوءِ لڳاتار ڏور سمنڊ جي پاڻي جي مٿان کان ٿيندو هڪ گاني جو آواز اڀريو. مهر ڪنڌ ورائي ڏٺو ته ڪناري جي اڌ گول جي الهندي ڪنڊ تي هڪ سڙهه واري ٻيڙي ظاهر ٿي چڪي هئي. مهر ٻيڙي سڃاڻيندي چيو “عبدل اچي ويو”.

گل جي ٻانهن جا ڏورا سيٽجي ويا. “ٺيڪ آهي”

“نه. تون هتان هليو وڃ”

“ڪو نه ويندس”.

“ڏس! آئون چوان ٿي هن وقت صحيح ناهي. آئون خون خرابو نٿي چاهيان”.

“ڪو نه ويندس”

مهر، گل جي وارن ۾ آڱريون ڦيريندي چيو. " مهر اڄ تائين ڪنهن جي نه ٿي سگهي، پر اڄ کان هوءَ تنهنجي ٿي ويندي".

گل مهر ڏانهن ڏسندو رهيو. "سچ ٿي چئين؟".

مهر چيو "پڪ ڪري وٺجانءِ، هاڻي هتان هليو وڃ".

مهر چيو "ترس... ترس".

رات جي خاموشي ۾ مهر جي آواز جي گونج جيئن ئي سانت ٿي ته پوءِ عبدل جو گيت اُڀري آيو. هي گيت ان ميڇي جو معلوم ٿيو ٿي جنهن جي ڄُڀلي ۾ ڪنڍي ڦاسي پوي ۽ ڄُڀلي مان نڪرڻ کان انڪار ڪري.

مهر روئڻ لڳي.

گل چيو "روئين ڇو ٿي؟" هو پنهنجن ساٿين سان رلي ملي ويو آهي. اڄ چانڊوڪي رات آهي. اڄوڪي ڏينهن ڳوٺ وارا وچ سمنڊ ۾ ڄار وجهندا آهن ۽ ميڇيون جهليندا آهن. هو صبح جو سپني سان گڏ واپس اچي ويندو. ڏسي وٺجانءِ".

پر عبدل صبح جو سپني سان گڏ واپس نه موٽيو. سڄي رات هو پنهنجن ساٿين سان ميڇيون پڪڙيندو رهيو ۽ گيت ڳائيندو رهيو ۽ سپني کي ڪلائيندو رهيو. اڄوڪي رات هن جي ڄار ۾ تمام گهڻيون ميڇيون آيون هيون. ڪوڙ ساريون، تازيون، جسم ۾ ڀريل ۽ خوبصورت ميڇيون. انهن مهاڻن تمام گهڻي وقت کانپوءِ ايتريون ميڇيون ماريون هيون. هو سڀ تمام گهڻو خوش هئا. صبح جي وقت جڏهن سڀ مهاڻا موٽڻ لڳا ته عبدل چيو "آئون دير سان ايندس، توهان هلو". عبدل پنهنجون ميڇيون مهر لاءِ ڏنيون. "هي سڀ هن کي ڏجو." ان ۾ ڪا حيرت جي ڳالهه به نه هئي جو ڪنهن کي شڪ ٿئي. ۽ پوءِ سپني کان جدا ٿي سمنڊ جي ان حصي ۾ هليو ويو جنهن لاءِ چيو ٿي ويو ته اتي وڏي وڏي طوفان جي وقت ۾ به، لهرون ساڪن رهن ٿيون ۽ جنهن جي اندر ميڇين ڪنول جي گل جيان گهيرو ناهي رکيو آهي. مهاڻا ڪڏهن به اوڏانهن ناهن ويندا ۽ نه ئي انهن ڪڏهن ان جڳهه کي ڏٺو آهي. صرف پنهنجي وڏڙن کان ٻڌو آهي ته الهندي ڪناري کان به ميل اندر وچ سمنڊ ۾ اها جڳهه آهي، جتي ماڻي سمنڊ جي اندر هڪ خوفناڪ ڪن اهي. جنهن ۾ ميڇيون ڪنول جي گل جيان دائرو ناهي گهمنديون آهن.

عبدل هليو ويو. هو صبح جو واپس ڪونه آيو. هو ٻئن پهرن جو به ڪونه موٽيو. شام جو هن جو لاش ڪناري سان اچي لڳو. ڳوٺ وارن ان کي کڻي پنهنجي قبرستان ۾ دفن ڪري ڇڏيو.

❊❊❊

# بي داغ فولاد

**دادر** کان هو بس نمبر ٻي ۾ سوار ٿيو ۽ بس جي مٿيئن فلور تي جتي آئون ويٺل هئس، سهڪندو سهڪندو اچي منهنجي پر سان خالي سيٽ تي ويهي رهيو. هن جي اچڻ کان اڳ منهنجي پر واري سيٽ تي هڪ ڇوڪري ويٺل هئي، ڪولابي جو ٽڪيٽ ورتو هو ۽ در اصل جيڪا ايماني ڳالهه آهي، سا اها آهي تہ ڇوڪري ايتريقدر حسين هئي جو مونکي بہ ڪولابي جو ٽڪيٽ وٺڻ گهرجي ها. پر هن زندگي جي هلندڙ بس لاءِ ڇا چئجي؟ جنهن ۾ هونءَ هر مسافر منهنجو ساٿي آهي، محبوب آهي، ياءُ آهي، ڀيڻ آهي، مڙس آهي، زال آهي، ماءُ آهي، پيءُ آهي، پٽ آهي، پڦڙ آهي يا چاچو آهي، دوست آهي، غمگسار آهي، پر ان ۾ هر شخص جي منزل الڳ آهي. هتي هر شخص واري واري سان بس جي اندر اچي ٿو واري سان پنهنجو ٽڪيٽ ڪٽائي ٿو. هڪ بہ لوڏا ۽ پوءِ بس اڳيان هلڻ لڳي ٿي. ڪير نٿو پڇي تہ ڪير هئين؟ ڪٿان آيو هئين؟ ڪيڏانهن وين؟ ڇا تنهنجو منهنجو ساٿ فقط ايترو هو؟ ڇا تنهنجي وارن جي ايتري ئي خوشبوءِ؟ تنهنجي نگاهن جي ايتري ئي گرمي؟ تنهنجي مرڪ جي ايتري ئي نزاڪت اسان جي هئي؟ بہ لوڏا ۽ ساهہ گم! بس انهيءَ لاءِ مون گرانٽ روڊ جو ٽڪيٽ ورتو هو. بس ڪنڊيڪٽر نهايت ادب سان جهڪي هن کي ٽڪيٽ ڏنو هو. پر منهنجي طرف مڙندي ئي هن جي مسڪراهٽ جڻ پاٽي تي ڄميل سينور جيان ڦاٽي پئي هئي.

“ڪٿي جو ٽڪيٽ؟ هن روزمره جي واپاري لهجي مان پڇيو.

“گرانٽ روڊ جو”

“ٽي آنا ڏي”

“هان هي وٺ ٽي آنا”

هڪدم ٽڪيٽ ڪٽجي ويو. قصو ختم. بس ڪنڊيڪٽر اڳيان وڌندو ويو، هن جي پيشاني تي هاڻ اهو نور نہ رهيو هو جيڪو اُن خوبصورت ڇوڪري جي ڏسڻ سان اُڀريو هو. خوبصورتي جو احساس تہ جانورن کي بہ ٿيندو آهي. پر بس ڪنڊيڪٽر ڇا ٿي ڪري سگهيو هو تہ مشين جيان ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور هو. آخر ڪار هو بہ تہ هڪ انسان آهي!. ڪڏهن نہ ڪڏهن تہ هن جي ڇهري تي بہ اها نگاهہ ٽڙي اُٿي ٿي، جيڪا گل جيان خوشبوءِ سان مهڪندي آهي. بس ڪنڊيڪٽر بہ اهو ئي ڪجهہ ڪيو هو. هن اُها نگاهہ مون تي ضايع نہ ڪئي. مون وٽ پهچڻ کان پهرين، هن جي نگاهہ جو شرميلو لهجو انتهائي مهذب طريقي سان ادا ٿي رهيو هو “او خوبصورت ڇوڪري! افسوس جو بس صرف ڪولابي تائين وڃي ٿي. ۽ جيڪڏهن ان کي اڳيان وڃڻ جي اجازت مليل هجي ها تہ اوستائين وڃي ها، جتي تنهنجو گهر آهي ۽ آئون اتي جو ٽڪيٽ ڪٽيان ها. هن بس ڪنڊيڪٽر جي ادا ڏسي، مونکي زندگي جي سڀ کان

وڏي بس ڪنڊيڪٽر جو خيال آيو. جيڪو واري واري سان هر مسافر کي، ان جي منزل تي لاهي ڇڏي ٿو مون سوچيو "موت ضرور هڪ عورت آهي، موت جيڪڏهن مرد هجي ها ته ڪڏهن به ڪنهن خوبصورت عورت جي جان نه وٺي. صرف هڪ عورت ئي ريس ۽ حسد ۾ ونجي ايئن ڪري سگهي ٿي".

هاڻي اها ته ڄاڻ ناهي ته موت مرد آهي يا عورت، بهر حال اُهو ماڻهو جيڪو داد رتي منهنجي پر سان اچي ويٺو هو اُهو يقينن مرد هو ۽ ان جي ويهڻ سان ئي هن جي ڳري ۽ موٽي جسم جي اوٽ ۾ اها ڇوڪري لڪي وئي ۽ آئون ان کان پوءِ هن کي ڏسي نه سگهيس. ها جيڪڏهن منهنجي ڳچي ڊگهي هجي ها ۽ ايتري لچڪيدار هجي ها جو اڳيان پويان آساني سان گهمي سگهي ها، ته آئون ان کي ضرور ڏسي سگهان ها. اهڙن موقعن تي منهنجي دل چاهيندي آهي ته ڪاش آئون انسان نه هجان ها، سارس هجان ها، زراق هجان ها، شترمرغ هجان ها. جيڪڏهن هجان ها ته ڇا ٿئي ها؟"

پر هن ٿلهي ماڻهو مونکي زياده سوچڻ جو موقعو نه ڏنو. ڪجهه گهڙين لاءِ هن بس ۾ هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائي ۽ پوءِ منهنجي طرف ڏٺائين ڇڻ ڪو ماڻهو تين منزل تان ڪنهن جيت کي ڏسي. مون ڇرڪ پري پنهنجي ڪمزور ۽ ٽيڙهي ڳچي جي چوگرد ڦاٽل ڪالر ۽ پراڻي ٽاءِ کي ٺيڪ ڪيو. اصل ۾ مون هن جي نگاهه کان پري ڀڄڻ چاهيو ٿي. آئون گرانٽ روڊ جي هڪ پرائيويٽ اسڪول ۾ استاد آهيان. تاريخ، جاگريافي ۽ علم نباتات پڙهائيندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن علم شهريت، حساب ۽ انگريزي به پڙهائيندو آهيان. پگهار پنجاهه رپيا آهي، جڏهن ته رسيد پنجٽيهه رپين جي ڪاٽي ويندي آهي. ٽيهن سالن کان انهي اسڪول ۾ انهي ئي پگهار تي ڪم ڪري رهيو آهيان.

اخلاقن منهنجو شمار انسانن ۾ ٿئي ٿو جيتري قدر آمد و رفت جو تعلق آهي مونکي علم نباتات ۾ شامل ڪري سگهو ٿا ۽ پگهار جي اعتبار کان منهنجو تعلق جمادات سان آهي. ڪلاس جي اندر شاگردن جون ڌمڪيون سهندو آهيان ۽ ڪلاس کان ٻاهر هيڊ ماستر، مئنيجر ۽ زال جون چڙٻون سهندو آهيان. جيئن ته منهنجو روزانه ان قسم جي نگاهه سان واسطو پوندو آهي، انهي ڪري ان نگاهه کي آئون هر جڳهه تي سڃاڻي وٺندو آهيان. هن وقت به مون ان نگاهه کي هڪدم سڃاڻي ورتو جيڪا ڄڻ مونکي چئي رهي هجي "اڙي ذليل، ڪميڻا، ڏيرا، غربت جا ستايل انسان! تنهنجي اها مجال جو اهڙي طرح مونسان گڏ منهنجي پر سان سِيٽ تي ويهين؟"

انهي نگاهه جي جواب ۾ مون مسڪرائي ڏنو. تمام گهٽي ڦِڪي ۽ چسي مرڪ؟ پنهنجو پاڻ تي شرمنده ٿيندڙ مسڪراهٽ هئي. اها ڄڻ هٿ ٻڌي ان شخص کي چئي رهي هئي، "رهڻ ڏي يا ءَ!، مون سان ڇو ٿو اٽڪين؟ هڪ غريب ماڻهو آهيان، ويٺو آهيان، ويٺو رهڻ ڏي، گرانٽ روڊ تي لهي ويندس. تنهنجو ڇا کنيو اٿم؟ اهڙي طرح گهوري ڇو ٿو ڏسين؟ ٺيڪ آهي آئون اجان پري هٽي ٿو ويهان!"

آئون ڪجهه ڪونه ڪڇيس پر پنهنجي سيٽ تي اڃا به سوڙهو ٿي ويٺس ۽ اهو شخص ان لحاظ سان ڄڻ اڃا به ڦهلجي ويٺو. هن پنهنجون ناسون ڦونڊي مونکان پڇيو "ڇا ٽائيم ٿيو آهي؟"

مون نهايت مسڪين لهجي ۾ چيو "جي! مون وٽ گهڙي ڪونهي." ۽ هن ماڻهو ۾ آڪڙ ۽ غرور جو

مقدار اجا وڌي ويو ايئن جيئن شگر جي مريض ۾ کنڊ جو مقدار وڌي ويندو آهي. هن هٿ جي اشاري سان ڪنڊيڪٽر کي پاڻ وٽ سڏي ورتو ۽ ان کان ٽائيم پڇيو. ڪنڊيڪٽر ٽائيم ٻڌايو ته هن پنهنجي سون جي گهڙي سان ٽائيم پيٽيندي چيو "تنهنجي گهڙي غلط آهي".

"هوندي جناب"

"هوندي نه پر آهي" هن فيصلي ڪن لهجي ۾ چيو "تون بس جو ڪنڊيڪٽر ٿي ڪري صحيح ٽائيم نٿو رکين. انهي ڪري ته بسون ليٽ ٿين ٿيون. هي بس به دادر جي اسٽاپ تي پنج منٽ ليٽ پهتي آهي. توهان ماڻهن کي مسافرن جو قطعي خيال ناهي. توهان کي اندازو آهي ته ان سان اسان جو ڪيترو نقصان ٿئي ٿو؟"

"اهو به ته خيال ڪريو" ڪنڊيڪٽر چيو "اڄ ڪلهه برسات جو زمانو آهي, ڏينهن رات برسات ٿيندي رهي ٿي. جيڪڏهن اسان صحيح اسپيڊ سان گاڏي هلايون ته ڪر ڪيترا نه حادثا ٿين. ٽائيم کان پنج منٽ پوءِ پهچو ٿا, پر گهر ته پهچي وڃو ٿا, سيٺ صاحب!"

ڪنڊيڪٽر جي ان ڳالهه تي ڪجهه ماڻهن مسڪرائي ڏنو. آئون ته مسڪرائڻ جي جرئت به نه ٿي ڪري سگهيس. ڇو جو اهو ماڻهو منهنجي بلڪل پرسان وينل هو. ڪنڊيڪٽر جو جواب ٻڌي هن ماڻهو جي تسلي ڪونه ٿي. هن ڪنڌ کي لهمائيندي چيو "تيز ڇو نٿا هلو؟ "

"يقينن هلي سگهون ٿا پر رودن جي حالت ڏسو ٿا؟ ٻارهن ٻارهن انچن جا کڏا, گاڏي جو ايڪسل به ٽٽي پوي, جيڪڏهن تيز هلي." هوڏانهن مانٽگا کان دادر ايندي منهنجي گاڏي جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو. سيٺ چيو جتي ڏسو اڄ ڪلهه بي ايماني جو راڄ آهي. پهرين روڊن جي مٿان مٽي جي پرائي ڪري سنئي نموني روڙي بجري وجهي مٿان ڇڳي ريت ڏامر لڳائي ڪارپيٽ ڪيو ويندو هو ۽ هاڻي مڙوئي پرائي ڪري نالي ڏامر هٽي ڪم ٽپايو ٿو وڃي. پوءِ ڇهن مهينن ۾ روڊ ٽٽيو وڃي. ٺيڪدارن جا مزائي مزا آهن. شريف ماڻهن جي گاڏين جو بيڙو ٻڏيو وڃي, بس هتي جيڪو به آهي, چور آهي, بي ايمان آهي, لٽيرو, ٺڳ ۽ دوکيباز آهي".

اُن ڪانپوءِ هن پڻ پڻ ڪندي اجا به ڪافي گاريون ڪڍيون. هو نهايت ئي خفا نظر آيو ٿي. هن جو رنگ سانورو هو ۽ منهن تي ماتا جا داغ هئس. هن جاوار ڪارا ۽ پرون گهرا ۽ گهاٽا هئا. هن جو منهن پريل هو ۽ جسم پڻ پريل هئس. چيلهه کان هيٺ هن اهڙي سنهي ڌوتي پائي رکي هئي جو هن جي رڃ جهڙي ٽنگ جو هڪ هڪ وار نظر آيو ٿي. ڪنڊيڪٽر هن کان پڇيو "ڪٿي جو ٽڪيٽ ڪپي؟"

"بامبي سينٽرل"

"اڍائي آنا".

سيٺ پنهنجو وڏو ٻٽون کوليو. وڏو ۽ ويڪرو ٻٽون. هن ٻٽون کان ته منهنجو گهر ننڍو هو. جنهن ۾ هڪ زال, پنجن ٻارن ۽ پوڙهي ڀُڻي سان رهندو هئس. مار! ڪيترا نه هن ۾ ڪمرا هئا. هڪڙو هزار جي نوٽن سان پريل هو. هڪ ڪمرو سور رپين جي نوٽن لاءِ هو. هڪ ڪمرو ڏهن رپين جي نوٽن لاءِ, هڪ

ڪمرو پنجن رپين جي نوٽن لاءِ. هڪ ڪمري ۾ ريزو (ڪليل سڪا) هئا. هڪ ڪمري ۾ ضروري ڪاغذ پيپل هئا. ٻتون جي وچ ۾ ريشم جي ڏوري هئي. هي نوٽن سان جڳمڳائيندڙ ٻتون هڪ عاليشان محل جيان خوبصورت هو. آئون ته هن کي ڏسندو ئي رهجي ويس. ايئن جيئن اُن حسين ڇوڪري کي ڏسندو رهجي ويو هئس، جيڪا هاڻ منهنجي نظرن کان اوجهل ٿي چڪي هئي. آئون دل ئي دل ۾ حساب ڪرڻ لڳس. ٽيهه سال مون اسڪول ۾ ڪم ڪيو. سال ۾ ٻارهن مهينا هوندا آهن ته ٽيهن سالن ۾ ٽي سئو سٺ مهينا ٿيا. هر مهيني جو پگهار پنجاهه رپيا ته مونکي هاڻي تائين ڇا مليو؟ ٽيهه هزار ڇهه سئو رپيا. ان کان وڌيڪ رقم ته سيٺ ٻٽُون ۾ ڪٽي گهمي ٿو. منهنجي پوري زندگي ٻتون ۾ هئي. سيٺ ريزي جي خاني مان اڌائي آنا ڪڍيا ۽ ڪنڊيڪٽر کي ڏنا ۽ پوءِ ٻتون بند ڪري پنهجي کيسي ۾ رکي ڇڏيو. ۽ مون مسلسل پاڻ کي هن جي کيسي ۾ اندر ويندو محسوس ڪيو ۽ آئون هڪدمن ان نگاهه جو مطلب سمجهي ويس. ٻاهريون مطلب نه پر اندر جي گهر اين ۾ سماج جو لڪل اهو مجرمانه راز. جيڪو هتي هر ڪتاب پنهنجي شاگرد، اخبار پنهنجي پڙهڻ واري ۽ هر حاڪم پنهنجي محڪوم کان لڪائيندو آهي. تون منهنجي کيسي ۾ آهين؟ تون منهنجي کيسي ۾ آهين!. ٻتون اندريئين کيسي ۾ رکي هن شخص مون ڏانهن نهاريو ۽ پڇيو

“ڪتي ڪم ڪندو آهين؟”

“گرانٽ روڊ تي هڪ خانگي اسڪول ۾ استاد آهيان”.

“استاد ٿي ڪري گهڙي نٿو رکين؟ ته پوءِ تون مقرر وقت تي ڪيئن اسڪول ويندو هوندين؟ صحيح وقت تي ڪيئن شاگردن کي پڙهائيندو هوندين؟ پر ڪنهن کي ڇئجي؟ هن شخص منهن ڦٽائيندي چيو. حالانڪ هن جو منهن پهرين ئي ڪو گهٽ بڇڙو ڪونه هو.

“هتي جيڪو به آهي تونٽي آهي. ڪو ڪم کان جيءُ چورائي ٿو ته ڪو وقت کي چورائي ٿو. ڪنهن کي به ملڪ جو احساس ۽ خيال ناهي”.

مون جهيڻي آواز ۾ چيو. آئون ته صحيح وقت تي گهران نڪتو هئس. ٻن بسن جي واري تي هي ٽين بس آئي ته مٿان وري برسات ٿيڻ لڳي ۽ ڊرائيور سلپ ٿيڻ جي ڊپ کان بس آهستي هلائڻ لڳو”.

“ته پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڏنڊ هڻڻ گهرجي اهڙن ماڻهن تي. مونکي ڏس! منهنجو ڪُرلا ۾ بي داغ فولاد (Stainless Steel) جو ڪارخانو آهي. اڍائي سو مزور ڪم ڪن ٿا. پر مجال جو ڪو هڪ منٽ به ليٽ پهچي. ڏنڊ هٽي ڇڏيندو آهيان. جيڪو پگهار مان ڪٽي وٺندو آهيان يا اوور ٽائيم ڪرڻ جو چوندو آهيان. منهنجي مرضي ڪنهن کي به ڪجهه چوان، ڇو ته منهنجو ڪارخانو آهي، پر هتي ڪنهن کي چوان؟” سيٺ چڙ مان پنهنجي گهڙي ڏانهن ڏٺو ۽ ان کي بامبي سينٽرل جي عمارت تي لڳل گهڙيال سان ڀيٽيو ۽ زور سان اندر ساهه ڪڍندي چيو “آئون ته ڏهه منٽ ليٽ ٿي ويس. منهنجي ميٽنگ رکيل آهي”.

“ڇا ٿو فرق پوي؟” مون خوشامدانه لهجي ۾ هن کي تسلي ڏيندي چيو “توهان سيٺ صاحب آهيو. جتي به ويندا ماڻهو اوهان جو انتظار ڪندا”.

“انتظار ۾ به وقت ضايع ٿئي ٿو مسٽر!” سيٺ مونکي حقارت مان ڏسندي چيو “مونکي منهنجي

ڪاروبار ۾ هر منٽ تي پنجن رپين جو فائدو ٿئي ٿو. ڏهه منٽ بيڪار ويا ته سمجهه پنجاهه روپيا ويا. وقت پئسو آهي مسٽر!"

وقت متعلق انسان جا مختلف نظريا آهن. وقت پئسو آهي. وقت دنيا جهان جي چوٿين حد آهي. وقت ڪائنات جو فريم آهي. وقت شعور جي ڌارا آهي، جيڪو ماضي حال ۽ مستقبل جي چوڌاري هڪ دائري جي شڪل ۾ رات ڏينهن ڊگهي اوسيئڙي جيان آهي. يا وقت ڪنهن جي لاءِ وصال جي پهرين چمي ته وري ڪنهن لاءِ آخري هڏڪي. ڪنهن لاءِ تخت آهي ته ڪنهن لاءِ ڦاسي جو تختو. پر اهي تفسير غلط آهن. وقت هڪ ٻتون آهي جنهن ۾ هڪ استاد جي ٽيهن سالن جي زندگي جا پل قيد آهن!!

مون انتهائي حسرت ڀرئي لهجي ۾ سيٺ کان پڇيو "سيٺ صاحب! هي بي داغ فولاد (Stainless Steel) ڇا هوندو آهي جنهن مان تون في منٽ پنج رپيا ڪمائين ٿو؟"

"تون استاد ٿي ڪري اِهو نٿو ڄاڻين؟" تون ڪهڙي قسم جو استاد آهين؟ ڇا پڙهائيندو هوندين پنهنجي ساگردن کي؟ اڙي بيوقوف اهو بي داغ فولاد در اصل Stainless steel هوندو آهي. جنهن کي ڪٽ نٿو لڳي. ان مان برتن ٺاهيا ويندا آهن. هي گهڙي جيڪا تون منهنجي هٿ ۾ ٻڌل ڏسين ٿو. اِها به بي داغ فولاد مان ٺهيل آهي. ان جو رنگ ڪڏهن خراب نه ٿيندو ڀلي مٽي ۾ رکي ڇڏيوس. بي داغ فولاد تي ڪنهن جو به اثر نٿو پوي".

"ڪمال اهي!" مون حيرت مان پڇيو "ته ڇا صرف ٿانوَ ۽ گهڙيون ئي بي داغ فولاد مان ٺهن ٿيون؟"

"نه" سيٺ منهنجي لاعلمي تي مسڪرائيندي چيو "سوين ٻيون به شيون بي داغ فولاد مان ٺهن ٿيون".

"ته ان مان انسان به ٺهندا هوندا؟" مون پر اُميد ٿيندي پڇيو.

"ڇا مطلب؟" هن ڇرڪ ڀريو.

"اهڙا انسان جن تي ڪنهن شئي جو اثر نه ٿيندو هجي. بي داغ فولاد انسان!" مون وضاحت ڪندي چيو.

هو منهنجي طرف حيرت مان ڏسڻ لڳو. مون هن جي گوڏن تي هٿ هڻندي چيو " سيٺ صاحب! تون به مونکي بي داغ فولاد مان ٺهيل انسان لڳين ٿو. اهڙو انسان جنهن ۾ ڪٿي به ڪو نقص يا خامي نه هجي. ايتري قدر ديانتدار، مضبوط ۽ وقت جو پابند. سچ ٿو چوان، جيڪڏهن منهنجي وس ۾ هجي ته تو جهڙي شخص کي هندستان جو ڊڪٽيٽر بڻائي ڇڏيان".

هو منهنجي ڪيل ساراهه مان ڏاڍو خوش ٿيو. چيائين، "آئون ڪر ٻن سالن ۾ هندستان جي ڪاياپلٽي ڇڏيان. سڄو ملڪ ڪارخاني جي طرح ڪم ڪرڻ لڳي. انسان مشين جي طرح هلڻ لڳي. آئون ته ٻن ڏينهن ۾ سيني کي ٺيڪ ڪري ڇڏيان. پر ڇا ڪريان!؟ اڄ ڪلهه جتي ڏسو 'عوامي راڄ، عوامي راڄ' جي بڪواس ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. 'عوامي راڄ.....' ايتري ۾ گرانٽ روڊ جو اسٽاپ اچي ويو. آئون اُتي لهڻ لڳس. هو به بس مان اتي لهي پيو. هڪدم مونکي ڪجهه ذهن ۾ آيو. مون پويان وارائي کيس چيو. "سيٺ

صاحب! توهان مونسان ڳالهيون ڪندا غلطي سان گرانٽ روڊ تي لهي پيا آهي. حالانڪ توهان کي گذري ويل اسٽاپ بامبي سينٽرل تي لهڻو هو.”

هن ڪلنڊي چيو ” اصل ۾ مونکي گرانٽ روڊ تي ئي لهڻو هو. آئون هر روزا تي ئي لهندو آهيان. اڊائي آني ۾ ٽڪيٽ بامبي سينٽرل اسٽاپ لاءِ وٺندو آهيان ۽ هتي گرانٽ روڊ تي لهندو آهيان. اهڙي طرح هر روز ٽڪيٽ مان ٻن پئسن جي بچت ٿي ويندي آهي. هتي پلا ڪير ٿو ڏسي؟”

ايترو چئي هن مونکي اک پڇي ۽ جلدي جلدي هڪ گهٽيءَ ۾ مُڙي نظرن کان غائب ٿي ويو.

***

# ڪرسيءَ جي آتم ڪهاڻي

**اسماعيل** ڀائي جو ڪباڙخانو ڀينڊي بازار جي وچ پوسٽ آفيس جي سامهون هو. جيئن ته ٻئي ڏينهن آچر تي بازار بند ٿيڻ جي ڪري ڪباڙخاني ۾ هر قسم جو ۽ هر دور جو فرنيچر موجود هو. اسماعيل ڀائي آڌي رات جو ڪباڙخاني کي ٻاهران تالو لڳائي گهر روانو ٿيو. پر هن کي ٽڙ ٽڪڙ ۾ اندرين بتي بند ڪرڻ وسري ويئي. سؤ واٽ جي بلب جي تيز روشني ۾ ڀلا فرنيچر کي ڪيئن ٿي ننڊ اچي سگهي؟ اهو ئي سبب هو جو گهڙيال جي تجويز تي سڀني پنهنجي پنهنجي آتم ڪهاڻي واري واري سان ٻڌائڻ شروع ڪئي. جڏهن ڪتابن جي شيلف پنهنجي ڪٿا ٻڌائي پوري ڪئي ته ڪرسي چيو هاڻ منهنجي ڪهاڻي ٻ ڌو.

ليڊر جي ڪرسي پراڻي هئي. اُن جون ٽي ٽنگون ته نيڪ حالت ۾ هيون پر چوٿين ٽنگ تمام گندي ۽ بدشڪل هئي. شايد اصل ٽنگ ٽٽڻ ڪانپوءِ ڪنهن جهور پوڙهي ڪاريگر ٽڙ ٽڪڙ ۾ اها ٻي سُري ۽ بدزيبي ٽنگ لڳائي ڇڏي هئي. ڪرسي جي پٺ تي چمڙو لڳل هو جيڪو لڳاتار ٽيڪ ڏيڻ سبب گسي ويو هو ۽ اُنتي ليڊر جي پٺ جو نشان پئجي ويو هو. اهو نشان ايڏو وڏو هو جو اُنتي ڪير ٻ اسانجي قومي آزادي جي جدوجهد جي تاريخ آساني سان لکي سگهيو ٿي. ڪرسي تي فٽ ٿيل مخمل جي گادي هنڌ هنڌ کان ڦاٽي چڪي هئي. ۽ اُن مان ڪپهه جا ذرڙا ٻاهر نڪري آيا هئا. ڪرسي تي ڪيل رنگ ڪافي پراڻو ٿي چڪو هو. رنگ ٻ گهٽڻ نمونن جو ٿيل هو. ڪرسي جي پٺ ڪاري هئي ته وري اڳ سائي. ٽي ٽنگون ڳاڙهيون هيون ۽ چوٿين ٽنگ پوري رنگ جي. ڪرسي جي اها حالت ڏسي اُهو فرنيچر جيڪو هڪ ئي قسم جي ڪاٺ مان ٺهيل هو ۽ هڪ ئي رنگ جو هو ڪرسي کي ڏسي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو. فرنيچر جي انهي رويي تي ڪرسي ڪاوڙمان چيو "منهنجي اڄ جي حالت تي نه کلو. ڪڏهن آءٌ ٻ توهان جيان جوان ۽ خوبصورت هيس. بي رحم وقت منهنجي هي حالت بنائي ڇڏي آهي. ڀلا وقت ڪنهنجو ڪڏهن سدائين لاءِ ساٿ ڏنو ٻ آهي؟ هر فرنيچر جيڪو پيدا ٿئي ٿو جواني ماڻي ٿو. ۽ هڪ ڏينهن جهور پوڙهو ٿيو وڃي ۽ پوءِ سڙيو وڃي. اهو هن زماني جو دستور آهي.

"سچ ٿو چوين". پوڙهي پلنگ کنگهندي وراڻيو.

"خير ڇڏيو انهن ڳالهين کي هاڻي منهنجي آتم ڪهاڻي ٻڌو" ڪرسي ٿڌو شوڪارو ڀريندي ڳالهايو " آءٌ زندگي جي انيڪ تجربن مان گذري آهيان. آءٌ هيم پور جي ڄائي آهيان. منهنجي شهر جي آبادي ستن لکن کان ٻ مٿي ٿيندي. ڪل آبادي جو اڌ حصو مرهٽن ۽ باقي يوپي وارن تي مشتمل آهي. منهنجو شهر مڌيه پرديش جي گادي جو هنڌ آهي. پر تڏهن ٻ هتي ڪو ڪارخانو ڪونهي. پر ها، هتي ٻارهن پاڳل خانا ضرور آهن."

“ايئن ڇو آهي؟” بجلي جي گولي سوال ڪيو.

“جڏهن بہ سرڪار هتي ڪو ڪارخانو لڳائڻ جو سوچي ٿي، تہ مرهٽا چون ٿا تہ ڪارخانو اسانجي آبادي واري علائقي ۾ لڳڻ گهرجي ڇو ته يوپي وارا چون ٿا، تہ نہ ڪارخانو اسانجي علائقي ۾ لڳندو. اج کان ڪجهہ وقت اڳي سرڪار هيمہ پور ۾ ڪنڊ جي ڪارخاني جي منظوري ڏني. اها منظوري وڏي جدوجهد ڪانپوءِ حاصل ٿي ۽ اُن لاءِ مرڪزي سرڪار سان جهيڳڙو بہ ڪرڻو پيو. پر جڏهن ڪارخاني لڳڻ جو وقت آيو تہ شهر ۾ جهيڳڙو شروع ٿي ويو. يوپي وارا چيو جيئن تہ ڪمند يوپي جي ڳوٺن کان ٿو اچي انهي ڪري ڪارخانو سندن علائقي ۾ لڳڻ گهرجي. جڏهن تہ مرهٽن چيو ٿي تہ، جيئن تہ ڪارخاني ۾ مزدوري ڪندڙ مرهٽا هوندا، انهي ڪري ڪارخانو سندن علائقي ۾ لڳڻ گهرجي. نتيجو اهو نڪتو تہ شهر ٻن گروپن ۾ ورهائجي ويو. ٻنهي گروپن الڳ الڳ جلسا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا. شهر ۾ زبردست هڙتال ٿي. دڪان، اسڪول ۽ آفيسون سڀ بند ٿي ويون. بجلي کاتي جي ملازمن بہ هڙتال شروع ڪري ڏني ۽ جڏهن شهر ۾ بجلي ئي نہ رهي تہ پلا جلسا ڪٿان ٿين؟ لائوڊ ۽ مائڪرو فون خاموش ٿي ويا. ٺهنڪري سٺا سٺا تقرير باز بہ پس منظر ۾ هليا ويا. جيئن تہ شهر ۾ مڪمل هڙتال هئي ۽ ڪاروبار ٺپ بند هئڻ سبب ماڻهو بہ واندا هئا، ٺهنڪري ڪين سواءِ جلسن جلوسن جي ٻي ڪا وندر بہ ڪونہ هئي. اهڙي حالت ۾ ماڻهن کي اهڙن ليڊرن جي ضرورت محسوس ٿي، جيڪي بنا لائوڊ اسپيڪر جي تقرير ڪري سگهن. انهن ئي حالتن هڪ اهڙو ليڊر پيدا ڪيو جنهنجي آءٌ ڪرسي آهيان.”

ڪرسي ايترو چئي ٿوري دير لاءِ خاموش ٿي ويئي ۽ پوءِ وري پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو.

“هي اُنهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي، اسانجي شهر هيمہ پور جي تيليون محلي ۾ هڪ پيڪو نالي ڪير وڪڻڻ وارو رهندو هو. شروع شروع ۾ تہ اُنجو ڪو خاص ڌنڌو ڪونہ ٿي هليو پر جڏهن کان سرڪار ڪير جي بجاءِ پاڻي ۾ چن، ميدو ڪاٺ جو ٻورو مطلب تہ هر سفيد شئي پاڻي ۾ وجهي، ڪير جي جاءِ تي وڪڻڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي، تہ هنجو ڌنڌو بہ خوب پروان چڙهيو. هونئن پيڪو نهايت شريف ماڻهو هو. ڪيس ٻين جي ٻي ايماني سان ڪو بہ سروڪار نہ هو. پر پيڪو کي تڏهن ڏاڍو ڏک رسيو جڏهن سندس ڇوڪرو گوبندي ائين درجي ۾ ناپاس ٿي گهر جهلي ويئي رهيو. “ائين درجي ۾ ناپاس ٿي بہ ڪير وڪڻان؟ ائين قطعي ڪونہ ٿيندو.” گوبندي جي انڪار تي جڏهن پيڪو ڪيس مارڻ لاءِ اُٿيو تہ گوبندي بہ لٺ کڻي سندس سامهون ٿيو. گوبندي جو قد ڇهن ڦٽن کان بہ مٿي هو. هن جي نڪ جون ڦونڻيون وڏيون ۽ ڳلون اندر ڪتل هيون جنهنڪري سندس کلها وڌيڪ مضبوط ڏسڻ ۾ آيا ٿي. هن جون اکيون ڪاريون ۽ ڇونچيون هيون. اکين جي مٿان ڀنئور جهڙن ڪارن ۽ گهاٽن پرون جي ڪري اکين ۾ چمڪ اجان بہ وڌيڪ ڏيکائي ڏني ٿي. هنجي پيشاني ننڍي ۽ ٻاهر نڪتل هئي ۽ چپ تمام وڏا هئس. سندس وات ڪافي وڏو هو پر اُن کان بہ وڏو هو سندس آواز— هو جڏهن ڳالهائيندو هو تہ ايئن لڳندو هو جڻ تہ سندس گلي ۾ ڪنهن لائوڊ اسپيڪر لڳائي ڇڏيو هجي. هن جو لکڻ پڙهڻ ۾ من قطعي ڪونہ ٿي لڳو. هو ائين درجي ۾ ست ڀيرا ناپاس ٿي چڪو هو ۽ ائين ڀيري وري ائين درجي ۾ داخلا وٺڻ جو سوچي رهيو هو جو پيڪو ڪيس اسڪول مان

اُتاري ورتو ۽ هنجي ڪير وڪڻڻ کان ناڪار تي، ڪيس جمن بيڙي فروش وٽ بيڙيون وڪڻڻ تي لڳائي ڇڏيو. جمن بيڙي فروش جي اصلي بنارسي تماڪ واري ڀريون نمبر بيڙي اُنهن ڏينهن سڄي شهر ۾ ڏاڍو وڪامندي هئي جنهنجو تماڪ، پراڻي سڙيل گاهه، ڏاک ۽ گيدوڙي جي پنن کي ڪٽي پاڻ ۾ ملائي تيار ڪيو ويندو هو. جمن بيڙي فروش گوبندي کي ٻه رپيه ڏهاڙي جي حساب تي پاڻ وٽ ملازم ڪري رکي ورتو. سندس ڪم اهو هو ته هو شهر جا ٻه چار چورا هٽ ڪري، گاڏي تي مختلف گهٽين ۽ پاڙن ۾ هوڪا ڏئي ماڻهن کي جمن جي اصلي تماڪ مان ٺهيل بيڙي وٺڻ ڏي مائل ڪري. گوبندي کي اهو ڌنڌو ڏاڍو وڻيو. هڪ ته هن کي پنهنجي آواز کي استعمال ڪرڻ جو سٺو موقعو مليو ويو ۽ ٻيو ته سندس مٿي تي ترڪي ٽوپي هٿ ۾ گهنڊ ۽ وري پويان چورن جي لشڪر هنجي هلڻي ئي ڦيري ڇڏي هئي. هنڪي اهو ڪم پنهنجي مزاج وٽان لڳو ۽ ڏاڍو پسند آيو. هوڏانهن ٻيڪو به ڏاڍو خوش هو جو سندس چورو ڌنڌي سان لڳي ويو هو. هڪ ڏينهن جڏهن هو چيلا پٽي لائن جي ناڪي تي بيهه پنهنجي گرجندڙ آواز ۾ بيڙيون وڪڻي رهيو هو ته، پريان کان يوپي وارن جو هڪ جلوس ڏيکائي ڏنو جيڪو، "ڪنڊ جو ڪارخانو اسانجو آهي"، جا نعرا هڻندو گهوڙا ميدان ڏانهن جلسو ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هو. جلوس ۾ شامل ماڻهو نعرن مٿي نعرا هڻي رهيا هئا "ڪنڊ جو ڪارخانو اسانجو آهي"

۽ گوبندي زور سان هوڪو ڏيڻ شروع ڪيو.

"نمبر ون بيڙي اسانجي آهي."

جلوس جي وڏي آواز تي به گوبندي جو آواز حاوي پئجي ويو. ماڻهو حيرت مان ڏانهس ڏسڻ لڳا ۽ اڳتي وڌڻ لڳا. ٿوري دير ڪانپوءِ جڏهن جلوس اڳتي نڪري ويو ته گوبندي ڇا ٿو ڏسي ته جواهرڪٽ واسڪوٽي ۽ ڌوتي پاتل به ماڻهو هن ڏي ڏسي پاڻ ۾ سس پس ڪري رهيا هئا. ۽ ٿوري دير رکي اُهي ٻيئي ماڻهو هنجي ويجهو آيا ۽ چوڻ لڳا. "ڇاتون بيڙين وڪڻڻ جو ڪم ڪندو آهين؟ ڀلا ديس جي به خدمت ڪرڻ چاهيندين يا.........؟"

"بيڙين وڪڻڻ ۾ مونکي ٻه روپيه روزانه ملن ٿا. ڀلا ديس جي خدمت ۾ ڇا ملندو؟" گوبندي جلدي مان پڇيو.

"پنج روپيه روزانه."

"مونکي ديس جي خدمت منظور آهي." ٻنهي ماڻهن گوبندي سان هٿ ملايو ۽ هنجي پٺي ٺپري. پوءِ گوبندي ڪاڻ سوال ڪيو. "ڀلا اهو ته توهان مونکي ٻڌايو ڪونه ته مونکي ڪم ڪهڙو ڪرڻو پوندو؟"

اُنهن مان هڪڙي همراهه جنهن جي جواهرڪٽ واسڪوٽي ٻئي همراهه کان قيمتي هئي، واسڪوٽي جي کيسي ۾ هٿ پائيندي وراڻيو."اڄ رات توکي گهوڙا ميدان ۾ تقرير ڪرڻي پوندي."

"نمبر ون بيڙي جي حمايت ۾؟" گوبندي سوال ڪيو.

"نه ڪنڊ جي مل يوپي وارن جي آهي، انهي ڳالهه جي حمايت ۾"

"پر مونکي ته تقرير ڪرڻ اچي ئي ڪونه".

“تون انهي ڳالهہ کي ڇڏي ڏي تہ توکي اُتي ڇا ڇوڙو آهي. اهو سڀ اسانجو ڪم آهي. اسانکي فقط تنهنجي آواز جي ضرورت آهي.”

۽ اها هئي بہ سورهن آنا سچي ڳالهہ. بجلي نہ هئڻ سبب لائوڊ اسپيڪر ڪونہ ٿي هلي سگهيا. مجموعو آهستي ڳالهائڻ وارن جي تقرير کان جلد ئي بور ٿي ٿي پيو. انهي لحاظ کان گوبندي جو ڪڙڪ ۽ گجندڙ آواز ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳو ۽ وري گوبندي کي بہ پنهنجو آواز ڏاڍو وڻندو هو ۽ هن چاهيو ٿي تہ هو اُن کي سدائين ٻڌندو رهي. اهوئي سبب هو جو هو سيڪاريل تقرير کانسواءِ پنهنجي طرفان بہ بہ اکر وڌيڪ ڳالهائي ويو. هن ساڳئي وقت ماڻهن کي پاڻ ڏانهن توجهہ ڏيارڻ لاءِ تقرير ۾ پنهنجي طرفان بہ ٽي لطيفا بہ هٽي ڇڏيا جن تي جلسي جي ماڻهن کيس خوب داد ڏنو. مطلب تہ اُن ڏينهن وارو جلسو ڏاڍو ڪامياب ويو. جواهر ڪٽ واسڪوٽي پاتل همراهہ جنهن جي نالي جي هن کي پوءِ خبر پيئي تہ هو ڪالي چرن ورما هو ۽ شهر جو ميونسپل ڪمشنر هو هن جي پٺي ٺپريندي چيو “گوبندي اڄ کان تون ليڊر بنجي ويو آهين!”

گوبندي خوشي مان نہ سمائيندي وراڻيو “ٻڌو اٿم تہ هر ليڊر وٽ هڪ ڪرسي هوندي آهي. منهنجي گهر ۾ تہ اها ڪانهي.”

اُن ئي ڏينهن ڪالي چرن ورما مونکي گپتا فرنيچر مارٽ تان خريد ڪيو ۽ آءٌ گوبندي جي گهر پهچائي ويس. گوبندي مونتي پهريون ڀيرو ويهي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجي پي ماءُ ۽ پاءُ پيڻ جي سامهون ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي وڏائي مان چوڻ لڳو “پورن پنج هزار ماڻهن جو مجموعو هو. ماڻهن مونکي هار پهرايا، زنده باد جا نعرا هنيا ۽ هاڻ مان ليڊر ٿي ويو آهيان. بابا سچو پچو ليڊر.”

منهنجو پيءُ جيڪو اڃا هاڻي ئي مينهن جو کير ڏهي آيو هو. پريشاني مان پنهنجي پٽ ڏانهن ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ کير جو ٻر پاڻي جي نل هيٺان رکي ڇڏيو ۽ پريشان ٿيندي چيو” پٽ ليڊري ۾ ڇا رکيو آهي؟. بسچئن ڏينهن جو ڇنڪو آهي ۽ پوءِ نہ هوندو بانس نہ وڄندي بانسري. ليڊري جو ڪهڙو بقا؟ اُنجي مقابلي ۾ اسانجو خانداني ڌنڌو وڌيڪ بهتر آهي. کير ۾ پاڻي پاڻ ۾ هڪ دفعو ملڻ کانپوءِ ڪڏهن بہ جدا ڪونہ ٿا ٿين.” پيڪو دير تائين ٻر ۾ پوندڙ پاڻي جي لارڙي ڏسندو رهيو ۽ جڏهن ٻر ڪناڪن پرجي چڪو تہ هن اهو ٻر هٽائي پيو ٻر پرڻ لاءِ رکي ڇڏيو.

گوبندي انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيو “بابا! جيڪو ڌنڌو تون ڪرين ٿو اُن ۾ عزت ناهي. آءٌ اهڙو ڪم نٿو ڪري سگهان. آءٌ تہ بس اُهو ڌنڌو ڪندس جنهن ۾ عزت ٿئي. ۽ پلا ليڊري کان مٿي ٻيو ڪهڙي ڌنڌي ۾ ايڏي عزت آهي؟” پيڪو چپ ٿي ويو. سندس پٽ صحيح چيو ٿي.

گوبندي جي ڪن ڦاڙ آواز پوپي وارن جي مخالفن کي ٺوٺا ڇپائي ڇڏيا. اُنهن جي جلسي ۾ ماڻهن جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. نيٺ هڪ ڏينهن “ڪنڊ جي مل مرهٽن جي آهي،” جي تحريڪ جو صدر بابو همت رائو رات جو ڏهين بجي گوبندي جي گهر آيو. گوبندي مون تي پلٿي ماري گهروارن تي رعب وجهي رهيو هو.

همت رائو پڇيو "يوپي وارا توکي ڪيترو معاوضو ڏيندا آهن؟"

"پنج روپيہ هڪ تقرير جا."

"اسين توکي ڏهہ رپيہ ڏينداسين. ٻڌائي اسان لاءِ ڪم ڪندين؟"

"ڇو نہ ڪندس." گوبندي خوش ٿيندي چيو "يوپي وارا پنج رپيا ڏين ٿا. اُن کا پهرين بنارسي تماڪ واري بيڙي نمبر ون وارا فقط ٻہ رپيہ روزانہ ڏيندا هئا. توهين ڏهہ رپيہ ڏيو ٿا. منهنجو مٿو خراب ٿيو آهي جو اوهان وٽ ڪم نہ ڪريان؟"

انهي ڏينهن کان گوبندي "ڪنڌ جي مل مرهٽن جي آهي" وارن لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. اُهي ئي تقريرون، اُهو ئي گجندڙ آواز اُهوئي گوبندي. فرق صرف اهو هو تہ پهرين جتي يوپي وارن جو ذڪر ايندو هو اُتي مرهٽن جي حمايت جي ڳالهہ ٿيڻ لڳي. بابو همت رائو گوبندي جو ڪافي حوصلو وڌايو. پريل جلسن ۾ سندس تعارف شري گوبند رام چٽي ڪرايو ۽ کيس حقيقت پسند ۽ انصاف پسند جي لقبن سان نوازيو. هاٽي گوبندي نہ پر گوبند رام جي چوڻ تي، همت رائو هن لاءِ هڪ ميز بہ خريد ڪئي، جيڪا منهنجي سامهون رکي ويئي. منهنجي پٽ تي هڪ اعليٰ قسم جي نرم ڪپڙي جو پوش چاڙهيو ويو. جيڪو هن وقت تائين اوهين ڏسي سگهو ٿا. هاٽي گوبند رام مونتي ويهي ٽنگون ميز مٿي لوڏيندي گهر وارن سان پنهنجي ڪاميابي جون ڳالهيون ڪندو هو ۽ محلي وارن تي رعب جهاڙيندو هو. پاڙي وارا بہ هن کان ڊڄڻ لڳا هئا ۽ هنجي عزت ڪرڻ لڳا هئا.

گوبند رام جي ليڊري چمڪڻ لڳي. پهرين يوپي وارن ۽ پوءِ مرهٽن جي لاءِ ڪم ڪرڻ سبب سندس شهر ۾ چرچو عام ٿي ويو. هڪ ٻہ دفعا تہ ايئن بہ ٿيو جو شام جو يوپي وارن ۽ رات جو مرهٽن جي جلسي ۾ بہ تقرير ڪيائين ۽ ٻنهي طرفان کان پيسہ وصول ڪيائين. ۽ جڏهن ماڻهن پڇيس، تہ توهي ڇا ڪيو تہ هن جواب ڏنو "پائي ڪنڌ جي مل مرهٽن جي علائقي ۾ کلي يا يوپي وارن جي علائقي ۾، کلندي تہ هيم پور ۾ ئي."

همت رائو تڏهن بہ هن کي تڙي ڪونہ ڏني، جڏهن شهر ۾ بجلي جي هڙتال بہ ختم ٿي چڪي هئي. ۽ شهر ۾ بجلي بہ اچي چڪي هئي. جيئن تہ جلسي ۾ لائوڊ اسپيڪر ڪرائي تي ڪٽڻ تي پنجاهہ سٺ رپين جو خرچو آيو ٿي. جڏهن تہ هتي فقط ڏهن رپين جي خرچي تي هڪ عمدو انساني لائوڊ اسپيڪر هٿ ۾ اچي ٿي ويو. پر پندرنهن ويهن ڏينهن اندر گوبندي جي ليڊري سمنڊ جي گجي وانگي ختم ٿي وئي. ٿيو هيئنئن جو سرڪار يوپي وارن ۽ مرهٽن جي جهيڙي کان تنگ ٿي هيم پور ۾ ڪنڌ جو ڪارخانو نہ لڳائڻ جو فيصلو ڪيو. ۽ ڪنڌ جي ڪارخاني لاءِ سرڪار مدراس شهر جي چونڊ ڪئي. ۽ اهڙي طرح هڪ وڏيڪ ڪارخانو هيم پور ۾ کلڻ کان رهجي ويو. پر ها انهي واقعي کانپوءِ بہ وڏيڪ پاڳل خانہ شهر ۾ کلي ويا. اُنهن کي آخر هڪ ڏينهن انهي شهر ۾ کلڻوئي هو.

ڪيترن مهينن تائين گوبندي بيڪار وينو رهيو. هو هاڻ بيڙي نمبر ون وڪڻي نٿي سگهيو. جيتوڻيڪ جمن بيڙي فروش سندس وڌندڙ شهرت سبب هنکي ٽي روپيہ ڏهاڙي جي آڇ بہ ڏني، پر

گوبندرام اُن کي سخت نفرت مان ٺڪرائي ڇڏيو. سندس پيءُ کيس ڏاڍو سمجهايو پر هن نہ مڃيو. چئي: "هاڻي آءٌ کو ٻيڙيون وڪڻندس ڇا؟ کهڙي ٿا ڳالهہ ڪريو. هاڻي آءٌ ڪا وڏي شي ئي وڪڻندس. مونکان هاڻ ڪو ڪنڊ جو ڪارخانو کولرائي، قوم جو سودو ڪرائي، ملڪ نيلام ڪرائي، پر هاڻي مونکان ٻيڙيون ڪونہ وڪيون ٿينديون."

هن جو پيءُ ماٺ ٿي ويو۽ دل ئي دل ۾ ڳرڻ لڳو تہ سندس ڇوڪرو وري بيروزگار ٿي ويو. نيٺ سوچي سمجهي هن گوبندي جي شادي پنهنجي جاٺ برادري ۾ ڪرائي ڇڏي. هن جي ننهن روپا جيتوڻيڪ ايڏي سهڻي ڪونہ هئي ۽ نہ ئي گهڻو لکيل پڙهيل، پر کير ڏهڻ ۾ ڏاڍي قابل هئي. اهو ئي سبب هو جو هن روپا جو رشتو قبول ڪري ورتو. هن اهو بہ سوچيو تہ ڇوڪرو بي ڪار وينو آهي ۽ ڪم بہ ڪونہ ٿو ڪري ۽ جڏهن گهر ۾ زال ايندس ۽ ٻچڙيوال ٿيندو تہ پوءِ پاڻهي ڪم ڪرڻ تي مجبور ٿيندو.

ڏينهن پنيان مهينا گذرندا ويا، مگر گوبندي کي ڪو بہ ڪم نہ مليو. هيم پور ۾ نہ ڪارخانو کليو ۽ نہ ئي ڪو جهڳڙو ٿيو. انهي عرصي دوران منهنجو چمڙو گسي ويو۽ منهنجي پٽ ڦاٽي پيئي. گوبندي بہ ٻهرين کان ٿلهو۽ وڏيڪ بدمعاش ۽ چالاڪ ٿي ويو هو. روپا جي گود ٽن ٻارن سان سائي ٿي چڪي هئي. ان کي ٻيڪو جي کير جي برڪت چئجي يا اجا بہ ايئن ڪٽي چئجي تہ اها ڀاڻي جي برڪت هئي جو هنن جو گهر هلي رهيو هو ۽ گوبندي ڪائي ڪائي سڄي پيو هو ۽ ڀاڙي جي گهٽين ۾ پنهنجي نام نهاد ليڊري جو رعب ويهارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. نہ تہ هو ڪڏهوڪو بيروزگاري جي سبب مري چڪو هجي ها.

ٽن سالن ڪانپوءِ گوبندي لاءِ ڏينهن بدليا، ٿيو ايئن جو ميونسيپل جون چونڊون مٿي تي اچي ويون. شهر ۾ گروهہ بنديون، پارٽيون، جلسا جلوس ۽ تقريرون وري شروع ٿي ويون. هاڻ گوبندي ڪافي چالاڪي کان ڪم وٺڻ شروع ڪيو. هن سيني پارٽين ۽ گروپن جو غورسان مطالعو ڪيو ۽ گهڻو سوچڻ ڪانپوءِ نتيجي تي پهتو تہ سجڪ پارٽي جي کٽڻ جو امڪان زياده آهي. سجڪ پارٽي جو نالو پارٽي جي نظريي مان تجويز ڪيو ويو هو يعني "سيني سان جنگ ڪريو." انهي جملي جو پهريون اکر کڻي پارٽي جو نالو سجڪ رکيو ويو هو. گوبندي کي اها پارٽي ڏاڍي پسند آئي. اها سندس مزاج جي عين مطابق هئي. پارٽي ۾ شامل ٿيڻ کان پهرين گوبندي اُنجي جلسي ۾ تقرير ٻڌڻ ويو. هڪ نوجوان غصي مان منهن ڳاڙهو ٿي رڙيون ڪري چئي رهيو "لنڪا وارا اسان هندستانين کي شهريت نٿا ڏين، اُن لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟"

"جنگ ڪريو" مجموعي مان زوردار آواز اُڀريا. "ڏکڻ آفريڪا وارا اسانکي ڪارو سمجهي تڙين ٿا، ٻڌايو تہ ڇا ڪرڻ گهرجي؟"

"جنگ ڪريو" هجوم زوردار آواز ۾ جواب ڏنو.

اُنهن ئي ڏينهن ۾ پاڪستان جي وزيراعظم هڪ تقرير جي دوران هندستانين کي مڪ ڏيکاري هئي. بس پوءِ ڇاٿيو. گوبندي جي ور اها ڳالهہ چڙهي ويئي. هن ٻئي ڏينهن تي سجڪ پارٽي جي جلسي ۾ پستول هوا ۾ لهرائيندي جوشيلي تقرير ڪندي چيو"جيڪو اسانکي مڪ ڏيکاريندو اسين اُنجو هن پستول سان سينو چيري ڇڏينداسين."

هجوم ۾ جوش اچي ويو. سڄي فضا گوبندرام زنده باد جي نعرن سان گونجڻ لڳي. ماڻهو اشتعال ۾ اچي طرح طرح جا نعرا هڻڻ لڳا. گوبند رام جي مقبوليت وڌندي ويئي. جنهن جي پيش نظر سجڪ پارٽي جي ليڊرن کي گوبند رام جو نالو ميونسپل ڪمشنري جي اُميدوارن جي لسٽ ۾ شامل ڪرڻو پيو.

گوبند رام پنهنجي حلقي مان ميونسپل ڪمشنري جو اُميدوار ته ٿي ويو پر ڪامياب نه ٿي سگهيو. ٿيو ايئن جو سندس تقرير کان ڪجهه ڏينهن پوءِ پوليس کيس گرفتار ڪري ورتو. هن تي الزام هو ته هن پبلڪ جلسي ۾ پستول لهرايو هو. ۽ بيو ته هن وٽ اُن جو لائسنس به ڪونه هو ۽ ٽيون ته هن جي اشتعال ڏياريندڙ تقرير سان ٻنهي ملڪن ۽ قومن جي وچ ۾ نفرت ڦهلجڻ جو امڪان هو.

گوبند رام کي اڍائي سال سخت پورهيئي سان سزا ملي. هو ڏانهن گوبندرام جي سجڪ پارٽي به اليڪشن هارائي ويئي. جنهنجو نعرو هو. "سيني سان جنگ ڪريو" جيت بي پارٽي جي ٿي جنهن جو نعرو هو."سيني سان صلح ڪريو" يعني سسهڪ پارٽي جي. انهن اڍائي سالن ۾ منهنجو ته حليو ئي بگڙي ويو. مونتي وقت به وقت کير ۽ پاڻي جا ڊبا رکيا ويندا هئا. ته ڪڏهن ڪو ننڍڙو ٻار مونتي ويهي پيشاب ڪري ڇڏيندو هو. ته وري ڪڏهن پوڙهو پيڪو مونتي ويهي، پنهنجي ڌوتي سميتي منهنجي ٻانهن کان طبلي جو ڪم وٺي ڪو گيت ڳائڻ لڳندو هو.

هڪ ڀيري ڇوڪرا مونکي اونڌو ڪري هيڏانهن هوڏانهن گسڪائڻ لڳا ۽ اهڙي طرح آءٌ گهرجي ڏاڪڻ تان ڪري پيس ۽ منهنجي ٽنگ ٽٽي پيئي. اُتي منهنجي سار سنڀال ڪرڻ وارو پلا ڪير هو؟ گوبندي جيل ۾ هو. پيڪو هڪ ٿرڊ ڪلاس واڍي کي وٺي آيو. جنهن ٺوڪ ٺوڪان ڪري مونکي مڙئي ويهڻ جي قابل بنائي ڇڏيو. هي چوٿين ٽنگ انهي ٿرڊ ڪلاس واڍي جي عطا ڪيل آهي ۽ هي غضب جو بادامي رنگ به اُن جي نوازش آهي.

خير سائين، اڍائي سال به رئندي رئندي گذري ويا. ۽ گوبندي جيل مان آزاد ٿي ٻاهر نڪتو. جيل ۾ هن جي هيمر پور جي مشهور غنڊن سان ڏيٽ ويٽ ٿي ويئي هئي ۽ هاڻ گوبندي اُهو ساڳيو گوبندي نه رهيو هو. ۽ جڏهن کان هو جيل مان ٻاهر نڪتو هو ته شهر جي ڪافي رازن کان واقف هو ۽ هن جي ساڻن ياري دوستي ڪافي گهري ٿي چڪي هئي. جيل مان ٻاهر نڪرڻ وقت ٿي چڪو هو سجڪ پارٽي يعني "سيني سان جنگ ڪريو پارٽي" هن جي ڳلي ۾ گلن جا هار پاتا ۽ سندس قومي خدمتن کي ساراهيو. گوبند رام مختصر لفظن ۾ سيني جو شڪريو ادا ڪيو ۽ خراب صحت جو بهانو بنائي گهر هليو ويو.

ميونسپل اليڪشن هاڻي وري سرتي اچي چڪي هئي ۽ ڪافي ماڻهو جيڪي عقل رکندا هُئا، اُنهن کي پتو هو ته گوبندرام جو شهر جي کهڙن ماڻهن سان واسطو هو ۽ هو ڪيترا سؤ ووٽ انهن کي ڏياري سگهيو ٿي. گوبندرام اُنهن ماڻهن جو اثر رسوخ استعمال ڪري پنهنجي گهرجي پر سان هڪ اوطاق هٿ ڪري ورتي ۽ اُن کي نئين فرنيچر ۽ سامان سان سجايو پر مونکي تبديل نه ڪيو. ڪمري جي هر شيءِ تبديل ٿي ۽ نئين آئي، پر آئون اُهائي سندس ڪرسي رهيس. گوبند رام اڪثر منهنجي ٽيڪ تي هٿ ڦيري چوندو هو "هي منهنجي ليڊري جي پهرين نشاني آهي. منهنجي بري وقت جي ساٿي آهي آءٌ هن کي ڪيئن هٽائيندس؟"

ماڻهن ۾ سرڪاري حلقن ۾، توڙي ڪاروباري حلقن ۾ به هنجو اثر رسوخ وڌندو ويو. هو ماڻهن جا مختلف ڪم ڪار ڪرڻ لڳو ۽ انهن کان مختلف ڪم ڪار وٺڻ لڳو. آهستي آهستي سندس وچايل شهرت وري پروان چڙهڻ لڳي ۽ هاڻ هو شهر جو هڪ معزز ۽ شريف شهري ليکجڻ لڳو.

هن واري جي اليڪشن ۾ هن سسهڪ پارٽي جو ساٿ ڏنو ۽ اُنجي ٽڪيٽ تي اليڪشن وڙهيو. سسهڪ پارٽي جو نعرو هو "سيني سان صلح ڪريو." تنهنڪري هن دفعي گوبند رام چين، جپان، سري لنڪا، پاڪستان، آفريڪا، ايران، افغانستان مطلب ته سيني سان صلح ڪرڻ جو حمايتي ٿي ويو. اُنهن ڏينهن هنجو چهرو آلو آلو ۽ مسڪراهٽ ۾ ٻڏل باسندو هو. ڄڻ اُهو چهرو نه پر بناسپتي گيهه جو اشتهار هو.

ٿورن ڏينهن ۾ ميونسپل اليڪشن جو نتيجو نڪري آيو. نتيجن، نه ته سجڪ پارٽي ڪامياب ٿي جنهنجو نعرو هو "سيني سان جنگ ڪريو" ۽ نه ئي سسهڪ پارٽي ڪاميابي ماڻي سگهي جنهنجو نعرو هو "سيني سان صلح ڪريو" پر ماڳئين ڪسجڪ پارٽي سوپ ماڻي جنهنجو نعرو هو "ڪڏهن صلح ته وري ڪڏهن جنگ ڪريو"

گوبندرام هڪ دفعو وري ميمبر چونڊجڻ کان رهجي ويو. هو صحيح رستي تي گامزن هو. ليڊري جا بنياد مضبوط هئڻ گهرجن، نت ليڊري گهڻي وقت تائين جٽاءُ نه ڪري سگهندي. مختلف ماڻهن سان رابطا پيدا ڪرڻ گهرجن ۽ اُهي جيڪا به شيءِ گهرن، ڪوشش ڪري اُها شيءِ اُنهن کي ڏيڻ جو واعدو ڪرڻ گهرجي. صرف اُها پارٽي ڪامياب ٿي سگهي ٿي، جيڪا ماڻهن کي ووٽ وٺڻ وقت زياده کان زياده خوش ڪرڻ جون ڳالهيون ٻڌائي سگهي. اصول بظاهر نهايت اعليٰ هئڻ گهرجن. پر اندرواندر اهڙو حساب رکڻ گهرجي جو به وقت ضرورت اُنهن کي توڙي موڙي سگهجي. اهي سڀ ڳالهيون سوچي سمجهي گوبند رام هڪ نئين پارٽي جو بنياد رکيو. جنهنجو نعرو هو. "توهانکي ڇا ۾ فائدو آهي؟" هاڻ هن شهر جي مشهور شخصيتن کي پاڻ سان شامل ڪري ورتو. ميونسپل اليڪشن کان تمام گهڻو اڳ اُن پارٽي جون بنيادون مظبوط ڪيون ويون. گوبندرام اُن پارٽي جو منشور پيش ڪرڻ وقت جيڪا تقرير ڪئي، اُن سان سندس پارٽي جي مڪمل ترجماني ٿي ٿي. گوبند رام چيو. "اسانجي پارٽي صرف اها ڳالهه مدنظر رکندي ته توهانجو ڇا ۾ فائدو آهي؟ انڪم ٽيڪس وڌائڻ ۾ يا گهٽائڻ ۾؟ شهر جا رستا ويڪرا ڪرڻ ۾ يا سوڙها ڪرڻ ۾؟ بجلي جي چارج وڌائڻ ۾ يا گهٽائڻ ۾، ملازمن جون پگهارون وڌائڻ ۾ يا گهٽائڻ ۾؟ اسانجي پارٽي فقط اُهو ڪم ڪندي جنهن ۾ اوهانجو فائدو هوندو."

ڳالهه انتهائي معقول ۽ موزون هئي. جلد ئي ماڻهن جي دماغ ۾ ويهي رهي ۽ ميونسپل چونڊن ۾ ڇتو ڏسڻ ۾ آيو ٿي ته جيت انهي پارٽي جي ٿيندي، جنهنجو نعرو هو "توهانکي ڇا ۾ فائدو آهي؟" انهي پروگرام جي تحت گوبندرام ڪپڙن جي ڌلائي جو اگهه وڌائڻ ۽ صابڻ جو اگهه گهٽائڻ جي ڳالهه ڪئي. نلڪن ۾ پاڻي جي مقدار وڌائڻ ۽ پاڻي جي چارج گهٽ ڪرڻ جي سفارش ڪري ڇڏي. هن برهمڻن سان واعدو ڪيو ته چمڙي جي ڪاروبار تي پابندي وجهبي ۽ چمارن کي چيو ته اُنهن کي چمڙو سستو مهيا ڪري ڏنو

ويندو. مسواڙين کي چيو ويو تہ جاين جي مسواڙ گهٽ ڪئي ويندي ۽ جاين جي مالڪن کي چيو تہ هو مرمت جي بهاني پنهنجي مسواڙ وڌائي سگهندا.

ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن ميونسپل جي چونڊن جو نتيجو نڪتو تہ سيني کان زياده ووٽ "توهانکي ڇا ۾ فائدو آهي" واري پارٽي کي مليا ۽ اُنجا ميمبر سيني پارٽين کان گهڻي تعداد ۾ چونڊجي آيا. گوبندرام کي اڪثريت سان ميونسپل ڪميٽي جو صدر چونڊيو ويو.

ميونسپل ڪميٽي جي پهرين ميٽنگ ۾ جڏهن اهو سوال اُٿيو تہ "توهانکي ڇا ۾ فائدو آهي" تي ڪهڙي طريقي سان عمل ڪرڻ گهرجي تہ ڪافي دير تائين بحث ٿيندو رهيو. ڪنهن ڪجهہ چيو تہ ڪنهن ڪجهہ. ڪنهن کي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ ڪيئن انهي پروگرام تي عمل ڪيو وڃي جنهنجو هر نڪتو ٻئي نڪتي جي ابتڙ هو. آخر ۾ گوبندرام ڳالهايو "منهنجي خيال ۾ منشور ئي غلط آهي. "توهانکي ڇا ۾ فائدو آهي؟" انهي پروگرام کي بدلڻ گهرجي ۽ اُنجي بجاءِ انهي پروگرام تي عمل ڪرڻ گهرجي تہ "اسانجو ڇا ۾ فائدو آهي"

چئني طرفن کان واهہ واهہ ٿي وئي. صدر صاحب ڪهڙو نہ ڪارائتو نڪتو ڳولي لڌو "واه گوبندرام واه ! ڪهڙي نہ زبردست ۽ عقل واري ڳالهہ ڪئي اٿئي."

جڏهن کان گوبندرام جي پارٽي شهر هيمہ پور جي ميونسپل ڪميٽي تي قابض آهي، گوبند رام هاڻ آچاريہ گوبند رام چوائي ٿو. هن پنهنجو محلو ڇڏي سول لائن ۾ رهائش اختيار ڪئي آهي. هن ٻي شادي بہ ڪري ورتي آهي. جيڪا نئين فرنيچر جيان اپ _ ٽو_ ڊيٽ ۽ خوبصورت آهي. مونکي پراڻي گهر ۾ ڇڏيندي گوبند رام کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پر هنجي نئين فيشن ايبل زال انهي تي تيار نہ ٿي تہ ههڙي بد شڪل ۽ ٽٽل ڦٽل ڪرسي کي پنهنجي گهر ۾ جڳهہ ڏي.

آءُ اُن ڪانپوءِ الاهجي ڪيترن سالن تائين پراڻي گهر ۾ رهيس. ۽ نيٺ جڏهن منهنجي شڪل صفا خراب ٿي وئي ۽ ڪنهن بہ ڪم جي نہ رهيس، تہ ٻيڪو هڪ ڏينهن گهورڙيئي کي وٺي آيو ۽ مونکي اُنجي هٿ وڪڻي ڇڏيائين. وڪڻڻ جي وقت هنجي دل مان آهہ نڪتي ۽ آهستي چيو "هي منهنجي پٽ جي ڪرسي هئي!"

"تنهنجو پٽ ڇا ڪندو آهي؟"

"هو ميونسپل ڪاميٽي جو صدر آهي."

"صدر تہ آهي مگر ڪندو ڇا آهي؟" گهورڙيئي ٻيهر سوال ڪيو.

"خبر ناهي ڇا ٿو ڪري" ٻيڪو جواب ڏنو "منهنجي خيال ۾ هو اجان بہ ڪير ۾ پاڻي ملائي وڪڻي ٿو ۽ نقلي تماڪ واري ٻيڙي نمبر ون ڪري وڪڻي ٿو."

"اُن ڪانپوءِ واري داستان ڏاڍي تلخ آهي"

ڪرسي ٿوري دير لاءِ ساهي پٽي ۽ وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. "پهرين مونکي هڪ اهڙي ماڻهو خريد ڪيو جيڪو نهايت شريف، ايماندار ۽ غريب ماڻهو هو. پر مونتي ويهڻ سان ئي هو لڪين رپيہ

ڪمائڻ ۽ بي ايماني جا خواب ڏسڻ لڳو. جڏهن هو پنهنجي ڪرتوتن سبب جيل هليو ويو ته مون کي هڪ اهڙي ماڻهو خريد ڪيو جيڪو پهرين زال جو مڙس هو پر هن مونتي ويهڻ سان ئي زال کي گاريون ڏيڻ شروع ڪري ڏنيون ۽ اُنکي مارڻ شروع ڪري ڏنو. جڏهن سندس زال کي محسوس ٿيو ته هو اهي سڀ حرڪتون جڏهن ڪرسي تي ويهي ٿو تڏهن ئي ڪري ٿو. تنهنڪري ڇو نه اُن ڪرسي کي ئي ڪڍي ڇڏجي. اهڙي طرح هن مونکي گهر کان ٻاهر ڦٽي ڪري ڇڏيو.

ٻاهر فٽ پاٿ تان مونکي هڪ گونگي فقير کڻي ورتو. بدقسمتي سان جيئن ئي هو مونتي ويٺو هنجي زبان جا چڙ بند ٽٽي پيا ۽ هو مسلسل ڳالهائيندو رهيو. هو لڳاتار ست راتيون ۽ ست ڏينهن ڳالهائيندو رهيو. ۽ اُهو ڪجهه ڳالهائڻ لڳو جيڪو ڪڏهن گوبندرام ڳالهائيندو هو. ڊاڪٽرن هنجو تمام گهڻو علاج ڪيو مگر هنجو ڳالهائڻ بند نه ٿي سگهيو ۽ هڪ ڏينهن هو ڳالهائيندي ڳالهائيندي مري ويو. اُن ڪانپوءِ هي اسماعيل ڀائي مونکي خريد ڪرڻ آيو. ۽ هاڻي الاهجي مونکي ڪنهن وٽ وڃڻو پوندو؟ مگر آءٌ ڪيڏانهن به وڃان منهنجي روح ۾ گوبند رام جون خاصيتون ايئن رچي ويون آهن ،جو آءٌ جتي به هونديس، اُن مشهور ليڊر گوبندرام جي ڪرسي ئي ٿي رهنديس.”

ليڊر جي ڪرسي پنهنجو داستان ٻڌائي خاموش ٿي وئي. محفل ۾ ٿوري دير لاءِ ماٺ ڇانئجي وئي.

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي. اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي. ۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:**

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**


پراڻو قرض
ڪهاڻيون
ڪرشن چندر سنڌيڪار: پون سنڌي
-اسحاق مگريو